# ماٺ پيڙا ڏو سڌ جو



ناز سنائي

# مان پڙاڏو سڏ جو

[ سنڌ جي پندرنهن شخصيتن تي پڙهيل مقالا]

ناز سنائي

ناز سنائي فائونڊيشن
حيدرآباد سنڌ
2002ع

سمورا حق ۽ واسطا فائونڊيشن وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: مان پڙاڏو سڏ جو
موضوع: مضمون ۽ مقالا
ليکڪ: ناز سنائي
ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2002ع
ڪيليگرافي : سائره
ڪمپوزنگ : ناز ڪمپيوٽر اڪيڊمي
آفس نمبر 18- سيڪنڊ فلور، شيلٽر ڪينٽ
شاپنگ مال ڪينٽونمينٽ، حيدرآباد سنڌ.
فون نمبر: 784350 فيڪس 782357
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
قيمت -/100
هڪ سؤ روپيا فقط

ناز سنائي فائونڊيشن، ڪتاب نمبر پهريون

MAAN PARADO SAD JO
By: Naz Sanai
Published by: Naz Sanai Foundation, Sindh.
Office No. 18- Second Floor, Shelter
Shopping mall Cantonment, Hyderabad Sind.
Phone: 784350 Fax:782357
Foundation Book No. 1-Oct: 2002
Per Copy: Rs 100/-
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سنڌ جي تمام وڏي عالم

# ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻيءَ

# جي نالي

**ناز سنائي**

# سنتاءُ


• ٻه اکر 5
• ناز جو فڪري احساس ۽ اسلوب- ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي 15
• حيدر ۽ سنڌي هاري (ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ تي مقالو) 21
• سنڌ جو عظيم سپوت - (شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ تي مقالو) 35
• جيجي زينت چنا ۽ سندس ڪردار (زينت چنا تي مقالو) 43
• موهن متيءَ جي ميراث (موهن ڪلپنا تي مقالو) 49
• "ارشد" جي شاعري ۾ ارشد (عبدالحڪيم ارشد تي مقالو) 53
• اهڙي دنيا جتي محسن ڪي چون آواره (محسن ڪڪڙائيءَ تي مقالو) 63
• مضبوط ارادن جو شاعر - (ادل سومري تي مقالو) 77
• ٽُٽل دليون، ٽُٽل سپنا - (صرير پنهور تي مقالو) 87
• محبتن جا گلاب (آسي زمينيءَ تي مقالو) 95
• اسين ساٿي سچ جا (غلام حسين رنگريز مقالو) 113
• چٽنگ ڏکائي، لاٽ جلائي (منظور ظفر تي مقالو) 121
• مان پڙاڏو سڏ جو (رُڪ سنڌيءَ تي مقالو) 131
• عزيز - انساهه ڏياريندڙ ڪهاڻيڪار (عزيز چند تي مقالو) 141
• ساپيائن ڪان رُنل سپنا (الطاف ملڪاڻيءَ تي مقالو) 151
• شاعري - احتجاجي آواز (مقبول ماروءَ تي مقالو) 159

# ٻه اکر

"مان پڙاڏو سڏ جو" ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ آهي. جنهن ۾ منهنجا پندرهن مضمون / مقالا آيل آهن. جيڪي مون مختلف شخصيتن لاءِ، انهن جي ورسين، شامن ۽ ٻين تقريبن ۾ پڙهيا آهن. مان پنهنجي زندگيءَ تي نظر ٿو وجهان ته مون مختلف پليٽ فارمن ۽ فورمن تان، پنهنجي ڌرتيءَ جي ساڃهه وند ماڻهن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه پئي ڪيو آهي. شامون/ رهاڻيون/ مهورتون/ جشن ڪينجهر/ ايوارڊ/ ليڪچر/ ڪتاب ۽ ٻيا ڪم پئي ڪيا آهن. مون ڪيترن ئي ماڻهن کي مڃتائون ڏنيون آهن. انهن جون عزتون ڪيون آهن. مون انهن جي خاصيتن ۽ خوبين کي دل جي سمورين درين کي کولي بيان پئي ڪيو آهي، پر انهن جي خامين ۽ خرابين کي به بيان ڪيو آهي. ماڻهو ڪيڏو نه هيٺو ۽ هيڇو آهي. جو پنهنجي شان ۾ هزارين ڳالهيون ته ڪشادي دل سان ٻڌندو آهي، پر هڪڙي ننڍڙي خامي به ٻڌي نه سگهندو آهي. ماڻهوءَ جون هزار نيڪيون ڪريو. اُن جون ڪوڙيون سچيون وصفون بيان ڪريو. هو ڪڏهن به اوهان کي نه چوندو ته اوهان جيڪا خوبي مون ۾ ڄاڻائي آهي. اِن جو مون ۾ هئڻ ته پري پر ان جي واقفيت به ڪانه اٿم. پر ان جي هڪڙي سچي خامي بيان ڪريو ته سموريون دوستيون، دشمنين ۾ تبديل ٿي وينديون. سموريون آشنايون. نا آشنائين ۾ بدلجي وينديون. معاملو دوستيءَ مان وڃي دشمنيءَ تي پهچندو!

مون تي الائي ڪهڙو ڀوت سوار آهي ۽ آءٌ ان خوشفهميءَ ۾ آهيان ته جيڪڏهن مان ڪنهن جي خامي بيان ڪريان ٿو ته ان جي سچي دوست هئڻ جو مظاهرو ٿو ڪريان. پر ائين ڪونهي. هتي سچو دوستيت اهو آهي جو منهن تي، ٻئي دوست جي هر ٻري ۽ ڪُڌي ڪم کي ساراهيندو هجي. ان جو ساٿ ڏيندو رهي ۽ پر پٺ ان کي گارين ۽ ٻراين ۾ ياد ڪندو رهي. اسان وٽ سچي دوستيءَ جو تصور اهو آهي. روبرو ڪنهن کي چئو ته تو ۾ هيءَ خامي آهي ته اوهان جڻ سوئر جي وڇن کي تيز ڪري، پنهنجي جسم ۾ ان کي کپائڻ لاءِ تيار ڪري ورتو!

هڪ ڳالهه سوچڻ جي آهي ته هن وقت هزارين ماڻهو منهنجيون خوبيون ۽ خاصيتون بيان ڪندا رهن ۽ مون سان ويجهڙي هئڻ ناتي، پنهنجي دوستيءَ جو حق ادا ڪندي، مون لاءِ نه معلوم ڇا ڇا لکن! منهنجي خرابيءَ خاميءَ کي بيان نه ڪن ۽ منهنجا همعصر اهو فرض ادا ئي نه ڪن ته جڏهن اسان مان، اسان جي دور جو ڪوبه ماڻهو سلامت نه هوندو ۽ اسان بابت

ماڻهوءَ جو پتڪو هن لاٿو؟ پتڪي لاهڻ ۾ دير نہ لڳندي آهي. پارائڻ ۾ عرصو لڳي ويندو آهي. هزارين خيال، خدشا، وسوسا، گمان ۽ انديشا ڪر ڪٽندا آهن ۽ پتڪي جي ور ور تي سوچڻو پوندو آهي. ڪنهن کي پتڪو پارائڻ ڪانپوءِ، نہ رڳو پتڪي پائڻ واري پر پارائڻ واري کي بہ خوشي ۽ تسڪين ملندي آهي ۽ هو پئي فخر محسوس ڪندا آهن. اتي پنهي تي اهم ذميواريون ٿيون عائد ٿين، پتڪي پارائڻ واري جي ذهن ۾ رڳو اهو هوندو آهي تہ پڳ پائڻ وارو همراهہ، ان جي اعتماد کي برقرار رکي، اها پڳ ميري ٿيڻ نہ ڏئي ۽ اها ساڳي ڳالهہ پڳ پائڻ واري تي بہ عائد ٿئي ٿي!

دودي چنيسر جو جهيڙو ڇا تي هو؟ چنيسر وڏو هو، راڄ فيصلو ڪيو تہ چنيسر وڏو ڀاءُ آهي، پڳ ان تي لازم آهي ۽ جڏهن ان کي پڳ ٻڌائڻ جو فيصلو ٿي ويو تہ هو اجازت وٺڻ لاءِ پنهنجي ماءُ ڏانهن هليو ويو ۽ جڏهن اجازت وٺي واپس پهتو تہ راڄ وارا دودي کي پڳ ٻڌائي رهيا هئا. اهو راڄ، جيڪو گهڙيون اڳ، چنيسر کي پڳ ٻڌائڻ جو فيصلو ڪري چڪو هو، انهن چنيسر جي پڳ ڦرڻ ۾ دير ڪئي؟

اوهان ڪنهن جنگ ۾، ڪنهن کي بہ سپهہ سالار ڪري موڪليو، ڪوبہ سپاهي ميدان ڪارزار ۾ موڪليو، ڪهڙين اميدن سان ان کي موڪليندئو؟ ۽ جي اهو اوهان جي اميدن تي پورو نہ لهي، ميدان جنگ مان شڪست کائي، اوهان جي اميدن تي پاڻي ڦيري، ٻڌل پتڪو مٿي تان لاهي، ڀڄيءَ ۾ وڃي اچي تہ اي قوم! ٻڌاءِ تنهنجي هٿن ۾ ان لاءِ هار هوندا؟

هڪڙو مجسمي ساز آهي، اهو سالن کان هڪڙو خاڪو ذهن ۾ ناهي، مجسمو تيار ٿو ڪري، اوهان مجسمي جي خوبين کي بيان ڪرڻ سان گڏ، ان جي خامين کي بيان نہ ڪندئو؟ هڪڙو فنڪار، پنهنجي فن سان بي پناهہ پيار ٿو ڪري. پنهنجي فن جو اوهان آڏو مظاهرو ٿو ڪري، اوهان ان جي فن تي گهربل موقعي تي داد نہ ڏيندا آهيو ۽ غلطيءَ جي موقعي تي پهنجي ناراضپي جو اظهار نہ ڪندا آهيو؟

مون پتڪا تہ لاٿا ئي ناهن، مون پتڪا پارايا آهن ۽ گڏوگڏ انهن جي پائيندڙن کي ٻڳن جي عزت ۽ آبرو بچائڻ لاءِ وقت بوقت خبردار پئي ڪيو آهي، پتڪي تي لڳل مير کي پئي ڇنڊيو ۽ ڦوڪيو آهي! جي مان پتڪي تي چڙهيل اها مٽي لاهڻ لاءِ هٿ ٿو وڌايان تہ ان کي پتڪو لاهڻ جو ٿو تصور ڪيو وڃي؟ اوهان منهنجي زندگيءَ تي نظر وجهي ڏٺو آهي تہ مون سنڌي ماڻهن جي پتڪي جي سلامتيءَ لاءِ ڇاڇا نہ پئي ڪيو آهي ۽ ڇاڇا نہ ڀوڳيو آهي! اها ڀوڳنا گهٽ آهي تہ منهنجي عمل کي سمجهيو ئي ابتو وڃي!

منهنجي لکڻ ۾ تيزي ضرورت آهي. سڀ چوندا آهن، آءٌ خود مڃان ٿو تہ خود جڏهن مان پاڻ پنهنجيون تحريرون پڙهندو آهيان تہ حيران ٿيندو آهيان تہ مون ۾ ايڏي تيزي ڇو آهي؟ ايڏي شڪتي مون ۾ ڀلا آئي ڪٿان آهي

حساب سان اڳ جو آهي، اهو عبدالحڪيم ارشد بابت آهي، اهو 1977ع جو زمانو هو. جڏهن مان رڳو ارڙهن سالن جو هوس ۽ مئٽرڪ جو شاگرد. اهو فنڪشن بدين ۾ ٿي رهيو هو. چٽنگ سنگت، ٻارڙن جي تنظيم، جنهن جو مان باني هوس، ان زماني ۾ سنڌ ۾ ڪافي ڪم ڪيو. ان تنظيم کي جيئي سنڌ تحريڪ جي ذيلي برانچ سمجهيو ويندو هو. حالانڪ ان جو بنياد رکڻ وقت، منهنجي ذهن ۾ اهو ڪونه هو ته اڳتي هلي ائين ٿيندو جو اها خالص ٻاراڻي ادبي تنظيم، سياسي طور تي ان تحريڪ سان لاڳاپجي ويندي، جنهن سان مان لاڳاپيل هوس. بدين ۾ ٿيندڙ عبدالحڪيم ارشد سان اها شام، گلن جهڙا ٻارڙا تنظيم طرفان ملهائي پئي وئي. جيڪا ٻاراڻي تنظيم به ان وقت سنڌ ۾ ڪم ڪري رهي هئي. مون ان جي ڪيترن ئي ڪرايل پروگرامن ۾ تقريرون ڪيون. ان تنظيم کي ۾ هوندي به ڪيترا نوجوان، منهنجا هم خيال هوندا هئا. مون کي ويجهڙا ۽ قريب هوندا هئا. ممڪن آهي ته اڳتي هلي تڙيل پکڙيل مواد مان، پيو به اهڙو مواد / مضمون ملي وڃن، جيڪي مون گلن جهڙا ٻارڙا جي پروگرام ۾، مهمان طور پڙهيا يا تقريرون ڪيون.

بدين ۾ ٿيل ان پروگرام جي ياد اڃا به ذهن تي اٿم. ان پروگرام جي صدارت ناميارو شاعر استاد بخاري ڪري رهيو هو. سائين جي ايم سيد، ان جي ڪيترن قطعن ڪري مٿس ناراض هو. ان جي بائيڪاٽ جو حڪم ڏئي چڪو هو. اهو اسان جو سائين ته بادشاهه ماڻهو هو. ان جي نظر ۾ رڳو سنڌ جي ڳالهه هوندي هئي. بخاري، ان ڳالهه تان ترڙندو هو ته ان جو بائيڪاٽ، جي اياز ترڙندو هو ته اياز جو بائيڪاٽ. مون جڏهن اهو مقالو اسٽيج تي پڙهيو پئي ته حاضرين تاڙيون وڄائي رهيا هئا ۽ ارشد ۽ استاد ڳاڙها ٿي رهيا هئا. مون کان پوءِ جيڪي مقرر آيا، خاص طور ارشد ۽ استاد ته انهن مون کي اڻ سنڌي طور گستاخ چيو، جو مان وڏن سان ان طرح ڳالهائي رهيو هوس!

عبدالحڪيم ارشد جي زبان جو سنو شاعر آهي، ان زماني ۾ جڏهن ان جي ڪلام جو مجموعو "ڏيئا ذات جا" ڇپيو هو. تڏهن ان کي پذيرائي ملي رهي هئي. ان پروگرام کان سواءِ سڪرنڊ ۾، ان ڪتاب جي مهورتي تقريب ابراهيم جويي هتان ٿي هئي ۽ مون اتي به هڪڙو پيپر پڙهيو هو. جيڪو اتي منتظمين مجموعي ۾ آڻڻ جي وعدي تي وٺي رکيو ۽ اهو مون وٽ محفوظ نه رهي سگهيو. ارشد اڳتي هلي پوءِ ڪيترو عرصو چڻ ادبي ميدان ڇڏي هليو ويو. ان عرصي دوران مون کي ڪنهن ٻڌايو ته هو علم نجوم ۾ وڏي مهارت حاصل ڪري ويو. هاڻي وري ان جي ادبي دنيا ۾ واپسي ٿي آهي، ان جو ساڳيو ڪتاب ٻيهر ڇپجي چڪو آهي ۽ ان جو نئون ڪلام به مختلف رسالن ۾ اچڻ لڳو آهي.

ان کان پوءِ 1978ع آهي، جنهن سال جا به مقالا، هن مجموعي ۾

۾ موجود آهي. ڇپيل ڪان وڌيڪ اڻ ڇپيل. هن ڪتاب ۾ جيڪي پندرهن پيپر ايل آهن انهن ۾ ٻه ست پيپر. ڇپيل آهن ته اٺ اڻ ڇپيل. سائين جي ايم سيد جي حوالي سان ڇپيل مضمونن جو مجموعو. "تو پڇاڻان سپرين" جي نالي ڇپجي چڪو آهي. ڪيترين شخصيتن تي منهنجا هڪ کان وڌيڪ مضمون آهن. مثال طور استاد بخاري، شيخ اياز وغيره. اهي الڳ رکيا ويا آهن ۽ انهن کي الڳ ڪتابي صورت ۾ آڻبو.

1991ع جا ٻي پيپر. هن مجموعي ۾ آيل آهن. جيجي زينت چنا، غلام حسين رنگريز ۽ صرير پنهور - جن مان زينت چنا ۽ رنگريز وارا پروگرام، حيدرآباد شهر ۾ صرير. پنهور جي ورسي ٽنڊي جام پرسان ڳوٺ موسيٰ ڪٽياڻ ۾ ٿي هئي.

زينت چنا، جيڪا اسان وٽ جيجيءَ طور مشهور آهي، اها مون کانءِ ڏني هئي. ناري سنگت جيڪا نذير ناز جي عورتن جي تنظيم آهي. ان طرفان پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ زينت چنا جي ورسي ملهائي وئي هئي. آءٌ ائين دعوت تي ويو هوس. اوچتو مون کي تقرير لاءِ سڏيو ويو. پوءِ مون کي اها تقرير هڪڙي دوست ٽيپ رڪارڊر تان لاهي ڏني. مون کي ياد ٿو اچي ته مون کي غور سان ٻڌو پئي ويو. حاضرين تاڙيون وڃائي رهيا هئا ۽ منتظمين پرچيون ڏيڻ ۾ پورا هئا ته مان سياست تي پيو ڳالهايان. جيڪڏهن مون ان طرح ڳالهايو ته ڪين آئيندي پاڪستان نيشنل سينٽر تقريبن لاءِ نه ملندو. پر مون تقرير پوري ڪري بس ڪئي ۽ ناري سنگت طرفان اها مون کي آخري دعوت هئي!

غلام حسين رنگريز به جفاڪش ماڻهو آهي. هن سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل دوران يا اڳ ۽ پوءِ به ڪافي ڪم ڪيو آهي. هو مخلص ماڻهو آهي. ادبي طور تيءَ هن ڪافي ڪجهه ڪيو آهي، پر جيترو ڪم هن کي ڪرڻ گهرجي ها، اوترو هو نه ڪري سگهيو. اڪثر جڏهن ان کي چئبو هو ته رنگريز، تون ڏاڍو سٺو ٿو لکين، تو کي لاڳيتو لکڻ گهرجي ته هو چوندو هو ته رٽائرڊ ٿي هو لاڳيتو لکندو ۽ رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ هو وڪيل بنجي ويو ۽ ميڙ چونڊ جي چڪر ۾ اهو لکڻ به وساري ويٺو!

1992ع جا ٻه پيپر آهن. هڪڙو شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ تي، ٻيو موهن ڪلپنا تي. هو ٻئي سنڌ ۽ سنڌي زبان جا محسن هئا. موهن ته مون ڏٺو ئي ڪونه، ان جي ڪيترين تحريرن کي، مون پنهنجي اداري طرفان ڇاپيو آهي. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جا شفقت ڀريا هٿ مٿي تي پيا.

1993ع جا ٻه پيپر آهن. هڪڙو آسي زمينيءَ تي، ٻيو عزيز چنڊ تي. آسي زميني سٺو شاعر. عزيز، اڀرندڙ ڪهاڻيڪار. عزيز اديبن جي بڪ ۽ بدحاليءَ کان خائف ٿي، پئسن جي ميڙ چونڊ ۾ لڳي ويو ۽ هاڻي شايد هو ڪڏهن به لکي نه سگهي. باقي آسيءَ کي پنڻ ۾ مزو. قلمڪار انتهائي خود

دار ۾ متي قريا هوندا آهن. پنهنجي انائن کي جهڪڻ ئي نه ڏيندا آهن ٻر منهنجي هٺ اکين. پنهنجي سڄي زندگيءَ ۾، اسيءَ جهڙو شخص ٻيو نه ڏٺو! جنهن کي روپيو ڏئي، ان کان پنهنجي پيءُ کي ٻه پوندو ڏياري سگهجي ٿو!

1994ع جو هڪڙو پيپر، نوجوان الطاف ملڪانيءَ تي پڙهيل آهي.هو پيٽ جي باهه اجهائڻ لاءِ صحافي بنجي ويو. هو ڏاڍو سادو ۽ پلو نوجوان آهي. ان جي ڪتاب کي مون ڇپايو ۽ ان جي مهورتي تقريب به منهنجي اداري پاران ٿي. هن مون سان ڪينجهر ۾ ڪجهه عرصو گڏجي ڪم ڪيو ۽ پارٽي پرچي گلستان ۾ پڻ. هن جيڪو عرصو مون وٽ ڪم ڪيو، قومي خدمت سمجهي ۽ مون. ان سڄي عرصي ۾ هن ۾ هڪڙي ٽڪي جي به طمع نه ڏٺي!

1995ع جو به هڪڙو پيپر آهي. ڊاڪٽر مقبول ماروءَ جي ڪتاب جي مهورتي تقريب دوران پڙهيل. هو به ڏاڍو سٺو ماڻهو آهي. شروع کان وٺي ادب سان سلهاڙيو اچي. ان جو ڪتاب به منهنجي اداري پاران ڇپيو ۽ مهورتي تقريب به ٿي.

منهنجا هي پندرهن مقالا/ مضمون/تقريرون، منهنجي زندگيءَ جي مختلف خيالن بابت پڻ ڄاڻ ڏئي سگهندا. ڇاڪاڻ ته مون سڄي زندگيءَ ۾ ڪٿي به، پنهنجي خيالن کي ظاهر ڪرڻ کان نه ڪيٻايو آهي. جيڪي به دل ۾ آيو اٿم، چئي ڏنو اٿم. ان جي ٻري ڀلي ۽ نتيجن بابت ڪڏهن به نه سوچيو اٿم. ڪڏهن به ڪا مصلحت آڏو نه رکي اٿم. اهو ئي سبب آهي جو مان دوستن لاءِ "ڪڙو بادام" رهيو آهيان. منهنجون هي تحريرون. تاريخ جو حصو آهن. جيڪي پڙهندڙن آڏو آهن. مون کي خاطري آهي ته منهنجيون تحريرون، سنڌ کي، ان جي شاندار مستقبل ۾ ڪم اينديون. جنهن کي شاندار بنائڻ لاءِ، منهنجو به وڏو ڪردار آهي ۽ هي تحريرون، ان ڪردار جو هڪڙو حصو آهن. جڏهن سنڌ جي هاڻوڪي دور جي تاريخ لکي وئي ته مون کي وشواس آهي ته سنڌ پنهنجي هن ارڏي ۽ اڻ موٽ پٽ کي وساري نه سگهندي!

19 ڊسمبر 1998 **ناز سنائي**

20- صائمه پلازا

هالا ناڪو، حيدرآباد سنڌ.

مقدمو

# ناز جو فڪري احساس ۽ اسلوب

ناز سنائيءَ سان مراسم رکندي مون کي اجا گهڻو عرصو نہ ٿيو آهي، تاهم، مون محسوس ڪيو آهي تہ هو سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان پيار ڪندڙ ۽ ان کي وڌائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جو هڪ سچو جذبو رکي ٿو. منهنجي سائنس چاهت ۽ نزديڪي قرابت پيدا ٿي وڃڻ جو بنيادي سبب بہ شايد اهوئي آهي. سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ سان جڻ تہ منهنجو روحاني رشتو رهيو آهي ۽ ان کي بلنديءَ تي ڏسڻ لاءِ وارفتہ رهندو آهيان. انڪري ئي شايد مون کان جيڪو بہ دوست ڪجهہ لکي ڏيڻ جي تقاضا ڪري ٿو، تنهن کي آءٌ پنهنجو قومي فرض سمجهي نڀائيندو رهندو آهيان. البت طبع جي ناسازي ۽ دنياداريءَ جا معاملا مون کي لکڻ ۾ حائل ضرور ٿيندا آهن، تاهم پنهنجي فرض ادائيءَ ۾ غافل ناهيان. ناز جي ئي چوڻ تي هن جي ڪتاب تي لکندي هيءَ خيال آرائي ڪئي اٿم. ان مان منهنجو مقصد صرف ايترو آهي تہ سندس تخليقي افاديت کي اهل فن سان روشناس ڪرايان ۽ پنهنجا تاثرات پڙهندڙن تائين پهچائي سگهان!

ناز سنائي جي قدڪاٺ يعني تہ ظاهري ڏيک Appearance مان شايد ڪنهن کي ڪا تابناڪي بڪندي نظر نہ ايندي هجي پر ايترو ضرور چوندس تہ هُو هڪ متحرڪ شخصيت رکي ٿو ۽ حقيقي طور هڪ عملي انسان آهي. هُو سائين جي-ايم سيد جي فڪري مدرسي جو پرورده شاگرد ۽ قوم پرستانہ فڪر جو پيروڪار آهي. جنهن جي حق ادائي هو پنهنجي ذهانت ۽ قلم وسيلي وَس آهر ڪري رهيو آهي. هُن کي پنهنجو هڪ مخصوص ادبي علمي نقطہ نگاهہ آهي ۽ هڪحد تائين نتيجي خيز مطالعو رکندڙ ۽ تنقيدي پرک جو مَلڪو رکي ٿو. هن جي هرڪا تجويز هڪ فڪري احساس جي ڪوسي مان جنم وني ٿي، سندس ڪتاب جا مختلف مضمون پڙهندي ان ڳالهہ

جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اڄڪلهه ناهمواريون پوٽ بنجي سنڌي ادب ۽ سنڌي ٻوليءَ پويان لڳل آهن. سنڌي اديب حيران ۽ پريشان آهي ته حاضر دور جي ادبي شعور ۾ سنڌي انسان کي ڪهڙي آئيني ۾ ڏسي؟

تاريخي شڪستن جي آئيني ۾ ڏسي يا ان قدآدم آئيني ۾ سنڌي انسان کي ڏسي، جنهن ۾ هُو قدبت جو سنمورو زور لائي ڀرپور وڪون کڻي رهيو آهي؟ ڪهڙي سنڌي ماڻهوءَ کي اديب پنهنجي تخليق ۾ پيش ڪري. اُهو قديم سنڌي جيڪو مُهن جي دڙي ۾ شان مان سان گڏ پنهنجي ثقافت ۾ گذاريندو هو يا هاڻوڪو سنڌي جيڪو ثقافت جي ڇيهون ڇيهون لباس ۾ پنهنجن ئي شهرن ۾ ويڳاڻو ڀٽڪي رهيو آهي! هيءَ دنيا سائنس، سياست ۽ معاشيات مان اُڀري تمام وَڏا سوال پيدا ڪري رهي آهي. جنهن لکڻهارن جي تخليقي صلاحيت کي امتحان ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. ناز ٻڌائي ٿو ته حاليه دور ۾ سنڌي اديب تخليقي اُڏام لاءِ پَر سوهي ٿو پر بلنديءَ تي رَسندي رَسندي منهن اونداهي تي وڃيس ٿي يا واڇوڙي جي زد ۾ اچي وڃي ٿو. انڪري هُو هراسان ٿي اُبهرائي ۽ گمراهيءَ وچان وري ڪنهن واهيري کي ڳولڻ لاءِ نڪري وڃي ٿو. پوءِ ڪي پکي هميشه لاءِ واٽن ۾ گم ٿي وڃن ٿا ته ڪي آنڙجي آنڙجي ٻُوڙهن ۾ وڃي لڪن ٿا. يا ڪي نديڙا پکي پوري اُڏام نه اچڻ سبب ڦٽڙڪي ڦٽڙڪي وري به لام تي وڃي ويهن ٿا. بهرحال سنڌي اديب عظيم تضادن ۽ المين ۾ پاڻ ٽنگائي رهيو آهي. ناز اهڙن ڪيترن قلم ڪارن کي فليش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. محسن، ادل، آسي، عزيز، الطاف، صرير ۽ ارشد ۽ ٻيا به جيڪي واٽ جا پانڌي بنجي اوجهڙن ۾ هلندا رهيا ۽ پنهنجا پير ڦلڪٽا ڪري ڇڏيائون!

هن مجموعي ۾ ڪتابي مهورتن جي سلسلن ۾ ڪيل تقريرون يا وري عالمانه شخصيتن جي ورسين تي پڙهيل مقالا يا اديب ۽ شاعر دوستن سان ملهايل شامن تي ڪيل خطابن تي مُبني تحريرون آهن. جيڪي ناز سنائيءَ مختلف مقامن ۽ موقعن تي انجام ڏنيون هيون. هي ڪي محض رواجي تحريرون ناهن بلڪ ادبي ۽ فني اظهار جو نمونو آهن. هنن ۾ تنوع آهي،

انڪري جو انداز بيان ۾ شخصي خاڪن ۽ افڪار جو عڪس جا بجاءِ نڪريو بيهي. ان کان علاوه ڇڙوڇڙ سوچ بجاءِ انهن ۾ جامع پيغام ڏنل آهي. هر قوم کي سدا حيات ڪردارن جي ڪارنامن ڏانهن متوجه ڪري منجهن روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پولڪار قوم کي پڏائي ٿو ته اسان گهٽو ڪجهه وڃايو آهي. تاهم قومي شعور کان آگاهي حاصل ڪري اسين وري به منزل سان همڪنار ٿي سگهون ٿا.

آئون ته ائين چوندس ته اسلوب سليس ۽ روان هئڻ سان گڏ باوصف پڻ آهي. ناز جو مقصد ته اندازِ فڪر جي ماتحت ٿئي ٿو پر مضمونن جو اصلي جوهر سندس بي ساخته ۽ شگفته انداز بيان ۾ آهي، هُو ڳالهه کي ڪٿي به فلسفيانه يا خشڪ ڪونه ٿو بنائي. هن جي تقرير يا تبصري ۾ شيرين ۽ لطيف تمثيلي پيرايو ته ڪٿي وري روماني لب لهجو ملندو. ڪٿي ڪٿي شعرن يا بيتن جي چاشنيءَ سان بيان کي وڻندڙ بنائي ٿو. دراصل هر ادبي ترسيل ۾ ڪشش جو باعث سندس پنهنجي شوخي هوندي آهي. هُو تعلقات ۾ رک رکاءُ جو قائل ڪونه ٿو ڏسجي. انڪري بعضي اظهار اُجهِرو به ٿي وڃي ٿو. هن جي مزاح ۾ وضعداريءَ جو لحاظ ته شامل هوندو آهي. تاهم تنقيد هڪ سنجيدو عمل آهي. شوخ انداز وڻندڙ ته لڳي ٿو پر ظرافت يا مزاح جي ان ۾ گهٽ گنجائش هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو ناز پنهنجي فنڪارانه خيال کي نهايت واضح ۽ غير مُبهم طريقي سان بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ته وڃي ٿو مگر ان جو تاثير منطقي استدلال کان مختلف هوندو آهي. بهرحال هنن تحريرن مان ناز سنائيءَ جي ولوله انگيز شخصيت ڪرَ موڙيندي محسوس ٿئي ٿي جنهن سان سندس ايثار جو جذبو، بلند حوصلو ۽ سنڌي ادب سان لڳاءُ ۽ قومپرستيءَ جي پختگيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

روزمره تعلقات ۾ ناز جڏهن دوستن سان هم ڪلام هوندو آهي تڏهن به مزاح جو رنگ جهلڪندو رهندو آهي. ڳالهه ڪٿي ڪيڏي به سنجيده هجي ته به سندس بي ساخته گفتگوءَ مان بي اختيار خوش مذاقي ٽپڪڻ لڳندي آهي. ٻه ٽي مهينا اڳ ۾ پريس ڪلب ۾ نجم عباسيءَ جي پهرين ورسيءَ جو ڏماڙو هو، جيڪو ناز سنائيءَ جي اداري طرفان ملهايو پئي ويو. ان ۾ مُهمان

خصوصي طور مون کي شريڪ ٿيڻ لاءِ گهرايو ويو هو. آئون ۽ منهنجو دوست حيدر علي خان پريس ڪلب ۾ فنڪشن لاءِ چاڻايل ٽائيم کان جيتوڻيڪ ڪلاڪ کن دير سان پهتاسون تہ بہ ڇهل پهل اڃا خيرڪي هئي. ناز سنائي گيٽ جي اندر احاطي ۾ بيٺل هو. مون ڪانئس معلوم ڪندي پڇا ڪئي "ڇو ناز اڃا اديب دوستن مان ڪوبہ ڪونہ ٿو ڏسجي؟"هن هڪدم پارڪ ڏانهن اشارو ڪندي چيو!

"ڏسو ڪونہ ٿا ٻونگل شاھہ جو ٻنبُ هوڏانهن لڙو پيو اَٿوَ، وچ ۾ تاجل بيوس بہ ويٺو آهي."

ناز اهو سيڪجهہ بنان ڪنهن تردد جي بي ساختگيءَ ۾ ادا ڪري ويو پر اسان کل کي روڪي نہ سگهياسون! اهو مانائتو رمارڪ ادبين لاءِ ڪوڙ هو!

اها ئي بي ساختگي هُن جي تحريرن ۽ تقريرن ۾ بہ ساڳي هوندي آهي. جيتوڻيڪ لکڻهار سندس ڪاوشن کي پنهنجي پَر ۾ تنقيدي مضمون طور بہ نيايو آهي، تاهم انهن جي ڪيفيت يا ماهيت "تنقيدي انداز" واري هرگز ناهي، ڇوتہ موضوع سان ورتاءُ نوس تدريجي Analytical نہ آهي. البت اسين ان کي "ادبي مطالعي" جو هڪ خوش دلانا اظهار چئي سگهون ٿا. اهو سيڪجهہ اتسامت Inspiration ماتحت ئي هُن لکيو آهي. يا ائين ڪٿي چئجي تہ مصنف جو فڪري احساس ئي هر مضمون جو بنياد آهي. دراصل سندس تحرير Writing يا تخاطب Oratory ۾ ڪوبہ فرق ناهي. هن جو هلڪو ڦلڪو اظهار احساس عقل ۽ فهم سان گڏجي شخصيتن ۾ جان پيدا ڪريو ڇڏي. سندس اسلوب ۾ واقعيت سان گڏ ساڳو لطيف مزاح جو عڪس ڪيڏيندو رهي ٿو، جنهن ڪري ڪابہ اهڙي پيراگراف ناهي، جنهن کي دلڪش نہ چئي سگهجي!

مقبول مارو جي شاعريءَ جي مجموعي تي ناز جي تاثرات جو اظهار ڏسو!

> "ڪتاب ۾ شاعري مقبول ماروءِ جي آهي. اڪين ۾ اُهو ٿو ڪنهن کي ويهاري، پر ٽائيٽل تي اڪيون پوري محبوبہ ويٺي آهي. اتي اُڪيون پُوريل تہ مقبول ماروءِ جون هجن ها

۽ اسين ڏسون ها تہ ويچاري جون اکيون پوريون پيون آهن يا تہ کو انهن ۾ وينو اٿس يا ان جا سپنا پيو ڏسي. ڇو تہ سپنا پوريل اکين سان ئي ڏسي سگهبا آهن!"

وري بيگم زينت چنا تي پڙهيل مضمون مان هي تراشو ڏسو!

"دوستو، سنڌي اخبارن بہ اسان سان وڏو ويل ڪيو آهي. اوهان کي زينت چنا بابت ڪابہ معلومات ڪانہ ڏينديون نہ اُن جي ورسي تي مضمون ايندو نہ ڪو ٻي طرح ان کي ياد ڪندا. باقي ڏيان طلب ايندا. ڪڏهن ايندو تہ آسمان تي تلوار نظر آئي. ڪڏهن ايندو تہ فلاڻي هنڌ ڇانهين وڃي وئي تہ الله ۽ رسول جو نالو لکيل نڪتو. لاهور جي هڪ ڇوڪر جي پيٽ مان هار نڪتو. عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون!"

هڪ ٻي مهورت جي تقريب ۾ پڙهيل مضمون مان چند سٽون!

"مون ڇيو آهي تہ آسي، اسان جي ڏکن تي ٿاڪور ٿو ڪري. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڏکن تي ٿاڪور ڪندڙ مهربان، ٿاڪور لاءِ ڪنيل پاڻي يا پٿر جي گرمائش جو صحيح اندازو نہ ڪري سگهندو آهي ۽ اُهو اندازو ڏکن لڳل همراه جي رڙين ڪانپوءِ ٿيندو آهي.!"

اهڙيءَ طرح هي بہ پڙهو:-

"عزيز واقعي ڪهاڻيڪار بنجي پيو ۽ فقيرن جو اهو معجزو بہ مشهور آهي ۽ ان ڳالهہ ۾ اسين سمورين قومن ۾ پاڪيرا آهيون جو اسان جون دايون مايون ۽ ڪدڙا فقير ئي معجزن ڪرڻ لاءِ رهجي ويا آهن. پيرن سيدن جو ڪرامتون هاڻي ڪنهن ڪم جون نہ رهيون آهن!"

ڪجهہ دوست ناز سنائيءَ کي ڪاروباري بہ چون ٿا. شايد ائين آهي بہ.

جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پنهنجو هٿ هلائڻ ۾ ڪيئن ڪاميابي حاصل ڪري ها! هو هڪ ڪامياب واپاري آهي سا بہ سندس اضافي خوبي چئبي. بهرحال هُو زنده دل ۽ عملي انسان ضرور آهي. اُن جي باوجود بہ هُو خواب ڏسڻ جو عادي آهي. انڪري ڪيس شاعرن، اديبن ۽ عالمن سان تمام گهڻو لڳاءُ آهي. هُو اديبن سان شامون ملهائي سندن فن جي پذيرائي ڪرڻ جو فرض بہ بجا آڻي ٿو تہ وري عالمن.جون ورسيون ملهائي سندن ڪتاب ڇپائي ساڻن عقيد تمنديءَ جو اظهار ڪري ٿو. ۽ انهيءَ طرح سان هُو قوم کي سندن ڪارنامن ڏانهن متوجہ ڪري منجهن زنده روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪندو رهي ٿو.

بتاريخ 10 فيبروري 1997

نيازمند

**پروفيسر ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي**

عرساڻي گهر، نزد گلستان سجاد

قاسم آباد حيدرآباد سنڌ.

# حيدر ۽ سنڌي هاري

(باباءِ سنڌ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسيءَ لاءِ لکيل مقالو)

منهنجا پيارا ساٿيو
جيئي سنڌ - جيئي سنڌ هاري ڪاميٽي.

اوهان سمورن ساٿين کي جَسُ هجي جو اوهان سنڌ جي تمام وڏي مُحسن انسان، سائين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي ورسي ملهائڻ لاءِ هِتي گڏ ٿيا آهيو. انهن حالتن ۾ جڏهن سنڌ، سنڌي ماڻهن، سنڌي هاري ۽ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ لاءِ پوري زندگي وقف ڪندڙ سائين جتوئي، گهڻو ڪري سمورن ماڻهن کان وسري ويو هو. ان جي اوچتي ياد دل ۾ اُميد جو ڪِرڻو ته پيدا ڪري!

منهنجا دوستو! ڪامريڊ جي وفات کي اڄ پورا چوڏهن سال گذري چڪا آهن. اچو ته پاڻ سمورا سنڌي ماڻهو، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي، پاڻ کان، ڪامريڊ بابت ڪجهه سوال پڇون ته اسان لاءِ پوري زندگي تڪليفن ۾ گذاريندڙ هن انسان لاءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟ سندس ڪهڙو يادگار قائم ڪيو آهي؟ سندس لکڻين کي ڪيتريقدر ماڻهن تائين پُڄايو آهي؟ ۽ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ کي ڪيترو منظم ڪيو آهي؟ ڪامريڊ، جنهن حالت ۾ ان تنظيم کي ڇڏيو هو، اسان ان کي وڌايو آهي يا پوئتي ڌڪيو آهي؟ اسان ڪامريڊ جي زندگيءَ تي ڪيترا ڪتاب يا مضمون ڏٺي سگهيا آهيون؟ جيڪڏهن اسان ايمانداريءَ ۽ دل جي خلوص سان ويهي انهن سوالن تي ويچاريو ته مون کي خاطري آهي ته اسان سمورن جا ڪنڌ شرم کان هيٺ جهُڪي ويندا.

اڄوڪي تقريب به چڱي ڳالهه آهي ۽ اها ڳالهه به پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ نيڪ آهي، پر منزل اڃا اڳتي آهي. جڏهن اسان ڪامريڊ جي اصل مقصد ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو آهي ته پوءِ مان اڄوڪي تقريب کي به بيسود ٿي سمجهندس. ڇاڪاڻ ته اڪثر ائين ٿيندو رهيو آهي ته اسان



کامريڊ حيدر بخش جتوئي

پنهنجي محسن جون سالگرهون يا ورسيون ملهائڻ لاءِ گڏ ته ٿيندا آهيون، وڏيون وڏيون تقريرون ته ڪندا آهيون پر پوءِ عمل انهن تي ذرو به نه ڪندا آهيون. جيڪڏهن اوهان کي منهنجي ان ڳالهه سان اتفاق ڪونهي ته ڀاجهائپَ مان رڳو ڪامريڊ جتوئيءَ سان پنهنجي روش تي نظر وجهو ته اوهان کي سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندو-!

ڀاجههَ ڀَريا ساٿيو! ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جو نالو اسان لاءِ وڏو ڏڍُ ۽ وڏو آسرو آهي. سنڌ جو هيءُ واحد ماڻهو هو جنهن سنڌي هارين لاءِ ڪجهه ڪيو ۽ اسان لاءِ بهترين راهون ۽ رستا ڇڏيا آهن. اچو ته اڄ پاڻ سمورا هن محفل ۾ اُن سڀاجهي ماڻهوءَ جو سُنهن کڻي وَچنُ ڪريون ته اسان سمورا اُن ارڏي انسان جي نقش قدم تي هلندا رهنداسين ۽ سندس پاريل مشعل کڻي سنڌ جي هر واهڻ ۽ وستيءَ ۾ نڪري پونداسين ۽ سندس فڪر، نظريي ۽ پروگرام جي تشهير ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽائينداسين ۽ سمورا ڪارڪن دل جي سچائيءَ سان، پنهنجي صلاحيتن ڪان ڪم وٺي، ان منزل کي ماڻڻ لاءِ نڪري پونداسين. جيڪا منزل اسان جي ان پيلاري ماڻهو تجويز ڪئي هئي ۽ ان منزل ماڻڻ لاءِ هن زندگيءَ جي آخري هڏڪيءَ ۽ آخري سَڏڪي تائين جدوجهد ڪئي ۽ وڃڻ وقت اسان سمورن ماڻهن کي تلقين ۽ هدايت ڪري ويو ته اسان سمورا، سنڌ جي هارين جي ڳچيءَ ۾ پيل ڳٽن کي لاهڻ لاءِ وڙهندا رهون-!

رفيقؤ! اڄ مونکي اجازت ڏيو ته مان هن موقعي تي، ’ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ سنڌي هاري‘ جي موضوع تي ڳالهايان ۽ پنهنجي مطالعي جي آڌار تي اوهان کي ٻڌايان ته ڪامريڊ، سنڌي هاريءَ سان ڪيڏي نه بي پناهه محبت ڪندو هو ۽ ان لاءِ هُن ڇا ڇا نه ڪيو ۽ ڪهڙا نه ارادا رکندو هو! مان اڄ رڳو ان موضوع تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندس، جيڪو موضوع به ڪامريڊ جي زندگيءَ جو هڪڙو مڪمل باب آهي.

ڀائرو! اوهان سمورن جي ذهن ۾ اها ڳالهه هوندي ته ڪامريڊ سائينءَ، پنهنجي نوڪريءَ جي شروعات سنڌ جي روينيو کاتي کان ڪئي هئي. جنهن کاتي سان، سنڌ جي زميندارن ۽ هَر هارين جو ڏاڍو ويجهو تعلق ۽ ڳانڍاپو رهندو آهي. پاڻ، امتحان پاس ڪري ان کاتي ۾ ’هيڊ منشيءَ‘طور ملازمت

جي شروعات ڪيائين ۽ رتي ديري، قمبر ۽ جوهيءَ ۾ 'هيڊ منشي' ٿي رهيو. هُن اتي ويجهو رهي ڏٺو ته زميندار طبقو، آفيسرن سان ملي پڳت ڪري کهڙي نه طريقي مسڪين، بڪايل ۽ انگ اگهاڙن هارين سان ظلم ٿو ڪري! ۱۹۳۱ع ۾ هن اِهي حالتون ڏٺيون ته پاڻ نوڪري ڇڏڻ جو ارادو ڪيائين ۽ ان عهديَ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏيائين. پر انگريز ڪليڪٽر سندس اها استعيفيٰ منظور نه ڪئي ۽ ڪيس هُن ۽ ٻين دوستن سمجهايو ته هو نوڪريءَ ۾ اندر رهي ڪري ئي، انهن ماڻهن جي خدمت ڪري سگهي ٿو. جن جي ڪري پاڻ نوڪريءَ تان استعيفيٰ ٿو ڏئي. آخر پاڻ اُها استعيفيٰ واپس ورتائين. ڪجهه وقت ڪانپوءِ پاڻ مختيارڪار ٿيو ۽ ڏوڪري، بدين، جيمس آباد، ڊگهڙي ۽ گهوٽڪيءَ ۾ انهيءَ عهدي تي رهيو. جن شهرن ۾ پاڻ بطور 'هيڊ منشي' ۽ 'مختيارڪار' رهيو، انهن شهرن ۽ آسپاس جي واهڻن ۽ وستين جي ابوجهه هارين ۽ اڻ پڙهيل ماڻهن جي. پاڻ جنهن بي لوث نموني خدمت ڪيائين، ان ڳالهه جي شاهدي طور اَجا به اُتان جي ماڻهن کيس سندن وڏڙن طرفان ٻُڌايل ڳالهيون ٻُڌي سگهجن ٿيون.

۱۹۳۶ع ۾ پاڻ جڏهن گهوٽڪيءَ جو مختيارڪار هو ته اتان جو هڪ شهر قادرپور، ٻوڏ جي لپيٽ ۾ اچي ويو. باوجود ان جي ته پاڻ ان دور جو مختيارڪار هو ۽ انگريز دور ۾ مختيارڪارَ جي وڏي عزت ۽ مانُ هوندو هو. پاڻ هاري ۽ ٻيا ماڻهو وني رات ڏينهن جستجو ڪري، بند ٻڌرائي ورتائين ۽ اتي هارين کي سمجهائيندو رهيو ته: "جڏهن به ڳوٺن يا ملڪن تي اهڙيون مَهلون اچن ته پاڻ پنهنجي جان جو اونو نه ڪن ۽ ميدان ۾ ڪاهي پون."

۴۳-۱۹۴۴ع ۾ پاڻ اسپيشل رڪوري آفيسر ڪوآپريٽو سوسائٽيز اِن سنڌ ٿي رهيو ۽ پاڻ ان عهدي تي رهي مقروض ۽ بدحال غريب، مسڪين سنڌي هارين جا قرضَ ۽ وياجَ، پنهنجي اختيار ڪي استعمال ڪري معاف ڪريَ ڇڏيائين. ان دوران سنڌي هارين ۾ هنَ ارڏي انسان جو نالو، انتهائي عزت سان ونجڻ لڳو ۽ هيءُ بي ڌڙڪ ۽ بي خطر انهن مظلومن جي مدد ڪندو رهيو. ان وچ ۾ ۱۹۴۱ع ۾ هو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو ۽ اڳتي هلي ڊپٽي ڪليڪٽرن جي سينيئر گريڊ ۾ ڪيس اسسٽنٽ مئنيجر انڪمبرڊ اسٽيٽس ۽ ڪورٽ آف واردس مقرر ڪيو ويو. جتي پڻ هو انتهائي مسڪين سنڌي

هارين لاءِ گهڻو ڪجهه ڪندو رهيو. ۽ ڪورٽ آف وارڊس کاتي ۾ رهي هُن تہ اڄرج ۾ وجهندڙ ڪارناما سرانجام ڏنا. سنڌ جي ڪافي رنن زالن، يتيمن، ٻارن ۽ بيواهن جي خدمت ڪيائين. ڪٽنبن جا ڪٽنب سنڀاليائين ۽ انهن کي تعليم ڏياريائين ۽ ڪورٽ آف وارڊس ۾ آيل سوين ماڻهن جون ملڪيتون تباهيءَ کان بچايائين۽ انهن ڪارنامن ڪري انگريزن پنهنجي گزيٽ ۾ اقرار ڪيو تہ 'سنڌ ۾ فقط ٻہ آفيسر ايماندار ۽ ديانتدار آهن. هڪ حيدر بخش جتوئيؒ ۽ ٻيو نورالدين صديقي.'

جيتوڻيڪ پاڻ انهن عهدن تي رهي غريب سنڌي هارين جي خدمت ڪري ٿي سگهيو،پر سندس ضمير مطمئن نہ هو. خيال هوس تہ نوڪري ڇڏي، انهن مظلوم سنڌي هارين کي تيار ڪري سگهي ٿو ۽ انهن ۾ هو ڏاڍ سان مقابلو ڪرڻ جي جرئت پيدا ڪري سگهي ٿو. ان خيال سان هُن ١٩٤٥ع ۾ ان وقت ڊپٽي ڪليڪٽريءَ جي عهدي کي لتَ هنئي، جڏهن پاڻ سينئر ڪليڪٽر ٿيڻ وارو هو. پر پاڻ سمورين ڳالهين کي، پنهنجي ذاتي زندگيءَ جي مستقبل کي پرانهون رکي سنڌي هارين ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري پيو.

اها ڳالهہ بہ ڪنهن کان لڪل ڪانهي تہ هن نوڪريءَ ۾ رهڻ دوران بہ غريب سنڌي هارين جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ ڏاڍي جنگ ڪئي،پر پاڻ نوڪريءَ دوران پڻ سنڌي هارين ۽ مسڪين پورهيتن سان پيار ڪندو هو. هتي مان سندس ان عرصي جا ڪجهه مثال ڏيندس:

١- ڪامريڊ عبدالقادر ايم - خان مرحوم، پنهنجي هاري ورڪرن کي ٻڌائيندو هو تہ حيدر بخش جتوئي، هارين جو همدرد آفيسر آهي. آفيسر ٿي ڪري بہ هارين جي ڪافي مدد ڪيو ڪري ۽ خيال پيو ڏيکاري تہ مان نوڪري ڇڏي 'هاري ڪاميٽيءَ' ۾ ڪم ڪندس. سرڪاري آفيسر هوندي بہ هو 'هاري ڪاميٽيءَ' جي مدد ڪندو هو ۽ چندو بہ ڏيندو رهندو هو.

٢- ڪامريڊ غلام حسين سومرو، پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ هو ان وقت انڪمبرڊ اسٽيٽس ۽ ڪورٽ آف وارڊس جو ڊپٽي مئنيجر هو. هالا تعلقي جي ڏيتڪي جاگير جي هارين سان گڏ مان هُن سان حيدرآباد ۾ مليس. اها ڳالهہ ١٩٤٢ع جي آهي. آفيس ۾ پهچي مون ڪاغذ جي ٽڪري

تي 'غلام حسين سومرو هاري ورڪر هالا نوان' لکي پٽيوالي کي ڇيو تہ هيءُ ڪاغذ 'صاحب' کي ڏي. مان ۽ هاري بينچ تي ويهي رهياسين. ڪنهن مهل پٽيوالي جو آواز ڪَنَ تي پيو تہ 'صاحب! هيءُ آهي سومرو.' انهيءَ وقت مان ڪجهہ لکي رهيو هوس. آوازَ تي ڪنڌ کڻي ڏسان تہ هڪ معشوق صفت انسان. ڪاڏيءَ جي سفيد سوٽ سان بيٺو آهي. اُٿيس. حيدر، کلندي پاڪر پائيندي چيو: 'جتوئي مان آهيان.' هرهڪ هاريءَ کي ڀاڪر پائيندو، آفيس ۾ اندر وٺي هليو ۽ هارين جو بروقت ڪم ڪري ڏنائين. اٿڻ مهل چيائين تہ 'منهنجو گهر رسالا روڊ تي اٿو-' (١)

٣- ايم- جمع خان جعفري پنهنجي مضمون: 'سنڌ سڳوريءَ جو انمول موتي' ۾ لکيو آهي:

'هڪ اهڙي غريب جي پاسي وٺڻ سبب، وقت جو ڪليڪٽر صاحب، جو گورو هو. مٿس ڏاڍو ناراض ٿيو. پر هن يارَ کي ڪنهن بہ قسم جي ڳڻتي ڪانہ هئي. آءٌ وٽس ويس تہ ڪيس وجهہ وٺي چيم تہ 'سائين! جڏهن مالڪ خود بس ڪئي. تڏهن توهان بہ کڻي ڇڏيو پڇر پرائي، جو ٿا آفيسرن ۽ اميرن جي اکين جا ڪنڊا بڻجو-' چيائين؛ 'ادل! اڳي پاڻ ڪڏهن هنن جي اکين جو ، ٍ و هئاسين جو هاڻي ٿا ڪنڊا ٿيون. ٻيو تہ هن ويچاري غريب کي بس ڪرائي وئي آهي. هُن جي، ٻي وسيءَ جو فائدو ورتو ٿو وڃي. مان ائين ڪرڻ هرگز ڪونہ ڇڏيندس. ...... ڪامريڊ تي سندس سمورا دوستَ ۽ ساٿي ناراض ٿيا تہ گوري صاحب کي ناراض نہ ڪر. پر ڪامريڊ سائينءَ ان غريب ماڻهوءَ جو پاسو نہ ڇڏيو. آخر جڏهن ان گوري ڪليڪٽر کي خبر پئي تہ حيدر بخش، حق تي آهي تہ پوءِ ڏاڍو پڇتايائين ۽ ڪامريڊ آڏو ڏاڍو شرمندو ٿيو.'

اِهي هئا چند مثال، ڪامريڊ جي نوڪريءَ دوران غريب مسڪين سنڌي هارين سان محبت جا. هاڻي اچون ٿا سندس نوڪري ڇڏڻ کان پوءِ سنڌي هارين سان سندس محبت جي ذڪر تي.

دوستو! ڪامريڊ سائين پنهنجي نوڪريءَ دوران تجزيو ڪيو تہ سنڌ

(١) هفتيوار 'صبح سنڌ' - حيدر نمبر - ص ٦ ۽ ٧ - آڪٽوبر - ١٩٨٠ع

وطن جي گھٽائيءَ وارو 'هاري طبقو' مظلوم طبقو آهي. گھٽائيءَ ۾ هئڻ کانپوءِ به هو آڳرين تي ڳڻڻ جيترن سرمائيدارن ۽ جاگيردارن هٿان پيسجي رهيو آهي. هُن انهن حالتن کي ڏاڍي ويجهائپ کان ڏٺو. جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو ته ڪامريڊ سنڌ جي هاريءَ سان محبت ڪري لڳو ۽ وڏيري طبقي جو جاني دشمن ٿي پيو. جن سان پاڻ محبت ڪيائين انهن به هُن سان محبت ڪئي ۽ جن جو هو دشمن ٿيو، انهن به ڪيس بخش نه ڪيو. سنڌ ۾جيڪڏهن وڏيرن، سينين ۽ وڏن ماڻهن جو ڳلم ڳلا ڪو ماڻهو دشمن هو ته اُهو اسان جو ڪامريڊ جتوئي هو. ان سلسلي ۾ هن جان جي ڪابه پرواهه ڪانه ڪئي. هر تڪليف سِر تي سَنائين. قاتلانه حملا، بي عزتيون، قيد ۽ بند جون صعوبتون، هر طرح جون پريشانيون، هن برداشت ڪيون ۽ زندگيءَ جي آخري دَم تائين پنهنجي ڪيل قول ۽ وَچن سان سچو ۽ ثابت قدم رهيو. هن جيڪي ڪجهه ڪيو، اچو ته انهيءَ مان چند مثالن تي سرسري نظر وجهون.

١- پاڻ سنڌي هارين جي آواز کي موثر بنائڻ لاءِ 'هاري حقدار' نالي اخبار جاري ڪيائين ۽ ان اخبار وسيلي، سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ جي هاريءَ جي دانهن لکيائين. جتي به ڪو وڏيرو ظلم ڪندو هو ته ڪامريڊ سائين، ان لاءِ اخبار ۾ انتهائي بي ڊپائيءَ سان لکندو هو ۽ اُها پهرين سنڌي اخبار هئي جيڪا نظرياتي اخبار هئي ۽ پاڻ ان اخبار ذريعي نظرياتي ۽ سياسي تعليم ڏيندو رهيو.

٢- ١٩٤٧ع ۾ اڌو اڌ بٽئيءَ جي تحريڪ هلائي، ان کي ڪامياب بنايائين ۽ سنڌ جي هارين جو ڳاٽ مٿانهون ڪيائين. ان کان اڳ وڏيرا هارين کي ٽيو حصو به مشڪل سان ڏيندا هئا.

٣- ١٩٥٠ع ۾هارين لاءِ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪرايائين ۽ ان ايڪٽ کي پاس ڪرائڻ لاءِ ڪامريڊ جيڪو عمل ڪيو، اچو ته اُن تي به نظر وجهون. ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ يوسف هارون هو. ڪامريڊ سائينءَ سنڌ جي هارين کي اپيل ڪئي ته هو ٣- اپريل ١٩٥٠ع تي وڏي تعداد ۾ ڪراچي شهر ۾ اچي، سنڌ اسيمبليءَ جو گهيراءُ ڪن. ۽ ڪامريڊ جي ان سڏ تي، سنڌ جا هزارها هاري ۽ پورهيت، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪراچيءَ پهچي ويا ۽ ڪراچيءَ وارن کي ڏنڊين آڱريون ڏياري ڇڏيائون. سنڌ

اسيمبليءَ جي چؤطرف، سنڌ جي اٿپڙهيل، مظلوم ۽ پيڙهيل هارين، ڪامريڊ جتوئيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ گهيراءُ ڪيو ۽ اسيمبليءَ هال ٻاهران ايوب کهڙي جو جنازو ڪڍي گهمندا رهيا. سنڌ اسيمبليءَ جا سڀئي ميمبر، اسيمبلي هال ۾ اندر پريشان ٿيڻ لڳا. نيٺ اهو ايڪٽ پاس ڪيائون.

مان سمجهان ٿو ته مٿيون مثال انهن دوستن لاءِ ڪافي ٿيندو، جن دوستن جو خيال آهي ته ڪامريڊ جي هاري پارٽي ۽ هاري ورڪر، رڳو درخواستن تي گذاران ڪندڙ هئا. پر سنڌ جي تاريخ ۾ اهو پهريون مثال آهي جو سنڌي ماڻهن طرفان ڪنهن گهيراءُ پاس ڪرائڻ لاءِ اسيمبليءَ تي ايڏو زوردار اثر وڌو ويو هجي. حالانڪ اسان وٽ ته جناب! ائين به ٿيو آهي ته سنڌ جي اسيمبليءَ ۾ سنڌ جا چونڊيل نمائندا، سنڌ خلاف ٺهراءُ پاس به ڪري ويا آهن ته اسان جي ڪنهن به ليڊر اهڙو قدم نه کنيو آهي ۽ نه اڳواڻي ڪئي آهي. اهو مثال رڳو ڪامريڊ جتوئيءَ جو قائم ڪيل آهي.

اِهو ان ڪري ٿيو ته ڪامريڊ سائينءَ کي سنڌي هاريءَ جي همت ۽ بهادريءَ تي مڪمل ڀروسو ۽ ايمان هو ۽ پاڻ لکيو هئائين ته: 'هڪ ته هارين جي هٿ ۾ محبت ۽ ڀورهئي جو قدرتي هٿيار آهي ۽ ٻيو ته هن کي ووٽ جو سياسي هٿيار آهي. جتي زميندار جو هڪ ووٽ آهي. اتي هڪ هزار هاريءَ جا ووٽ آهن....'

سندن رايو هو ته هاري قانوني توڙي غير قانوني طور پنهنجي حاڪميت برقرار رکي سگهن ٿا. پر شرط اهو آهي ته هنن ۾ قومي جاڳرتا پيدا ڪئي وڃي.

۴- ۱۹۵۲ع ۾ گورنر دين محمد کان سنڌس پاران پيش ڪيل ٽيننسي ايڪٽ واريون ترميمون منظور ڪرايائين. جنهن مان، هارين کي اڳي کان وڏيڪ فائدو پهتو.

۵- ۲۲- فيبروري ۱۹۵۸ع تي پاڻ سان هزارين الاٽي هاري وٺي پاڪستان جي تڏهوڪي صدر سڪندر مرزا وٽ ويو ۽ هُن سان سنڌي هارين سان ٿيندڙ ظلمن جي شڪايت ڪيائين ۽ اُن کي ٻڌايائين ته رشوت وٺي ٻاهران آيل مهاجرن کي زمينون ڏنيون، سنڌي هارين جي حق تلفي ڪئي ٿي وڃي ۽ رشوت وٺي مهاجر ۽ پنجابي ڪاٺيدار ورسايا ٿا وڃن. پاڻ اتي ايڏا زوردار دليلَ ڏنائين جو صدرِ پاڪستان ڏاڍو متاثر ٿيو. تڏهن ڪجهه مڙيئي

دليلن ٻڌڻ جو زمانو هو. صفا نٽ ڪانہ وَسي هئي. اسڪندر مرزا ڪان هڪ سال لاءِ اِستي آرڊر ورتائين. جنهن ڪري هڪ طرف لکها سنڌي هارين جي ملڪيت بچي وئي تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ ٻاهرين ماڻهن جي ڪالونائيزيشن واري تحريڪ کي ڌڪ هنيائين. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اڳتي هلي زمين بہ وئي تہ ڪالونائيزيشن بہ ٿي وئي!

٦- هو سنڌ جي ننڍين ننڍين ڳوٺن، واهڻن ۽ وستين ۾ ويو ۽ اُتي وڃي هارين سان مليو. انهن سان ويجهو رهي ڏکَ سورَ اوريائين. انهن کي ساڻن ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ کان واقف ڪيائين ۽ سندن دانهون ٻڌائين ۽ پاڻ انهن سان ٿيندڙ ظلمن تي لٺ بہ کنيائين.

٧- سنڌ جي شاعريءَ ۾ جتي اڪثر گُل ۽ بلبل، حسن ۽ عشق جو ذڪر ٿيندو هو، اُتي هن پنهنجي شاعريءَ جو موضوع، رڳو مظلوم ۽ پيڙهيل سنڌي هاري بنايو ۽ ان کي ساراهيو ۽ همٿايو.

٨- هُن اسان کي 'جيئي سنڌ'، 'هاري حقدار'، 'زميني داري برباد'، 'جيڪو کيڙي سو کائي'، 'سنڌين کي اقليت ۾ آڻڻ جي سازش بند ڪريو' جا نعرا ڏنا ۽ انهن کي هر هنڌ پهچايائين.

پيارا ساٿيو! اِهي چند مثال مون اوهان کي، ڪامريڊ جي 'سنڌي هاريءَ' سان محبت جي سلسلي ۾ ڏنا آهن. ڪن دوستن جو رايو آهي تہ هو ملڪ جي سمورن هارين بابت سوچيندو هو. مون کي ان بابت ڪوبہ علم ڪونهي ۽ نہ دوست اُهو سمجهائي سگهيا آهن تہ ڪامريڊ ڪهڙي نموني سمورن هارين جي حقن لاءِ وڙهندو هو؟ مون اڄ 'جيدر ۽ سنڌي هاريءَ' جي موضوع تي بہ رڳو اِن ڪري ڳالهايو آهي جو منهنجي مطالعي هيٺ اهڙيون ڳالهيون آيل آهن.

پهرين ڳالهہ تہ مون مٿي مثال ڏنو آهي تہ هن اسڪندر مرزا سان ملاقات ڪري، مهاجر ۽ پنجابي هارين کي ملندڙ زمين خلاف پڪاريو ۽ هڪ سال لاءِ اِستي آرڊر ورتو هو.

ٻي ڳالهہ تہ مان اوهان کي گڏوءَ جي زمين جو مثال ڏيندس. جڏهن اتي سنڌ جي زمين تي ٻاهرين ماڻهن کي آباد ڪيو پئي ويو تہ پاڻ ان خلاف سخت تحرڪ ۾ آيو. رشيد ڀٽي، ڪامريڊ تي لکيل مضمون 'مون سي ڏنا ماءُ' ۾ لکيو آهي تہ هو سکر آيو، چوڻ لڳو: 'گڏوءَ ۾ قهر لڳا پيا آهن. ويل

وهي ويا آهن. توهان سَتا پيا هججو! سنڌين جا ڳوٺ بلڊوزرن جو ٻڪ ٿي ويا. ريتيءَ کان بند پيو. پوڌ اچي وئي توهان وات ڦاڙي وينا هججو....؟

۽ پاڻ ان ورهاست خلاف انگريزيءَ ۾ هڪڙو تمام زوردار پمفليٽ 'سنڌ جي زمين جو حقدار ڪير؟' نالي لکيائين.

ان پمفليٽ ۾ جيڪي ڪجهه لکيائين آءٌ ان مان هتي سندس سنڌي هارين سان محبت وارين ڳالهين کي حوالي طور پيش ڪندس.

'......... سنڌ جي هارين جو ڪيس انساني حقن جي بنياد تي ٻڌل آهي ۽ سماجي انصاف جي اصولن تي ٻڌل آهي ۽ سچي جمهوريت جي بنياد تي ٻڌل آهي. سنڌ جا ٿيهه لک هاري، غلامي، ذلت ۽ مصيبت ۾ گذاريندا رهن ۽ کين زمين نه ملي ۽ سنڌ جون زمينون سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ماڻهن کي ڏنيون وڃن! هيءَ ڳالهه غلط، ظالمانه ۽ انصاف جي خلاف آهي.'

'....... عوامَ سان هيءُ دوکو گهڻو وقت نه هلي سگهندو ۽ ان جا خوفناڪ نتيجا هنن ظالمن کي ڏسڻا پوندا. هڪ قسم جي اندروني بينڪيٽ هن ملڪ اندر رائج ٿيڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي. جنهن لاءِ هوشياريءَ سان کهڙا نعرا ايجاد ٿيا آهن ته 'هتي نه سنڌي آهي، نه پنجابي نه بلوچ، هتي فقط پاڪستاني آهن. هي نعرا سنڌين کي زمين کان وانجهڻ ۽ سنڌي هارين کي دائمي غلاميءَ ۾ رکڻ لاءِ ايجاد ڪيا پيا وڃن .....'

'....... اسان جا مهاجر پائر ان چوريءَ جي مالَ جي شوق ۾ هندن جا جانشين ٿيڻ ٿا گهرن ۽ پاڻ کي هڪ جدا طبقو شمار ڪرڻ گهرن ٿا. انهن مان ڪي سنجيدگيءَ سان اِها دعوي ٿا ڪن ته پاڪستان سندن خدمتن ۽ قربانين جي نتيجي ۾ ٺهيو آهي. تنهن ڪري هوئي پاڪستان جي دولت جا حقدار آهن. خاص ڪري ان دولت جا جيڪا هندن هتي ڇڏي آهي. هي اشرافَ، خودغرضيءَ سبب اِهو به قبول نٿا ڪن ته سنڌ جي ماڻهن ۽ ٻين علائقن جي ماڻهن به پاڪستان لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ خدمتون ڪيون آهن. هو پوري بنياد کي وساري صرف مٿين عمارت جي هڪ حصي تي نظر ٿا رکن. مسلمان اڪثريت وارن صوبن ۽ انهن جي ماڻهن کان سواءِ به سنڌ، پنجاب، بنگال، سرحد ۽ بلوچستان جي بنياد کان سواءِ پاڪستان بابت سوچڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ ناممڪن ڳالهه هئي. مهاجرن کي ورسائڻ جي

شوق ۾ اسان جا مرڪزي اختياريءَ وارا مڪاني ماڻهن کي پريشان ۽ بي گهر ڪري رهيا آهن. جنهنڪري اهي بدقسمت ماڻهو پنهنجي ئي سرزمين تي مهاجر ٿي پيا آهن.'

'.... ان غلط طريقي اختيار ڪرڻ سان نه صرف مڪاني مسلمانن جي جائز حقن کي ڇيهو رسيو پر هندستان ويل هندن جي ملڪيت ۾ اضافو ڪري پاڪستان ۽ هندستان ۾ ڇڏيل ملڪيتن بابت ناهَ کي اجان به وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏيو. پر ان جو خيال، مرڪزي اختياريءَ وارن کي ڪونه هو. هنن ڇڏيل ملڪيتن کي ان لاءِ پئي وڌايو جيئن اها مهاجرن کي ڏئي سگهجي ۽ وري وَسائڻ ۽ ورهاست جو سمورو ڪم ۽ ان جي باري ۾ انصاف روءِ فيصلو ڪرڻ جو سارو بار مهاجر ۽ پنجابي آفيسرن تي رکيو ويو آهي. سنڌي آفيسرن کي بلڪل صفائيءَ سان ان ڪم کان الڳ رکيو ويو آهي.'

ساٿيو! مان سمجهان ٿو ته سنڌي هاريءَ سان ڪامريڊ جي محبت جا اهي چند مثال سندس محبت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندا. هڪ ٻي ڳالهه عرض ڪريان ته ڪامريڊ نه رڳو سنڌي هاريءَ سان محبت ڪندو هو. ان جو درد پنهنجو سمجهندو هو پر ان درد جو علاج به ڳوليو هئائين ۽ اسان کي رستا ۽ راهون به ڏَسيا هئائين. اچو ته انهن تي به نظر وجهون:

(۱) '... غلط نظام کي مٽائڻ جو انقلاب ڪير آڻيندو؟ اهو ڪم انهيءَ طبقي جو آهي. جيڪو هن غلط نظام جو شڪار آهي. يعني هاري ....'

(۲) '...... هاريءَ جي نجات زميندار حاڪمن ۽ وزيرن ۾ نه پر سندن پنهنجي هٿن ۾ آهي ۽ سندن برادريءَ ۾ سمايل آهي......'

(۳) '...... جيستائين زمينداري ۽ سرمائيداري ختم نه ٿينديون، تيستائين هارين جي حالت ۾ سڌارو ناممڪن آهي. جيستائين اسان جي وطن جو ۸۰ سيڪڙو آدم ضعيف ۽ ڪريل آهي، ايستائين اسان جو ملڪ ضعيف آهي.....'

(۴) '..... اُميد ته اهو وقت ويجهو آهي، جڏهن هاري پنهنجي تنظيم ۽ طاقت سان، زميندار شاهيءَ کي ختم ڪري هڪ نئون نظام قائم رکندا، جنهن ۾ انصاف، امانت ۽ محنت حڪمران هونديون. جنهن ۾ رشوت،

چورbازاري، بدامني ۽ ظلم بند ٿي ويندا ۽ جنهن ۾ حقيقي حڪومت قائم ٿيندي......'

(۵) '...... زميندار کي زميندار بہ هاري ڪري ٿو ۽ زميندار کي ڏاهيندو بہ هاري. جنهن عوامي طاقت، انگريزي حڪومت کي ختم ڪيو سا طاقت زميندارن کي ختم ڪري سگهي ٿي. هيءَ تاريخ جي تقاضا آهي......'

(٦) '...... نوجوان شاگردن کي پاڻ ۾ منظم ٿيڻ گهرجي ۽ هاري ۽ مزدور سان اتحاد ڪرڻ گهرجي. جيڪي هن سرزمين جا حقيقي والي ۽ وارث آهن.....'

منهنجا پيارا ساٿيو! مون مٿي پنهنجي هن مضمون ۾، ڪامريڊ جتوئيءَ جي سنڌي هاريءَ سان پيار جي حوالي طور ڪجهہ ڳالهايو آهي. پڪ اٿم تہ اوهان سمورا سمجهي ويا هوندا تہ ڪامريڊ، سنڌي هاريءَ سان ڪيتريقدر پيار ڪندو هو ۽ انهن بابت ڪهڙا خيال رکندو هو.

هاڻي اسان سمورن ڪارڪنن کي گهرجي تہ سنڌ جي مظلوم طبقي هاريءَ جي نجات ۽ ڇوٽڪاري ڪان سواءِ، سندس حاڪميت قائم ڪرڻ لاءِ محنت ۽ جدوجهد ڪريون ۽ ڪم ڪريون. اِها پڪ ڄاڻو تہ اسان جي ڪامريڊ ۽ ٻين ڪيترن ماڻهن اسان لاءِ رَستا ۽ راهون ڇڏيون آهن. اسان کي انهن جي نقش قدم تي هلڻو آهي. اهو يقين ڄاڻو تہ اسان لاءِ حالتون گهڻيون سازگار انهن ماڻهن بڻايون آهن. جن جي ياد ۾ اسان هن نموني جون تقريبون ڪندا آهيون.

اسان کي بہ قربانيون ڏيڻيون پونديون. قربانين ڪانسواءِ، ڪنهن بہ منزل جو ملڻ محال آهي. اسان جي ڪامريڊ حيدر تہ تمام وڏيون قربانيون ڏنيون هيون. هُن ۽ سندس ساٿين تي، وڏيرن جي چُرچ تي ڪيترا حملا ٿيا ۽ وڏيرن جي ڇاڙتن، ڪامريڊ تي ڪُتن جي ٻَڇ ڪرائي هئي. هڪ ڏاڙهيءَ واري ڪامريڊ جي ڏاڙهيءَ ۾ ڏامر جو ڏٻو لاٿو ويو هو. ڪامريڊ لغاريءَ کي بوريءَ ۾ بند ڪرائي ان تي ڪتا ڇڏيا ويا هئا. اهڙي نموني جا ڪيترا انعام ۽ اُجورا اسان جي اهڙن پيارن ماڻهن کي ملي چڪا آهن ۽ هنن اهڙا انعام ونندي، ڪڏهن ڏک ڪونہ ڪيو هو ۽ هو ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيا هئا. ڪڏهن بہ مايوس نہ ٿيا هئا. ڪڏهن بہ ٿڪاوٽ محسوس نہ ڪئي هئائون.

ساٿيو! اسان جي آڏو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي زندگيءَ جو پروگرام، مقصد ۽ نظريو موجود آهي. اُچو تہ پاڻَ سمورا گڏجي سنڌي هارين ۾ سياسي ۽ قومي جاڳرتا پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ، انهن کي هڪ برادريءَ ۾ اچڻ لاءِ تيار ڪريون. انهن کي وڏيرن کان پنهنجا حق وٺڻ جي تربيتَ ڏيون ۽ هڪ مضبوط مورچو ناهي، انهن جي هر طرح حفاظت ڪريون. انهن لاءِ هر طرح جي جنگ ۽ ويڙهہ ڪريون ۽ انهن کي سندن حق ونرائي ڏيون. بلڪ انهن جي اهڙي تربيتَ ڪريون جو هو پاڻ انقلاب بابت سوچين ۽ انقلاب آڻي، اُهو نظام آڻين، جنهن ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ماڻهو، گهڻائيءَ واري طبقي تي قابض نہ ٿي سگهن. ڪوبہ ڪنهن جو حق نہ کائي سگهي.

ساٿيو! اسان انهن ڳالهين لاءِ نہ رڳو ڪامريڊ جتوئيءَ پر پوري قوم جي آڏو جوابداه آهيون. اسان ان ڳالهہ لاءِ ٻَڌلَ آهيون ۽ اهو اسان تي فرض آهي- جيڪو هر حال ۾ پورو ڪرڻو آهي.

سنڌي هارين ۾ ڪم ڪرڻ ۽ انهن جي ڇوٽڪاري واري ڪم ڪانسواءِ، اسان کي ڪامريڊَ جي زندگيءَ بابت ماڻهن کي ڄاڻ ڏيڻي آهي. ماڻهن کي ان جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کان واقف ڪرڻو آهي. اهو ڪم بہ اسان ورڪرن کي ڪرڻو پوندو. اوهان سنڌ جي شاعر، اديب ۽ نانءَ ڄڙهيي قلمڪار ڏانهن هاڻي نهارڻ بند ڪريو. جيڪي ماڻهو رڳو ڪنهن ڇوڪري جي سونهن ۽ ڪنهن پرائي نياڻيءَ جي نيڻن تي اڏوڳابرو غزل ۽ افسانو لکڻ جا عادي ٿي ويا آهن. انهن کي ڪامريڊ جتوئيءَ جي زندگيءَ ۾ ڪوبہ لُطف ڪونہ ايندو ۽ هو اهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نہ ٿيندا. ڇو تہ هو نڪما آهن، هيءُ ٻيو رهيو انهن کان ڪونہ پُڄندو- اسان سمورن ورڪرن کي هاڻي اُهو ڪم پنهنجي ٻلي ڪرڻ گهرجي ۽ ان سلسلي ۾ محنت ڪرڻ گهرجي. آءٌ ان سلسلي ۾ گذارش ڪندس تہ رڳو چار نوجوان هڪ ڪميٽي ناهي ڪامريڊ جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي لکن ۽ پاڻ ۾ بحث مباحثا ڪنءِ تڏهن بہ چڱو ٿيندوءِ مون کي پڪ آهي تہ ائين ڪرڻ سان ڪامريڊ جي زندگيءَ جا ڪيترا پهلو آڏو اچي ويندا. اهي چار ڪارڪن هر مهيني ۾ چار مقالا ۽ مضمون لکي اچي پاڻ ۾ پڙهندا ۽ انهن تي بحث ڪندا تہ اسان گهڻو ڪجهہ لکي سگهون ٿا. ٻين ڏانهن نماڻيون اکيون کڻي نهارڻ ۽

انهن وٽان ڪجهہ ملڻ جي تمنا ڪرڻ کان بهتر آهي تہ هاٿيءَ هر ڳالهہ پنهنجي پنيءَ تي وَسايون.

مون کي خاطري آهي تہ مون هي ڳالهيون، دل جي جنهن حضورَ ۽ سچائيءَ سان لکيون آهن، دوستن ساڳي جذبي تحت پڙهيون هونديون.

مهرباني

● [هيءُ مضمون ٢١- مئي ١٩٨۴ع تي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ پاران پير ذيڪري، لڳ سڪرنڊ ۾ ٽيہ ورسيءَ تي پڙهڻ لاءِ لکيو ويو هو پر ڪامريڊن طرفان 'سنڌي هاريءَ' تي اعتراض ڪندي، اهو پڙهڻ نہ ڏنو ويو.]

● ڇپيل ماهوار ڪينجهر

١- ١٩٨٧ع

# سنڌ جو عظيم سپوت
# شيخ عبدالمجيد سنڌي.

(شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ورسيءَ جي موقعي تي ڪيل تقرير)

دوستو!

پاڻ اڄ سنڌ جي انتهائي پياري شخصيت، سائين شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي چوڏهين ورسيءَ جي هن موقعي تي گڏ ٿيا آهيون.مونکي خاطري آهي تہ هن ماحول ۾، هتي پاڻ جيڪي بہ گهڙيون ويهنداسون ۽ شيخ صاحب جو ذڪر ٻڌندا رهنداسين، اوترو وقت يقيناً دلي سُڪون محسوس ڪنداسين ۽ گڏوگڏ اهو بہ محسوس ڪنداسين تہ اسان ڪنهن ڇانوري هيٺ ويٺا آهيون ڇو جو شيخ صاحب جو نالو سچي سنڌ لاءِ ڇانوري مثل آهي.

شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ جي هڪ شخصيت جو نالو ڪونهي، هو هڪ تاريخ جو نالو آهي، سنڌ جي پوري هڪ صديءَ جو ماڻهو، پوري صديءَ جي تاريخ جو نالو آهي ۽ اهو نالو تاريخ جي ايندڙ ڪيترين صدين تائين پنهنجا اثر قائم رکندو ايندو.

شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ جي سياست جي اُن دور جو ڪردار آهي، اُن دور جو نالو آهي، جڏهن انگريز فيل مستن پنهنجي بادشاهي برقرار رکڻ لاءِ، پيرن، ميرن، وڏيرن ۽ جاگيردارن جا طبقا انتهائي مضبوط ٺاهي ڇڏيا هئا. جن سنڌ جي غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو رت چوسي، نہ رڳو پاڻ کي پٺي تاتيو پر انگريزي دور کي بہ پٺي مَتارو ڪيو. اُن زماني ۾ سياست جا والي وارث رڳو اُهي مير، پير ۽ وڏيرا ۽ جاگيردار هوندا هئا. جيتوڻيڪ اڄا تائين اسان وٽ اهو طبقو ئي اسان جي سياست ۽ ماحول تي اثر انداز آهي پر تڏهن زمانو اور هو. تڏهن ڊپٽي ڪليڪٽرن ۽ ڪليڪٽرن جي سفارشن تي عوامي نمائندا چونڊيا ويندا هئا. هاڻي ناليماتر ڪٿي ووٽ عوام تو ڏئي پر



شيخ عبدالمجيد سنڌي

پوءِ بہ حڪومت جن کي چونڊائڻ يا آڻائڻ ٿي چاهي اُهي نمائندا چونڊي اسيمبلين ۾ موڪليا پيا وڃن. اڳي ماڻهو رڳو شخصيت کي ڏسندا هئا. وڏيرو ڪانيو خان چڱو مڙس آهي پوءِ اُهو مسلم ليگ جو آهي تڏهن بہ چونڊبو جي خاڪسار. يا ڪنهن ٻي تحريڪ ۾ آهي تڏهن بہ اُهو چونڊبو. هاڻي ڪجهہ قدرَ تبديل ٿيا آهن. هاڻي شخصيت جو رعب تاب ڪجهہ جَهڪو ٿيو آهي، هاڻي عوام، شخصيتن کي ڇڏي تنظيمن کي ووٽ ڏيڻ شروع ڪيا آهن. جيتوڻيڪ نظريي کي ووٽ ڏيڻ جو رواج اسان وٽ ڪونهي ۽ اهو شايد اڳتي هلي پيدا ٿئي جو اسان جا ماڻهو نظريي کي ووٽ ڪن باقي حال فلحال تہ سمورين حالتن ڪان، اوهان توڙي اسين واقف آهيون.

ها تہ مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ سياست جو اُهو زمانو ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ جاگيردارن لاءِ مخصوص هو. شيخ عبدالمجيد سنڌي هڪ غريب ۽ مسڪين طبقي جو ماڻهو هو، جيڪو طبقو پنهنجي انگ ڍڪڻ ۽ پيٽ ڀرڻ لاءِ بہ مجبور هو ۽ آهي. شيخ صاحب ان زماني ۾، انهن حالتن ۾، پنهنجو پاڻ کي سياست ۾ آندو. سندس خلوص، محبت ۽ پاڻوهہ ڀري شخصيت ايڏي تہ اثرانداز هئي جو شيخ عبدالمجيد لاڙڪاڻي جي وڏي جاگيردار ۽ سرشاهنواز ڀٽي جو مقابلو ڪيو ۽ ڪيس سندس ئي تَڪ ۾ وڃي عبرتناڪ شڪست ڏني، جنهن جي نتيجي ۾سرشاهنواز سنڌ ڇڏي هليو ويو ۽ ڪيترو عرصو سنڌ ڏي منهن ئي ڪونہ ڪيائين. شيخ صاحب جي اها ڪاميابي ڪو علاؤالدين جي چراغ ٻرڻ سان ڪانہ آئي هئي، اُن ۾، اُن جي شخصيت جو وڏو دخل هو، جو ماڻهن ڀرڪي ورتو هو، اُن کي، اُن جي شخصيت ۽ ان جي عملن کي ماڻهن محسوس ڪيو هو تہ هو سندن همدرد آهي.

شيخ صاحب نہ رڳو پاڻ سياست ۾ وڏي آيو پر هن سنڌ کي ڪيترا سنا ۽ مخلص ماڻهو ڏنا ۽ سنڌ ۾ انتهائي شرافت ۽ خلوص ڀري سياست جو رواج وڌو. اوهان هيءَ خاطري ڪريو تہ اسان اڄ جيڪي ڪجهہ آهيون، ان ۾ شيخ صاحب جي شخصيت جو بہ وڏو عمل دخل آهي. جيڪا بہ پاڻ ۾ سُرت ۽ ساڃهہ موجود آهي، اُن ۾ اسان جي هن عظيم مُدبر ۽ سياستدان جو بہ وڏو هٿ آهي ۽ هيءَ ڳالهہ بہ نوٽ ڪريو تہ اسان جو ڏينهون ڏينهن پوئتي پوندا وڃون، ترقي ڪرڻ عيوض تنزل ڏانهن پيا وڃون. اُن ۾ بہ هن

ڳالهہ جو وڏو دخل آهي تہ اسان وٽ شيخ صاحب جهڙن عظيم ماڻهن جو قدر ڪونهي، اسان انهن هيرن جي ڪارنامن کان بہ چڱي طرح واقف نہ ٿي سگهيا آهيون ۽ سندن پيغام گهر گهر پهچائي نہ سگهيا آهيون. شيخ صاحب جي شخصيت ڪا ننڍي وڏي ڳالهہ ناهي. هن جو پوري برصغير تي وڏو اثر آهي.هن جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا. ان جا ڪهڙا بہ اثرات ظاهر ٿيا هجن پر هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ پاڪستان جي بنجڻ ۾ اُن جو وڏو هٿ هو ۽ هن ان جدوجهد ۾ وڏو ۽ ڀرپور تاريخي ڪردار ادا ڪيو.

ان جهڙي تاريخ ساز شخصيت جيڪڏهن ماڻڻ چاهي ها تہ گهڻو ڪجهہ ماڻي سگهي ها پر شيخ صاحب ڪجهہ بہ نہ ورتو. هو ٻڪيو ۽ بي حال ضرور رهيو پر ان جي استقلال ۽ عظمت ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آيو. پير علي محمد راشدي سائين جي- ايم. سيد ڏانهن لکيل خطن ۾ شيخ صاحب جي تنگ دستي ۽ تنگ حاليءَ جو ڪافي ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن حالتن ۾ بہ هُن جنهن انداز سان عوام جي هيٺين طبقي لاءِ جيڪي ڪجهہ ويهي ڪيو. اهو ڪڏهن بہ ۽ ڪير بہ وساري ڪونہ ٿو سگهي.

وزارتون شيخ صاحب جي پويان ڊوڙنديون هيون. هو ٻين کي وزارتون وٺي ڏيندو هو. پر پاڻ ڪڏهن بہ وزير يا سفير ڪونہ رهيو. سواءِ هڪ مختصر عرصي جي. سو بہ ورهاڱي کان اڳ. پر اُن زماني ۾ جڏهن وزارت جي حال ڪري، سڀ ڪجهہ تينوال ٿيڻو هوم تڏهن مولانا ابوالڪلام آزاد جي صلاح مشوري سان شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سائين جي- ايم. سيد وزارتن کي لتون هنيون ۽ پنهنجو سڀ ڪجهہ داءَ تي لڳائي ڇڏيو. اڄ جي صورتحال ڏسو. اسان پُرون پيا، ريزا ريزا پيا ٿيون، روزانو اسان جي معصوم ماڻهن جا لاش پيا اسان کي ملن پوءِ بہ اسان جا وزير صاحبان، اقتدار جي ڪرسيءَ سان چهٽيا پيا آهن. چنبڙيا پيا آهن. انهن کان سڀ ڪجهہ لٽي ۽ ڦُري ورتو. سندن سڄي قوم، سڄو ملڪ. سڄي زبان. سڄي تهذيب ۽ ثقافت ڦري ورتو پر زمين جُنبند نہ جنبند، گل محمد جنبند.

سڄو ملڪ هيٺ مٿي ٿي وڃي پر وزارتون هر حال ۾ برقرار رکڻيون آهن. شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي شخصيت تي ڪيترو ڳالهائجي. اُن جي شخصيت جي ڪهڙي پهلوءَ تي ڳالهائجي. هن جي سياست تي ڳالهائجي يا

سندس محبت ڀريي انداز تي. هُن جي صحافت تي ڳالهائجي. مضمونن ۽ ڪالمن تي ڳالهائجي يا اُن جي خطيبانہ انداز تي. هن جي هر پهلوءَ تي ڳالهائجي تہ هر پهلوءَ ڪري اوهان جا ڪنڌ فخر کان مٿانهان ٿي وڃن.

دوستو! شيخ صاحب جن کي مون ڏاڍو ويجهڙائيءَ کان ڏٺو اُن سان ڪافي ڪچهريون ڪيون ۽ اُن جي عالمانہ ڳالهين ۽ روين مان چڱو فائدو حاصل ڪيو.

آءٌ سَن مان سائين جي- ايم. سيد سان گڏ ڪراچي ويو هوس. اُتي ڪافي عرصو رهيو هوس. سائين شام جو روزانو ڊرائيورَ کي گاڏي ڏئي، مونکي بہ ساڻس گڏجي ڏيندو هو ۽ شيخ صاحب کي آڻڻ لاءِ چوندو هو ۽ پوءِ مان روزانو ڊرائيور سان گڏ شيخ صاحب کي سندن گهران وٺي سائين جي- ايم- سيد وٽ ايندو هوس ۽ پوءِ مان انهن ٻن سمونڊن، ٻن درياهن جي ميل کي ڏسندو هوس. انهن جي فڪر، مدبرانہ ڳالهين ۽ سنڌ سان محبت جون ڳالهيون ٻڌندو هوس. مون سنڌ ۽ سنڌين سان محبت جو ڀريون ڀريون اثر انهن ڪچهرين مان حاصل ڪيو.

هن جي عمر نوانوي سالن جي هئي. پوري صديءَ جو ماڻهو هو. آخري عمر ۾ هو جڻ سڀ ڪجهہ وڃائي چڪو هو. ٻاهر نڪرندو هو تہ وري گهر جو رستو ڀُلجي ويندو هو ۽ ايڏيءَ جا ورڪر پيا اُن کي ڳوليندا هئا. اُن عرصي ۾ بہ مون ڏٺو تہ اُن کي سنڌ، سنڌي ماڻهن جو گهڻو فڪر هو. اسان جي چربي يار خان محمد پنهور، شيخ صاحب جي نالي تي اڪيڊمي ناهي. اُن اڪيڊمي کي بہ تقريباً ويهارو سال اچي ٿيا آهن، انهيءَ جي بانيڪارن ۾ مان بہ شامل آهيان پر سچ هيءُ تہ خان محمد پنهور، اڪيڊمي، آءٌ توڙي ٻيا ماڻهو شيخ صاحب جي شخصيت تي گهربل ڪم نہ ڪري سگهيا آهيون. فقط شيخ صاحب جي شخصيت تي چيپل مضمونن جو هڪڙو مجموعو ۽ شيخ صاحب جي چيپل ڪالمن جو هڪڙو ڪتاب ڇپجي سگهيو آهي ۽ اهو آهي شيخ صاحب اڪيڊميءَ جو ويهن سالن جو ڪم.

اڪيڊميون ۽ ادارا اسان جي ضرورت آهن. انهن کي رڳو ناهڻو ناهي پر اسان کي ان سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪرڻو آهي. جيڪو ڪرڻ گهرجي. هڪ هڪ پهلوءَ، هڪ هڪ ڳالهہ، هڪ هڪ عمل تي ڀرپور نموني سان تحقيق

ڪري ڪم ڪري سگهجي ٿو. لڪائي سگهجي ٿو ۽ شيخ صاحب جي زندگيءَ جا ڪيترا اهم پهلو ظاهر ڪري سگهجن ٿا. جن ڪري شيخ صاحب جي شخصيت کي اها موٽ ملي سگهندي، جنهن جي هو لائق آهي.

اسان جو يار خان محمد پنهور، پنهنجي دماغ جو آپريشن ڪرائي آيو آهي. مونکي سچ ته ان کي ڏسي، شيخ صاحب جي زندگيءَ جو آخري عرصو ٿو اکين آڏو اچي. جڏهن هن پنهنجو دماغي توازن به وڃائي ڇڏيو هو. ان هوندي ٻه ڪيس اسان ياد هئاسين. ۽ اڄ خان محمد جي حالت به گهٽ ناهي. مونکي لڳي ٿو ته اُن تي شيخ صاحب جو وڏو اثر پيل آهي.

مون شيخ صاحب جي اڪيڊميءَ تي جو ڳالهايو آهي ته ان کي ڪم ڪرڻ گهرجي. آءٌ پنهنجو پاڻ کي آڇيان ٿو ته اُن اڪيڊميءَ کي فعال بنايو وڃي ته آئون پنهنجو وقت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، مونکي ان شخصيت تي ڪم ڪندي خوشي ٿيندي. جيستائين اهو ٿئي تيستائين مان اعلان ٿو ڪريان ته سنڌ تحقيقي بورڊ طرفان، اسان هر اُن ماڻهوءَ کي پنجن هزارن جو انعام ڏينداسون. جيڪو شيخ صاحب جي شخصيت تي ڪتاب لکندو. جيترا به ڪتاب لکجن، ضرور لکجن. آءٌ ان سلسلي ۾ پنهنجيون صلاحيتون ۽ خدمتون ڏيڻ ٿو چاهيان. منهنجي هيءَ ڳالهه نوٽ ڪريو ۽ سمورا شاهد رهجو ته مون شيخ صاحب جي زندگيءَ جي ڄاڻ ڏيارڻ لاءِ ۽ ماڻهن ۾ احساس پيدا ڪرڻ واسطي هيءَ اپيل ڪئي هئي.

اسان وٽ هڪڙو ظلم آهي. اُهو هيءُ ته اولاد، پنهنجي وڏن جي ناليِ، ملڪيت ۽ ٻين ڳالهين تي وراثت جو حق رکندو آهي. باقي هنن جي ڇڏيل پيغام تي وراثت نه رکندو آهي. شيخ صاحب جو اولاد اهو فخر ڪندو ۽ وڏي واڪ چوندو ته آءٌ شيخ عبدالمجيد جو اولاد آهيان. جيڪڏهن ان جي ملڪيت آهي ته اُن تي اولاد وڙهندو، هڪٻئي تي ڪيس ڪندو. پر شيخ عبدالمجيد سنڌي، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد. ادب ۽ سياست ۾ ڇا ڇا ڇڏيو، ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو. ڪٿي ڪٿي ڪم ڇڏيو يا ڪٿي ڪٿي ضرورت آهي. ان مشن کي وڌائڻ جي. اُن سان انهن جي ڪابه دلچسپي ڪانهي. اها ساڳي شڪايت مونکي شيخ صاحب جي اولاد ڪان به آهي. اسان جي ادي بلقيس شيخ ويٺي آهي. منهنجي هيءَ ڳالهه مهرباني ڪري غور هيٺ آڻي.

ان جي شخصيت تي تحقيق ۾ کوجنا ٿينديءَ تہ اها سموري تحقيق اسان جي نوجوانن لاءِ مشعل راهہ بنجندي. شيخ صاحب دوربين نگاهون رکندڙ ۾ قوم جو انتهائي نبض شناس سياستدان هو. اوهان سندس مذهب بدلائڻ واري عمل بابت سوچيو. جنهن زماني ۾ هن مذهب تبديل ڪيو اُن زماني ۾ هن ڏنو تہ سنڌي مسلمانن لاءِ بي لوث قيادت جي گهرج آهي. وڏيرا ۽ جاگيردار اڳواڻ، پنهنجا مفاد عزيز رکندا ۽ غريبن جي مفادن کي قربان ڪري ڇڏيندا. ٻي طرف هندن جو سنڌي مسلمانن سان رويو هو. جنهن کي ڏسي شيخ صاحب محسوس ڪيو تہ سنڌي مسلمانن لاءِ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٻي طرف، هُن هندن ۾ مسلمانن وچ ۾ روز بروز بگڙندڙ حالتن کي ڏسي محسوس ڪيو تہ مستقبل ۾ اُهو اتحاد، اها گڏيل ڪميونٽي گڏ نہ هلي سگهندي. سنڌي هندن جو سنڌ ۾ مستقبل محفوظ نہ ڏنائين ۽ اهو بہ محسوس ڪيائين تہ ورهاڱو ٿيندو، مذهب جي بنياد تي ورهاست ٿيڻ ڪري هندن جو هتي مستقبل محفوظ ڪونهي، ڪين هن ڌرتيءَ کي ڇڏڻو پوندو. اها آهي دوربين نگاهہ. شيخ صاحب پنهنجي وطن سنڌ ۾ مستقل طور رهڻ لاءِ، پنهنجو ڌرم قربان ڪري ڇڏيو. ڌرم ڇڏي ڏنو باقي ڌرتي ڪانہ ڇڏي ۽ زندگيءَ جي آخري هڏڪيءَ تائين هن کي سنڌ جي ڌرتي عزيز هئي.

هڪ طرف اهو حال جو شيخ صاحبَ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪيو، ٻي طرف هي حال جو وصيت موجب هن کي نٿي، سندس اباڻي جنم ڀوميءَ ۾ مدفون ڪرڻو هو. پر جتي پاڻ وصيت ڪئي هئائين اتي قبر جو ٽڪرو ڪونہ پئي مليو. اتي سائين جي- ايم- سيد نہ هجي ها ۽ ضد ڪري نہ بيهي ها تہ شيخ صاحب اتي قبر جو ٽڪرو بہ حاصل نہ ڪري سگهي ها.

دوستو! هاڻي ٻڌايو تہ پاڻ ڇا ڪريون يا ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا ڪري رهيا آهيون. اڄ تہ پنهنجو پوتا ميل ڪريون ۽ پاڻ تي ڪي ذميواريون رکون ورنہ دوستو! ان حال ۾ اسان سان جيڪي ويڌنون ۽ ويل پيا ٿين اُهي نہ رُڪو برقرار رهندا پر ڏينهون ڏينهن وڌندا رهندا.

اوهان هيءُ ياد رکو تہ جيڪي ماڻهو، صدين جي تاريخ هوندا آهن،

اهي صدين تائين ياد رهندا آهن. پر اهي پيدا بہ صدين ڪانپوءِ ٿيندا آهن. اهو سنڌ جو مقدر آهي. اسان جو نصيب آهي جو. شيخ صاحب جهڙا مخلص ۽ محبوب ماڻهو اسان کي مليا آهن. جن سچي زندگي پنهنجي ڏاهپ ۽ سُرتائيءَ ڪري، وڏيون راهون ۽ پيچرا ناهيا. اسان کي اهي رستا ۽ راهون وسارڻ نہ گهرجن. اسان انهن جي جوڙيل پيچرن تي هلي، گهڻو ڪجهہ پنڌ ڪٽائي سگهون ٿا.

اسان جو ماڳ ۽ منزل اونداها آهن. شيخ صاحب جهڙن سياستدانن جا نالا موم بتين جيئن آهن. جن جي روشنيءَ ۾ اسان تاريڪي ۽ اونداهي ڪاٽي سگهون ٿا. ورنہ زندگي ڏاڍي اوکي آهي. خاص ڪري دوستو! اجتماعي زندگي. اها زندگي جيڪا ماڻهو بين لاءِ ارپيندو آهي ۽ انهن لاءِ ڪم ڪندو آهي. اها زندگي پيانڪ هوندي بہ ڏاڍي پياري هوندي آهي. شيخ صاحب کي جيڪڏهن هزار زندگيون ملن تہ بہ مونکي خاطري آهي هر جنم ۾ هو سنڌي هوندو. شيخ عبدالمجيد سنڌي هوندو.

دوستو! مان اوهان جو گهڻو ٿورائتو آهيان. جو اوهان دل جي حضور سان منهنجيون هي مختصر ڳالهيون ٻڌيون آهن. جيڪي مون يوسف جي خريدارن ۾ نالي لکائڻ لاءِ هتي اوهان آڏو ڪيون آهن.

مهرباني

• [پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾. شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ طرفان. شيخ صاحب جي چوڏهين ورسيءَ(٢٤-٥-١٩٩٢ع)تي ڪيل تقرير]

# جيجي زينت چنا ۽ سندس ڪردار

(زينت چنا جي ورسيءَ تي پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ ڪيل تقرير)

محترم دادي ليلا، قاضي احمد محمد، حميد سنڌي صاحب ۽ ساٿيو!

اسلام عليڪم!

لطيف سائينءَ جي نالي مشهور آهي ته هو رستو وٺيو پئي ويو. ڏٺائين ته هڪ ڪوهه تي نار جا لوٽا پيا هلن، پٽائيءَ انهن ڏانهن غور سان نهاريو ته هڪڙي ڪَنگري جو ترو لٽل هو. اُن، نه پاڻي آندو پئي نه نيو پئي. پر ڦيري ۾ سمورن لوٽن سان گڏ پيو هلي، تڏهن پٽائيءَ سائين فرمايو:

تــري لٽــل ڪَــنــگــرو، نلــهــا ڦيــرا ڏي،
آٿي نه ڪي ني، ته به ساٿن وچي سات سين.

سو اُن لحاظ کان مان به اُن لوٽي برابر آهيان. هتي پهچندي ئي ادي نذير ناز ڳالهائڻ لاءِ چيو ۽ مان ان نيت سان حاضر ٿيو آهيان ته به اکر ڳالهائي، بيگم زينت چنا سان پنهنجي عقيدت منديءَ جو اظهار ڪريان.

ساٿيو!

ڪالهه ۱۴- آگسٽ هئي. اڄ ۱۵- آگسٽ آهي. ٺيڪ پنجيتالهه سال اڳ، هن ملڪ جو ورهاڱو ٿيو هو.

ورهاڱي کان اڳ، اسان هڪ محبت ۽ قرب واري ماحول ۾ رهندا هئاسين. وڏو ادبي ماحول هو، هزارين ڪتاب ڇپبا هئا. بهترين محقق هئا، عالم، اديب ۽ دانشور هئا، جيڪي اسان جي ادب ۽ ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ، هڪ گڏيل ماحول ۾ ڪم ڪندا هئا.

اسان جي هندو توڙي مسلمان اديبن ۾ ڪابه نفرت ڪونه هئي. نه رڳو اديبن ۾ پر عام ماڻهن ۾ به اهڙو ڪو رُجحان ڪونه هو. اوچتو جو ورهاڱي جي ڳالهه ٿي ۽ لهر اُٿي ته اها ڳالهه اسان سمورن ماڻهن لاءِ، اوچتي ۽



زینت چنا

حيرتناڪ هئي.

اها اسان ماڻهن کي توقع ڪانہ ڪئي تہ ائين وچوڙو پوندو ۽ اوچتو ئي اوچتو جو ورهاڱو ٿي ويو تہ اسان ماڻهو ورهائجي وياسين. نہ رڳو اسان ماڻهو ورهاياسين پر اسان جون دليون ورهائجي ويون، اسان جون محبتون ۽ قرب ورهائجي ويا. اسان جو ادب ۽ اسان جي ثقافت ورهائجي وئي. اسان جي ٻولي ورهائجي وئي، اسان جو وجود ورهائجي ويو. هر چيز تقسيم ٿي وئي. دلين جي وچ ۾ ديوارون کڄي ويون.

ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهہ اوچتو ئي اوچتو جو نمودار ٿيو تہ اسان پاڻ سنڀالي نہ سگهياسين. سڄو وايو منڊل ئي بدلجي ويو. سڄو ماحول ئي ڊانوادول ٿي ويو. جيڪي بہ سلسلا هلندڙ هئا. آهي سڀئي سهڻن سپنن جيان ٽٽي پُري پيا ۽ اسان ۾ مِانار اچي وئي، سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو ۽ هڪڙو سلسلو جيڪو هليو پئي، اُهو ڪيتري عرصي تائين بيهي ويو.

۽ پوءِ نئين ماحول ۾ اسان کي گهڻو ڪجهہ ڀوڳڻو پيو. اسان جي اُن ڀوڳنا جي وڏي ڪهاڻي آهي، وڏو داستان آهي. حاڪمن، جابرن ۽ ظالمن طرفان، اسان کي نشانو بنايو ويو، هر موڙ تي اسان جي حوصلہ شڪني ڪئي وئي، اهو وڏو داستان آهي.

ضرورت هئي ان ڳالهہ جي تہ اسان ورهاڱي ڪري جيڪي نعمتون وڃايون آهن. اُهي وري گڏ ڪجن، اسان جيڪي شڪستون کاڌيون آهن، اُهي وري سوڀن ۾ تبديل ٿين ۽ ماڻهن، اسان جي ذهين ۽ سياڻن ماڻهن.\اهڪ نئون رستو ۽ نئين راهہ اختيار ڪئي ۽ نوان پيچرا ناهڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. جن ماڻهن اُنهن رستن ۽ راهن جوڙڻ لاءِ جدوجهد ڪئي، انهن ۾ جيجي زينت چنا جو نالو بہ سرفهرست آهي.

ملڪ جون حالتون خراب هيون، ڏاڍو گهٽَ ۽ ٻوسٽ وارو ماحول هو. ايوب خان حاڪم هو. پربت جيڏو جنرل ايوب خان، فيلڊ مارشل ايوب خان. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڳالهہ ڪرڻ عذاب هئي، اها ڳالهہ ڪري پنهنجو پاڻ کي جنجل ۾ وجهڻو هو. ۽ جيجي زينت چنا، اُن ماحول ۾ ڪم ڪيو. زينت پريس کولي. عورتن لاءِ 'مارئي' رسالو جاري ڪيو. عورتن لاءِ 'مارئي تحريڪ' شروع ڪئي، سنڌي عورتن جي ذهني جاڳرتا لاءِ هن

ابندائي ڪم ڪيو..........

دوستو! مونکي پيڻ زاهدا ٽيبو پرچي اچي ڏني آهي جيڪا ادي نذير ناز نکي موڪلي آهي. جنهن ۾ هَن لکيو آهي تہ مان مهرباني ڪري سياست تي نہ ڳالهايان، نہ تہ ٻيهر نيشنل سينٽر نہ ملندو.

پهرين ڳالهہ تہ مان واضح ڪري ڇڏيان تہ مان سياست تي ڪونہ پيو ڳالهايان. مان اُن ماحول تي پيو ڳالهايان، جنهن ماحول ۾ زينت چنا ڪم جي شروعات ڪئي هئي. جيڪڏهن اُن ماحول جو ذڪر ئي نہ ٿيندو تہ زينت چنا تي ڪجهہ بہ ڳالهائي نہ سگهبو. مونکي مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ هڪ دفعي ٻڌايو تہ "ناز، ايوب جي دور ۾ حيدرآباد ريلوي اسٽيشن وٽ سرڪار بہ وڏا بورڊ هڻائي ڇڏيا هئا. جنهن ۾ سئوڪن عجيب غريب مسخرانہ ڳالهيون لکيل هونديون هيون. مثال طور تہ ڪو اتر ڏي نهاريندو تہ تي مهينا ٽيپ کائيندو. ڪو ڏکڻ ڏي نهاريندو تہ ڇهہ مهينا ٽيپ کائيندو. ڪو ڪنڌ مٿي ڪري هلندو تہ سال ٽيپ کائيندو ۽ اهڙين نوانوي ٻين مسخرانہ ڳالهين لکڻ کانپوءِ آخري ڳالهہ هيءَ لکي وئي هئي تہ هن بورڊ ۾لکيل ڳالهين کي پڙهي جيڪو کلندو، اُن کي ڇهہ مهينا ٽيپ لڳندي، اهو ماحول هو. مضمون لکڻ ڏوهہ هو. لکڻ وارا دريون بند ڪري لکندا هئا. پريسن وارا ڏڪندا هئا. مضمون ڇپبا هئا تہ ڪابي پريس وارا گم ڪري ڇڏيندا هئا.

زينت چنا جي پريس ۾ نہ رڳو سندس رسالو مارئي ڇپبو هو پر روح رهاڻ بہ ڇپبو هو. هنن ٻنهي رسالن جو ادبي ميدان ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيل آهي. حميد سنڌي وينو آهي. کيس معلوم آهي، عيني شاهد آهي. جڏهن فارم ڇپبا هئا تہ ماٺهو مٿي تي کڻي، ڪيڏانهن بائنڊنگ لاءِ ويندا هئا ۽ اُن ماحول تي نہ ڳالهائبو تہ زينت چنا تي ڳالهہ ڪيئن مڪمل ٿيندي؟

سنڌ جي عورت سان هن سماج ۾ ڪيتريون ويڌنون آهن. ڪيڏا ظلم ۽ ناحق آهن. ڪيترو هوءَ لوڙي ٿي. اوهان جيڪي عورتون هن محفل ۾ شريڪ آهيو. اوهين تہ وڏيون خوش نصيب آهيو جو ائين کليل آزاد نموني هتي جلسن ۾ اچو ٿيون. سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي عورت ۽ شهري عورت ۾ ڪيترو فرق آهي. اوهان ڪڏهن سوچيو آهي-؟

مان اديب آهيان. پڙهيل لکيل آهيان. منهنجي گهر واري ماسترياڻي آهي. اسڪول ويندي آهي تہ پردو نہ ڪندي آهي. حيدرآباد ۾ گهمندا آهيون تہ

پردو نہ ڪندي آهي. پر ڳوٺ سن، جيڪو سائين جي- ايم، سيد جو ڳوٺ آهي. اتي ويندا آهيون تہ هو پردو ڪري هلندي آهي. ڇاڪاڻ تہ اتي جو ماحول اسان کي اهڙي اجازت ڪونہ ٿو ڏئي.

آءٌ سوچيان ٿو تہ جيڪڏهن سنڌ جي عورت، اج بہ اهڙن مسئلن سان دوچار آهي تہ بيگم زينت چنا واري دور ۾ سنڌي عورت سان ڪيڏي ويڌن هوندي؟ ۽ هُن اُن ماحول ۾ ڪم ڪيو. سنڌي عورتن ۾ ڪم ڪيو، انهن لاءِ ڪم ڪيو، انهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪئي، انهن ۾ سوچ پيدا ڪئي ۽ سنڌي عورت کي ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، اُن لاءِ ڪم ڪيو ۽ سنڌي عورتن کي ذهن نشين ڪرايو تہ:

"سَتي! تنهنجي سَت ۾، ڳالهہ گهُرجي ڳُجُ"

۽ اِن مقصد تحت ڪم ڪندي رهي. جيڪڏهن اسين ان سڀ ڪجهہ جو ذڪر نہ ڪنداسين تہ پوءِ زينت چنا جي ڳالهہ ڪيئن مڪمل ٿيندي-؟

اهو زمانو ڪنهن قدر محبتن جو زمانو هو. قدردانيءَ جو زمانو هو. ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ جي عزت ڪئي ويندي هئي. شيخ عبدالمجيد سنڌي لاءِ، جڏهن هو جيل ۾ هو تہ سندس سهري وصيت ڪئي تہ جڏهن هو آزاد ٿي اچي تہ اُن جي نياڻي شيخ عبدالمجيد کي ڏني وڃي. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ سنڌ جي ماڻهن لاءِ ڪم ڪيو تہ اُن کي 'باباءِ سنڌ' جو خطاب ڏنو ويو. زينت چنا ڪم ڪيو تہ اُن کي 'جيجي' جي خطاب سان نوازيو ويو ۽ اڄڪلهہ اسان سمورا اُن کي 'جيجي' چئي ئا ياد ڪريون. ۽ هاڻي اسان اُهو محبتن وارو ماحول برقرار رکي نہ سگهيا آهيون ۽ اُن ۾ اسان ماڻهن جو ئي ڏوهہ آهي.

زينت چنا جو پنهنجي عرصي ۾ ڪيڏو ڪم ڪيل آهي. اج اُن کي ياد ڪيو ويو آهي. هتي ماڻهو مري ٿو تہ جڻ وسريو ٿو وڃي. سالن تائين ڪنهن کي ياد ئي ڪونہ ٿو پوي. ماڻهوءَ جا ڪم، ماڻهوءَ جون سڄيون ڳالهيون، مٽيءَ جي ڍير هيٺان دفن ٿيو وڃن. ڪڏهن ڪڏهن وڃيو وريو اُهي شخصيتون ياد پون ۽ اُن نموني جيجي زينت چنا بہ اج ياد آئي آهي. جڻ تہ هن پيهر جنم ورتو آهي ۽ هاڻي سندس هيءُ ٻيو جنم آهي.

دوستو! سنڌي اخبارن بہ اسان سان وڏو ويل ڪيو آهي. اوهان کي زينت چنا بابت ڪابہ معلومات ڪانہ ڏينديون. نہ اُن جي ورسيءَ جي موقعي

تي ڪو مضمون ايندو نہ ڪو ٻي طرح ان کي ياد ڪندا. باقي ڏيان طلب ايندا. ڪڏهن ايندو تہ آسمان ۾ تلوار نظر آئي. ڪڏهن ايندو تہ فلاڻي هنڌ چانهين وڏي وئي تہ الله ۽ محمد صلعم جو نالو لکيل نڪتو. لاهور جي هڪ ڇوڪر جي پيٽ مان بار نڪتو. عجيب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهيون. ڌاڙيلن، چورن، بدمعاشن ۽ گنديڇوڙن جون ڳالهيون هونديون پر سنڌ جا کهڙا مسئلا آهن. سنڌ جا کهڙا محسن آهن. سنڌين لاءِ کهڙي ماڻهوءَ کهڙو کهڙو ڪم ڪيو آهي. اُها معلومات، اُهي مضمون هو ڪونہ ڏيندا. ۽ اسان جي سماج ۾جيڪي برايون آهن. جيڪي بدمعاشيون آهن. انهيءَ ۾ سنڌي اخبارن بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. سڄي سماج کي گندو ۽ غليظ بنايو ويو آهي. ڪِنو ۽ بدبودار. بيٺل پاڻي ئي تہ آهي اسان جو سماج.

اڇو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوڙيو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن پاڻيءَ پَنا ڏينهڙا.

۽ اسان جي ان سماج کي بهتر ۽ ڀلو بنائڻ لاءِ. ناهڻ لاءِ. عورت وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. اُهو اوهان کي خود سوچڻو پوندو تہ اوهان کي ڇا ڪرڻو آهي ۽ ڇا ڪرڻ گهرجي.

مان فقط ايترو ڄاڻان ٿو تہ عورت وڏو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. اُن ڪري اوهان اُٿو ۽ ڪم ڪريو. ايستائين ڪم ڪريو. جيستائين پورو سماج ئي نہ ٿو بدلجي. اُن سلسلي ۾ هڪ تحريڪ. هڪ تنظيم. هڪ جدوجهد جي ضرورت آهي. اُن ۾ اسان بہ اوهان سان گڏ آهيون. اوهان ۽ اسان ۾ ڪابہ وٿي ۽ وڇوٽي ڪانهي ۽ ائين ڪرڻ سان جيجي زينت کي سَرهائي ٿيندي تہ هن جيڪي سوچيو هو. اُن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ. سڀڪو پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

مهرباني.

● ١٥- آگسٽ ١٩٩١ع

● [نيشنل سينٽر - حيدرآباد ۾ ناري سنگت طرفان، بيگم زينت چنا جي ورسيءَ جي موقعي تي ڪيل تقرير]

# موهن- مٽيءَ جي ميراث

[ڪوٽڙيءَ ۾ موهن ڪلپنا لاءِ ڪرايل تعزيتي ميڙ ۾ ڪيل تقرير]

پيارا ساٿيو!

آءٌ اوهان جو نهايت ٿورائتو آهيان جو اوهان مونکي موهن ڪلپنا لاءِ ڪرايل هن تعزيتي ميڙ ۾ گهرايو آهي ۽ اها ڳالهه به جَسُ جوڳي آهي جو اوهان "سنڌي ادبي سنگت" ڪوٽڙيءَ وارن وقت تي ان ڳالهه کي محسوس ڪيو تہ موهن جو ڪوٽڙيءَ تي حق هو. جتي هو ڄائو هو، ننپڻو هو ۽ وڏو ٿيو هو ۽ ڪوٽڙي سندس ڀريون ڀيار هو. ڀرئين ڀيار کي ڪوبہ ماڻهو وساري نہ سگهندو آهي ۽ 'موهن' کي ڪوٽڙي بہ ائين ئي ياد هئي، جيئن هر ماڻهوءَ کي ڀريون ڀيار ياد رهندو آهي.

'موهن' جو نہ رڳو ڪوٽڙيءَ تي حق هو پر هن جو پوري سنڌ تي حق هو ۽ اُهو حق اڃا بہ سلامت آهي. ڇوتہ موهن کي سڄي سنڌ ياد هئي ۽ 'موهن' سڄي ڄمار جيڪي بہ لکيو اُن ۾ اُن ياد جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح ذڪر هو.

'موهن' هڪڙو آدرشي ليکڪ هو. هُن سڄي ڄمار هڪ مقصد ۽ پروگرام تحت لکيو. هن جي اُن لکڻ ۾ تُند ۽ تيز لهجو هوندو هو ۽ اُن ڪري ئي هن تي الزامن جي بوڇار ٿيندي هئي. ڪي ڪيس اُگهاڙو، فحش، جذباتي ۽ ٻين لقبن سان ياد ڪندا هئا. پر انهن الزامن هٿندڙن کي خود اهو احساس هو تہ 'موهن' جي اُن انداز پويان هڪڙو غم هو. هڪڙو گهاءُ هو ۽ اُهو گهاءُ هو وطن جو وڇوڙو. ڌرتيءَ جي مٽيءَ کان دوري.

سنڌ مان جن بہ ماڻهن، خاص طور هندو سنڌي اديبن، لڏپلاڻ ڪئي. انهن سمورن سنڌي اديبن مان جيڪڏهن سڀ کان وڌيڪ متاثر ڪو اديب ٿيو هو تہ اهو 'موهن' هو ۽ 'موهن' اُن غم، ان گهاءُ جو ڏاڍو دلگداز نمونو بيان ڪيو آهي. هڪ ڀيرو نہ، هزار ڀيرا. اهوئي ڪارڻ آهي جو موهن جي هر



موہن کلپنا

لڪٽيءَ ۾ تڙپ، جستجو ۽ جدوجهد نظر ايندي. 'موهن' جو هر ڪردار جڻ ڪنهن وڃايل شيءِ جو ڳولائو هو ۽ اها وڃايل شيءِ 'سنڌ' هئي ۽ موهن ڪي خاطري هئي تہ وقت ايندو جو هو وري سنڌ ويندو. جنهن خيال آخر ۾ فقط هڪ پيرو سنڌ ڏسڻ جو روپ ورتو هو.

'موهن' اسان جي مٽيءَ جي ميراث هو ۽ هن پنهنجي مٽيءَ جو حق واهہ جو ادا ڪيو. جيتوڻيڪ هن جو سنڌ مان وڃڻ ۽ پوميءَ جي پني پني مٽيءَ کان پري ٿيڻ وارو غم اذيتناڪ ۽ پيانڪ ضرور هو پر هيءَ ڳالهہ بہ آهي تہ جيڪڏهن هو سنڌ کان پري نہ ٿئي ها تہ هو موهن ڪلپنا نہ بنجي سگهي ها. موهن ڪلپنا، هڪ دردَ، هڪ غَم، هڪ وڇوڙي جو نانءُ آهي، جيڪڏهن هو اهو غم ۽ درد نہ ماڻي ها تہ سندس تحريرن ۾ اها ڳالهہ نہ هجي ها، جيڪا اڄ موجود آهي ۽ ڪيس صدين تائين زندهہ رکڻ جي گواهي پئي ڏئي.

هڪ دوست چيو تہ چڱو ٿيو جو موهن سنڌ ۾ ڪونہ آيو، ڇو تہ هن وٽ سنڌ جنت سمان هئي ۽ هو سنڌ ۾ جنت جو تصور رکي اچي ها تہ دوزخ واري روپ ۾ ڪيس ڏسي ڏاڍو ڏک پهچي ها.

مان سمجهان ٿو تہ ائين ڪونهي. موهن وٽ سنڌ جو جنت جهڙو تصور، خيالي طرح تہ پلي هجي جيئن هر ماڻهو پنهنجي محبوب بابت چڱو تصور رکندو آهي. پر 'موهن' وٽ سنڌ بابت جنت جو تصور تڏهن ئي دوزخ جي تصور ۾ تبديل ٿيل هو. جڏهن هن اها جنت ڇڏي ۽ اها جنت تڏهن ئي دوزخ جو روپ اختيار ڪري چڪي هئي، تڏهن ئي ٽامٽي بنجي چُڪي هئي، جڏهن 'موهن' کي اها 'جنت' ڇڏڻي پئي.

۽ ٻي ڳالهہ تہ اُن ڪانپوءِ سنڌ ۽ سنڌين سان جيڪي ڪجهہ وهيو ۽ واپريو آهي جيڪي بہ عُقوبتون ۽ اذيتون اسان کي مليون هيون يا ملي رهيون آهن، 'موهن' انهن سمورين ڳالهين کان چڱي طرح واقف هو. ڪيس اُها سموري ڄاڻ هئي ۽ هن پوءِ جي ڪيترن اهڙن واقعن بابت بہ لکيو آهي، جن اسان جي ڌرتيءَ کي دوزخ سمان بنايو آهي. اُن هوندي بہ موهن جي اسان سان محبت وڌي ڳالهہ هئي. هو هند ۾ هو. بي فڪر ٿي زندگي گهاري ها تہ اسان وارو غم هرويرو ڪيس لهس ڪونہ ڏئي ها، ڇوتہ هو هتان کان پري هو. پر اُن هوندي بہ هن، اسان جو غم پنهنجو غم سمجهيو ۽ پاڻ بہ ايترو ئي

پوکيو، جيترو اسان ماڻهن.

'موهن' جا ڪجهہ خط مون وٽ آهن. هڪ خط ۾ لکيو هئائين: "ناز، ڪاش! مان سنڌ ڇڏڻ وقت ابهم ٻارڙو هُجان ها تہ سنڌ ماءُ ڪي ڇُهتي ۽ چنبڙي پوان ها ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي ماءُ کانءَ جدا نہ ٿيان ها!"

۽ هاڻي 'موهن' جي موت سان واقعي هو ڌرتي ماءُ کان وڇڙي ويو. اسين شايد ڪيس ڪڏهن نہ ڏسي سگهون. ڇوتہ هاڻي اُهو جسم ئي نہ رهيو آهي، جنهن ۾ سنڌ ورڻ جي تڙپ هئي. اڳي تہ اهو خيال هو تہ موهن تاريخ مان موڪل تي ويل آهي، وري ايندو. پر هاڻي ائين ڪونهي. هاڻ ان خيال کي بہ ننڊ اچي وئي.

هاڻي فقط هڪڙو خيال آهي تہ 'موهن' فڪري طرح، اسان سان سدائين گڏ رهندو ۽ صدين تائين تاريخ ۾ هن جو اسان سان گڏ هلڻ وارو ساٿ سلامت رهندو ۽ اهو ساٿ دائمي آهي. جيڪو ڪڏهن بہ ٽُٽڻو ناهي، جنهن ساٿ ئَي ڪڏهن بہ ڪو زنگ چڙهڻو ناهي.

'موهن' لاءِ مان ڇا ڳالهايان. هو منهنجي پسند جو اديب هو. مون پنهنجي اداري طرفان سندس چار ڪتاب شايع ڪرايا آهن ۽ منهنجي اها تمنا رهي آهي تہ سندس سموريون تحريرون مان مڪمل طرح سان ڇپائي سگهان. ڪاش! اهو خيال مان جلد پورو ڪري سگهان. سندس موت اسان جي هڪڙي سفير، هڪڙي نمائندي، هڪڙي اڳواڻ، هڪڙي ترجمان جو موت آهي. ۽ اُن موت اسان کي جيڪو هاڃو رسايو آهي، اُن جو اثر، اوهان سمورا پنهنجي دلين تي محسوس ڪري رهيا آهيو، جيڪا ڳالهہ پاڻ سڀ محسوس ڪري رهيا آهيون.

● (٢- جولاءِ- ١٩٩٢ع - ڪوٽڙي)

● ڇپيل عبرت ميگزين-
١- سيپٽمبر ١٩٩٢ع

# ’ارشد‘ جي شاعريءَ ’ارشد‘

(عبدالحڪيم ’ارشد‘ جي شاعريءَ ڪتاب ’ڏيئا ذات جا‘ جو اڀياس)

ساٿيو،

جيئي سنڌ - !

سڪرنڊ جي ادبي دوستن ’ارشد‘ جي ڪتاب ’ڏيئا ذات جا‘ جي مهورت جي دعوت ڏيڻ سان گڏوگڏ، ’ارشد‘ جي شاعريءَ تي لکڻ جي بہ دعوت ڏني هئي پر مونکي مقالو لکڻ نہ آيڙي، انهيءَ ڪري مون ان موقعي تي ’ارشد‘ تي ڳالهائڻ بدلي ’سياسي تقرير‘ ڪئي هئي. هونئن بہ آئون اديب گهٽ، سياسي ورڪر وڌيڪ رهيو آهيان. سياست سان دلچسپي هئڻ ڪري، ادبَ سان واسطو گهٽ پئي رهيو اٿم. پر مونکي سياسي طرح گهٽ ۽ ادبي حيثيت ۾ وڌيڪ سڃاتو ويندو آهي.

هن ڀيري پڻعيدن جي پيارن يارن، ’ارشد‘ جي شام جي دعوت ڏيڻ سان گڏ لکڻ جي بہ دعوت ڏني، ۽ آئون ڪوشش ڪري ’ارشد‘ جي شاعريءَ ۽ ارشد تي انهيءَ اميد تي هيءُ مقالو لکي آيو آهيان تہ محفل ۾ وينل صرافن وٽ منهنجو هيءُ مقالو ’اڻ توريو‘ اگهامندو. منهنجو هيءُ پهريون مقالو آهي، نہ معلوم مقالي لکڻ ۾ ڪامياب ويو آهيان يا نہ-؟ اهو پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي.

مون ڏٺو آهي تہ ’ارشد‘ جي شاعريءَ ۾ زماني جي پراڻين ريتن، انڌن، گونگن، ٻوڙن ۽ وحشي ماڻهن، جانب جي گهورَ، پرديسي پرين، ڌارين ۽ انهن جي ديسي دلالن، ڏک جي ڏونگرن، جيون جي ڪٺن راهن، انڌاري رات، سنگتين ساٿين، پنهنجي دورَ جي انسانن، وڇوڙن، انسانن جي مختلف ڪردارن، ڌرتيءَ جي ڏوتن، بيقدرن جي بستي، ماٺهوءَ جي هر وقت بدلجندڙ روپن، روپ نگر جي شهزادين، پنهنجن جي ڏنل غم، سازش ڪندڙ مالهيءَ،



عبدالحکیم ارشد

روح کي گھائيندڙ ڪارين راتين. انسانن جي ويس ۾ نڪل شيطانن. هرڻيءَ جھڙي ناهڙ ڇوريءَ. دل تي جادو ڪري گھائيندڙ جادوگر. چين ڦٽائيندڙ اٺواقف پياري ماڻھوءَ. مُرليءَ سان من موهيندڙ جوڳين. شهر جي سياڻن واپارين. چور شڪاريءَ جي چار. مفت خورن جي خاندانين. ظالم. جابر حاڪمن جي حڪمرانين. دلين جي وچ ۾ ديوار ۽ اهڙن ٻين سوين ڳالهين لاءِ شڪوه شڪايتون. ڏوراپا ۽ ميارون موجود آهن -!

'ارشد' ويچارو غريب. مسڪين ماستر ڙو. ٻين عظيم شاعرن وانگر ايئرڪنڊيشنڊ بنگلن ۾ ڪونہ رهي. ڪارن ۽ جيپن ۾ ڪونہ گھمي. پوليس جي پھرن هيٺ ڪونہ گذاري. عظيم اديبن جي رابطي ۽ ماحول کان ڪٽيل. عظيم اديبن سان گڏجي. جتا ناهي حڪمرانن جي بنگلن ۾ ويهي. ٻہ ٽي ٽهڪ ڏيئي سنڌ جي مارن سان غداري ڪونہ ڪري- (١)

'ارشد' ويچارو ماڻھو مولائي. غمگين. ڇُپ چاپ. مانيٺو. تنهاين ۾ سوچيندڙ. گوتم وانگر گم سم. وڏو محبتي. ماڪيءَ کان مٺڙو. حد درجي جو حساس. ماڻھن جي اُمنگن ۽ جذبن جو ترجمان. خوددار. جانب جي ڪھوڙ سان گھايل. جوڳين سان جندڙي اڙائيندڙ. هوشوُ واري وات جو راهي. منصور جي سُنت جيارڻ جو عزم رکندڙ. سادو سودو صوفي. وڏو آدرشي. تڏهن بہ ويچاري ارشد تي ڪا عظمت جي ڇاپ لڳل ڪانهي. ڪيس سند مليل ڪانهي. 'ارشد' پنهنجي دل سان پيار ٿو ڪري. جيڪا ڪو 'باز' جهڙي وبو اٿس. ڪو جوڳي. مُرلي وڄائي ڪسي ويو اٿس. هاڻي انهيءَ دل جي دنيا تي شعر الهام ٿي نازل ٿيندو اٿس. انهيءَ دل تي يقين اٿس. اعتماد اٿس تہ هوءَ پرينءَ سان رشتو نہ ٽوڙيندي. ناتو نہ ڇنندي. ٻي انت بحر جي ڇولين. زماني جي عذابن ۽ تڪليفن ۾ دل سندس سات نہ ڇڏيندي. 'ارشد' پنهنجو ڪتاب انهيءَ دل ڏانهن منسوب ڪيو آهي. جنهن کي هڪ هنڌ هيري جهڙي دل ڪوٺيو اٿس.

---

(١) ان دور ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شيخ اياز سان گڏ. سنڌ جا اديب. سنڌ جي وزير اعليٰ. غلام مصطفيٰ جتوئيءَ سان ملڻ ويا هئا.

هڪ عالمَ جو چوڻ آهي تہ: 'منهنجي اندر جو حال منهنجي درد پرين ڏانهن ۾ ئي سمايل آهي. پر اُن جي پروڙڻ لاءِ حقيقي سوجهري واريون اکيون ۽ حقيقي سُرلائيءَ وارا ڪَنَ گهرجن.'

چڱيءَ پر "ارشد" جي شاعريءَ جو مطالعو ڪري ڏسجي تہ 'ارشد' جي شاعري رڳو شاعري ڪانهي. پر انهيءَ ۾ انسانذات جي موجوده حالتن جو نقشو چٽيل آهي. انسانذات جي اُمنگن ۽ جذبن جي ترجماني ڪيل آهي. 'ارشد' هڪ هنڌ چيو آهي:

مُرليءَ سان ويا موهي مونکي، جوڳي جن جي جوءِ نہ ڪا.
پرديسين سان پيار ڪري اج ارشد! مون پڇتايو آ.

سچ تہ انهيءَ شعر ۾ ڪيڏي نہ حقيقت سَمايل آهي. ڪيڏو نہ درد ۽ فراق اٿس. مولانا روميءَ هڪ هنڌ چيو آهي: "بئنسريءَ جو حال محرَم اُهو ئي شخص ٿي سگهندو، جو پنهنجي دلدار کان ڌار ٿي چڪو هوندو."

'ارشد' ويچاري سان بہ اُهائي حالت آهي. هڪ هنڌ انهيءَ وڇڙيل يار ڏانهن مخاطب ٿي چيو اٿس:

ڏورُ ڪٿي پرڏيهہَ ۾ تون پيي تڙپيو هوندين يارَ ضرور،
هاءِ مون ڪيڏي دردَ منجهان، اج شاهہَ جي وائي ڳائي آ.

هڪ ٻئي هنڌ بہ انهيءَ وڇوڙي تي چوي ٿو:

پرٿين پر پرين ويا سي موٽي ملن،
انهيءَ آس 'ارشد' اجا پيو جيان-!

۽ هڪ ٻئي هنڌ بہ اهڙي حالت ۾ چوي ٿو:

گهڻا سالَ ٿيا ڪي رُسي يار ويا،
اجا آس اکڙين تہ موٽي ملن-

مولانا روميءَ، روح جي باري ۾ هڪ هنڌ راءِ ڏيندي چيو آهي:

"جيئن انسان جو بدن روح کان ۽ روح بدن کان بي خبر نہ آهي. پر اهو دستور ئي نہ آهي تہ ڪوبہ شخص روح ڏسي وائسي سگهي."

اسان جي يار 'ارشد' هڪ هنڌ روح لاءِ چيو آهي:

مان روح جي ٻولي ٻڌندو هان، هي روح مخاطب ٿيندو آ.
آواز اندر جو هوندو آ، جو گيت چپن تي ايندو آ.

انهيءَ مان اسان سمجهون ٿا ته روح ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي پر روح مخاطب ضرور ٿيندو آهي. روح جون ڳالهيون مقدس ۽ امر هونديون آهن. 'ارشد' جي شاعريءَ ۾ روح جون رڙيون، ڪوڪون ۽ دانهون آهن ۽ اها شاعري اسان لاءِ "غنيمت" آهي. مون انساني روح جي باري ۾ هڪ هنڌ پڙهيو آهي ته: "انساني روح پنهنجي اصليت ۽ بناوت جي لحاظ کان هڪڙي پاڪ ۽ روحاني مخلوق آهي." هر انسان وٽ روح هوندو آهي. پر هرهڪ ماڻهو روح جي ٻولي ٻڌي نه سگهندو آهي. روح جي ٻولي ٻڌڻ واري ماڻهوءَ کي 'امر' ۽ 'عظيم' ڪوٺي سگهجي ٿو.
هٿرادو ۽ بناوتي شاعري 'بي جان' هوندي آهي. 'ارشد' جي شاعري حقيقي ۽ بنيادي شاعري آهي. 'ارشد' وٽ ذات به آهي ته ڏانءُ به اٿس. 'ارشد' وٽ پنهنجي دل جو آئينو آهي. جنهن وسيلي هو فطري ۽ حقيقي ڳالهين کي پرکي ٿو وٺي. ڪافي شاعرن ۾ 'خودي' هوندي آهي. ويچارا 'پاڻ وڻائڻ' ۽ 'پاڻ پڌائڻ' لاءِ جتن پيا ڪندا آهن. پر ويچاري ارشد وٽ خوديءَ جو ته نالو به ڪونهي. هڪ هنڌ چيو اٿس:

'خدا پاڪ ناهيان. فرشتو به ناهيان،
مان آدم جو اولاد انسان آهيان- گنهگار آهيان.'

'ارشد' جي زندگيءَ جي تصوير خليل جبران جي هنن لفظن ۾ چٽيل ٿي نظر اچيم:
"هيءُ اهو شاعر آهي. جنهن کي زندگيءَ ۾ ته ڪو نه ڄاتو ۽ سڃاتو، پر هن دنيا کي ڇڏڻ ڪانپوءِ، جڏهن هو پنهنجي حقيقي ديس ڏانهن روانو ٿي ويو ٿو. تڏهن سندس پوڄا شروع ٿي وڃي ٿي. ها! هيءُ اهوئي شاعر آهي. جو انسان کان فقط هڪ هلڪي مرڪ ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به معاوضي ۽ صلي جي تمنا نه ٿو رکي، هيءُ اهوئي آهي، جنهن جون سرد آهون آڪاش ۾

سُندر روپ ڌارڻ ڪري اُڏامنديون رهن ٿيون. ليڪن ماڻهو هن ڪي مانيءَ پور ۽ ڪپڙي ٽڪر ڏيڻ ۾ به ڪنجوسپائي ڪن ٿا.“

’ارشد‘ اهڙن بدذوق ۽ بيقدر ماڻهن جو ذڪر ڪندي چيو آهي:

ماڻهن مونکي ڪين سُڃاتو، پيار جي عيوض پور ڏنئون،
سُور ڏين ناسور ڏين، تا گهايل دل کي گهاوَ ڏين.

هڪ هنڌ اڄڪلهه جي انسانن ڏي مخاطب ٿيندي چيو اٿس:

’اڄڪلهه جا انسانَ مون تولئه، جُهول گُلن جو آندو آ،
قولَ ورهائڻ آيو آهيان، قولَ ورهائي ويندس مان.

’ارشد‘ انسانن کان معاوضي ۽ صلي ۾ هڪ هلڪي مُرڪ ئي وٺڻ جي تمنا ٿو رکي. ’ارشد‘ پاڻ روئڻ پسند ٿو ڪري پر ٻئي ڪنهن کي ڳوڙها ڳاڙيندي ڏسڻ نه ٿو گهري. انهيءَ لاءِ چيو اٿس:

مان ته اڻين ئي رُئندو رهندس، سُهڻا سائين تون ته نه روءِ!
مان ته روئڻ لاءِ پيدا ٿيو هان، سهڻا سائين تون ته نه روءِ-!

’ارشد‘ کي پنهنجي سنڌڙيءَ ۽ سانگين سان پيار ۽ محبت آهي. هو ڌرتيءَ کي پنهنجي سَرتي ٿو سمجهي ۽ چوي ٿو:

ڌرتي! منهنجي سَرتي توسان، نينهن نڀائي ويندس مان،
تنهنجي ڏُک درد کي پنهنجو، درد بنائي ويندس مان-

’ارشد‘ ڌرتيءَ جو درد پنهنجو درد ٿو سمجهي ۽ هو انهيءَ ڌرتيءَ تان پنهنجو ڪنڌ ڪپائڻ ٿو چاهي. هُن کي پنهنجي مٽي ڌرتيءَ جي مٽيءَ سان بيحد عقيدت، عزت ۽ پيار آهي. پنهنجي وڃڻ ڪانپوءِ جي خواهش ٿو ڪري:

مون کان پوءِ هي نيڻ جُمن مَن، مٽي منهنجيَ ڌرتيءَ جي،
هوشُوَ واري وات تي ارشد! نيڻ وڇائي ويندس مان.

ارشد وٽ سنڌ جي سورمن ۽ شهيد انسانن لاءِ حد کان وڌيڪ پيار ۽ احترام آهي. انهن لاءِ چوي ٿو:

اي دوست! انهن ئي جوڌن دودن ڌرتيءَ جي دل ٺاري آ.
جن ديس تان هرشيءِ صدقي ڪئي. جند جان وطن تان واري آ.

’ارشد‘ هن ڌرتيءَ جو رهواسي آهي ۽ سنڌڙيءَ کي پنهنجي جندڙي ٿو ڪوٺي:

جند منهنجي سنڌ سان، سنڌ منهنجي جانِ.
توتان مان قربان، جيءَ جيءَ جيجل جيءَ تون.

’ارشد‘ هر سنڌيءَ کي هيرو ۽ سنڌڙيءَ کي سون ٿو سمجهي:
”هرڪو ماڻهو هيرو آهي، سنڌڙي سارو سون ميان!“

’ارشد‘ جي شاعري ’هوائي قلابا‘ ڪونهي. ’ارشد‘ جي شاعري هڪ پيغام آهي. ’ارشد‘ جي شاعري ’دائمي تحريڪ‘ جي پيغام جو حصو آهي. اها دائمي تحريڪ جيڪا وطن جي ماڻهن کي ننڊ مان اٿاري، اڳتي وڌائي ٿي، ظالم ۽ جابر سان ٽڪرائي ٿي. ’ارشد‘ انهيءَ ’دائمي تحريڪ‘ جي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ يقين هڪڙي ڏينهن سنڌ جو گونگو ۽ گڱدام عوام، پنهنجي حقن وٺڻ لاءِ اٿي کڙو ٿيندو. ’ارشد‘ سنڌي عوام ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ هڪ هنڌ چيو اٿس:

اي ڌرتي! تنهنجا گيت چئي، هر دل کي مون ڌڙڪايو آ.
هر دل ۾ تنهنجو درد ڪٺي مون جنتا کي جاڳايو آ.

لوئي اراگائون هڪ هنڌ اهڙن جذبن جاڳائيندڙ شاعرن لاءِ چيو آهي:
”سچا اديب ۽ شاعر، جڏهن ساهه کڻن ٿا. تڏهن خود غرض ماڻهن جي زندگي ئي زهر بنجيو پوي ۽ جڏهن اهي پنهنجي ’قلم‘ کي جنبش ڏين ٿا تڏهن اهڙو شور مچيو وڃي جو مئل به جاڳيو اٿن.“

اسان ۾ جيڪا به ذهني سجاڳي آئي آهي. انهن جي پيدا ڪرڻ ۾ اسان جي شاعريءَ جو به وڏو هٿ آهي. اسان کي پنهنجي وطني شاعريءَ تي فخر آهي. جنهن اسان ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان شاعرن جا ٿورائتا آهيون. جن اسان ۾ جوانڙ جذبا جاڳايا آهن. جن اسان جي اندر جي اڌمن، امنگن ۽ جذبن جي صحيح تصوير چٽي آهي. اچ مون لاءِ

وردسورٿ جا هي لفظ لافاني ٿا لڳن:

” شاعري سڀني علمن جو ساهه ۽ لطيف روح آهي. بلڪ هڪ اهڙو سرچشمو آهي. جنهن مان علم جو چشمو ڦٽي ٿو نڪري. شاعر لاءِ ائين به چئي سگهجي ٿو. جيئن شيڪسپيئر انسان لاءِ چيو آهي ته هن جون نظرون ماضيءَ ۽ مستقبل ۾ کتل آهن. هو انساني فطرت لاءِ هڪ حامي ۽ محافظ مثل آهي. جنهن وٽ هرهنڌ ۽ هر وقت پيار ۽ محبت موجود آهي. زمين ۽ آبهوا، ٻولين ۽ عادتن، سماجي قاعدن ۽ جذبن جي اختلافن هوندي به شاعر شديد جذبي ۽ علم جي وسيلي سڄي دنيا ۾ پکڙيل ۽ سڀني وقتن سان لاڳاپيل، سمورن انساني سماجن کي هڪ هنڌ اچي ڪٺو ٿو ڪري. شاعر جا فڪري مقصد هرهنڌ موجود آهن.

جيتوڻيڪ انساني نظرون ۽ حَواس سندس رهنمائي ڪن ٿا. پر هو جتي به پنهنجي لاءِ احساس جو ماحول ڏسي ٿو. اتي اُڏامڻ لاءِ پَر پکيڙي ٿو. شاعري سڀني علمن ۾ پهريون ۽ آخري علم آهي ۽ انساني دل وانگر لافاني آهي.“

’ارشد‘ مونکي پنهنجي رسالي ’چٽنگ‘ لاءِ انٽرويو ڏيندي هڪ هنڌ چيو: ”مون پرايو آهي ته جا بادشاهي عزت نفس وڃائڻ سان ملي، ان جي مقابلي ۾ پلي بک ٻرم جي. شال مَ وڃي شان.“ ”مون پرايو آهي ته ٻي مقصد زندگيءَ جو آئيندو اونداهو آهي. جنهن زندگيءَ سامهون ڪو عظيم آدرش ناهي سو ماڻهو ڍورَ سَمان آهي.“

’ارشد‘ آدرشي ماڻهو آهي. منهنجي نظر ۾ هر آدرشي ماڻهو عظيم آهي. جنهن انسان وٽ پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪو مقصد آهي. اسان وٽ انهيءَ لاءِ عزت ۽ احترام آهي. اسان انهيءَ ماڻهوءَ جو قدر ٿا ڪريون. جيڪو عزت نفس وڃائڻ نه ٿو گهري. جيڪو پنهنجي مقصد سان سچو آهي. جيڪو پنهنجي ڪيل ڳالهه، صحيح ۽ حقيقي ڳالهه ٻُڌائڻ ٿو چاهي.

استاد بخاري، سُنڌ جو ناميارو شاعر آهي. سنڌ جي قوم پرست ۽ ترقي پسند نوجوانن جي دلين ۾ ’استاد‘ لاءِ هن وقت انهيءَ ڳالهه ڪري احترام ڪونهي، عزت ڪونهي ته هن صاحب پنهنجي شاعري، پنهنجي ’ميراث‘

سمجهي آهي. هن پنهنجا 'جذبا' پاڻ گهٽيا آهن. هن پنهنجي ضمير جي آواز سان غداري ڪئي آهي. هُن هڪ پيرو هڪ شعر 'سنڌي ٻولي قومي ٻولي،' لکيو. اهو شعر استاد جي ضمير جو آواز هو. جڏهن هن صاحب ڏٺو تہ حڪمرانن وٽ 'سنڌي ٻولي، قومي ٻولي' چوڻ ڏوهہ آهي تہ هن مهراڻ ڪاليج موري جي هڪ شام ۾ 'سنڌي ٻولي قائم ٻولي' ڪري پڙهيو. محفل ۾ ويٺل هزارين ماڻهن استاد کان اها گهر ڪئي تہ اهو شعر اصلي صورت ۾ يعني 'سنڌي ٻولي، قومي ٻولي' ڪري پڙهيو وڃي. پر هن صاحب ائين نہ ڪيو ۽ اڄ ڪيس سنڌ جو نوجوان نفرت جي نگاهن سان ٿو ڏسي.

اڄ مان هن محفل ۾ تمام گهڻو خوش آهيان ۽ انهيءَ کان وڌيڪ غمگين پڻ. 'ارشد' اسان جي دوست تي مونکي تمام گهڻو ارمان، افسوس ۽ ڏک آهي. هتي موقعو ڏسي آئون جرئت ڪري پنهنجي دوست 'ارشد' کان هڪ سوال ٿو پڇان. ڪراچيءَ مان نڪرندڙ نئين سنڌ پبليڪيشن جي مئي ١٩٧٥ع واري شماري جي صفعي نمبر ٧ تي 'ارشد' صاحب جو هڪڙو غزل شايع ٿيو هئو. جيڪو غزل سندس تازي شايع ٿيل مجموعي "ڏيئا ڏات جا" جي صفعي ٣٦ تي شايع ٿيو آهي. ليڪن نئين سنڌ پبليڪيشن ۾ شايع ٿيل غزل ۽ مجموعي ۾ شايع ٿيل غزل ۾ هڪڙو فرق رکيو ويو آهي. انهيءَ غزل مان هينيان چار بند ڪڍي، مجموعي ۾ شايع ڪيو ويو آهي:

(١) اڄا سنَ جو سائين، سچو سنڌ سان،
ڏسي ڏاڍ تا مرد مِنجي وڃن،
(٢) هلي آءُ ساٿي، تہ سن ڏي هلون،
جتي جيءَ جرڪن، دليون ڏوپجن،
(٣) جين شال! سنڌي سپاجها جين،
جيئي سنڌ، آزاد سنڌي ٿين.
(٤) غلاميءَ جا زنجير ٽُڪرا ڪجن،
ڪجي هاڻي آزاد پنهنجو وطن،

'ارشد' صاحب يا ادبي ثقافتي ۽ تحقيقي اداري کي اهڙو ڪوبہ حق ڪونهي تہ هو اهڙو ڪڏو ڪم ڪن. سنڌ جي ملڪيت ادب سان اهڙي هٿ

چراند ڪن. 'ارشد' جي شاعري، 'ارشد' يا اداري جي ذاتي ملڪيت ڪونهي جو انهيءَ کي جيئن وڻين تيئن استعمال ڪن.

آءٌ، پنهنجي طرفان 'ارشد' ۽ اداري جي انهيءَ ڪيل ڪم جي مذمت ٿو ڪريان. 'ارشد' پنهنجي غزل مان مٿيان چار بند ڪڍي، پنهنجي ضمير جي آواز، پنهنجي روح جي ٻوليءَ تي ٻرڇي وهائي ڪڍي آهي. مون کي قوم جي هڪ فرد جي حيثيت ۾ اهو حق هو تہ مان 'ارشد' کان انهيءَ ڳالھ جو سبب پڇان ۽ انهي حق کي محفوظ سمجهندي، آءٌ پنهنجي جاءِ ولاريان ٿو.

جيئي سنڌ. جيئي سنڌي ٻولي.

● (لکيل: ١٦ - فيبروري ١٩٧٧ع - سن)

[ٻدعيدن شهر ضلعي نوابشاهہ ۾ "گلن جهڙا ٻارڙا" طرفان عبدالحڪيم 'ارشد' سان ١٩ - فيبروري ١٩٧٧ع تي، استاد بخاريءَ جي صدارت هيٺ ملهايل شام ۾ پڙهيل مقالو]

# اهڙي دنيا جتي محسن کي چون آواره

(محسن ڪَڪِڙائيءَ سان ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل مقالو)

ساٿيو،

جيئي سنڌ-

مشهور اديب پريمچند، هڪ هنڌ ادب جي باري ۾ لکيو آهي: ”ادب ان بغاوت جو نالو آهي، جا بغاوت، ’ظلم ۽ استبداد‘ جي خلاف انساني روح ۾ پڙڪو ڪائي اٿي ٿي. ’اديب‘ ان ’بغاوت‘ جو شارح ۽ ترجمان آهي-“

اسانجو وطن سنڌ گهڻو ڪري ڌارين جي غلبي هيٺ رهيو آهي. پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ پڙهڻ ڪانپوءِ اسان کي معلوم ٿيندو ته سنڌي ماڻهن هر دورَ ۾ وڏا تاريخي ڪردار ادا ڪيا آهن. ڪڏهن هنن تلوار کڻي دشمن سان مقابلو ڪيو آهي ته ڪڏهن وري ’قلم‘ کي پنهنجو سهارو بنائي دشمن جا طاغوتي ٻيڙا تباهه ڪيا آهن. انهن انقلابن ۾ سنڌ جي اديب جو، سنڌ جي شاعرَ جو وڏو ڪردار رهيو آهي. سنڌي ادب، اعليٰ روايتن ۽ بلند قدرن جو مثال آهي. ۽ شاعريءَ اسان جي تاريخ جوڙڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. مومل راڻو، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، سورٺ راءِ ڏياچ، ليلا چنيسر، عمر مارئي، نوري ڄام تماچي ۽ ٻين سنڌي قصن، جن ۾ اسان سنڌي ماڻهن جي محبت ۽ عظمت جي عڪاسي ٿيل آهي. انهن قصن کي ان وقت جي شاعرن محفوظ ڪري ڇڏيو. جنهنڪري هڪ ته اُهي قصا ۽ ڪهاڻيون امر بنجي ويا. ٻيو ته اسان جي تاريخ کي وڏي هٿي ملي وئي. سنڌ تي ارغون قابض هجن يا مغل، انگريز هجن يا عرب، مطلب ته ڪهڙي به استحصالي قوت سنڌ ملڪ تي قابض آهي ته هتان جي اديبن، ظلم ۽ استبداد خلاف محاذ ناهي، اُن جو پاڻ به مقابلو ڪيو آهي ته ٻين ماڻهن جي جذبن جاڳائڻ جي به



محسن ککڙائي

ڪوشش ڪئي آهي. جنهن بغاوت ڪري، هتي ڪابہ طاقت سدائين لاءِ قابض نہ رهي سگهي آهي.

آخر ادب آهي ڇا؟ جيڪو انقلابن آڻڻ ۾ وڏو ڪردار ٿو ادا ڪري. اهو شعر ۽ افسانو، ڪهاڻي ۽ ناول ئي تہ آهي. مون ان شعر ۽ افساني جي باري ۾ هڪ هنڌ پڙهيو آهي: "اُهي دلگداز ۽ روح فرسا گهڙيون، جن جي ڀاڻ اوندهہ ۾ ظلم ۽ تقدس جي ڇڙواڳ ديوَ جو وحشي هٿ، قوت ۽ طاقت جي آڙ ۾ زندگيءَ جي معصوم ۽ ڪنول جهڙين اڇين، اُجرين دلين کي ٽِڙڻ ۽ کِلڻ کان اڳ مروٽي ٿو اُڇلائي، سي ڪائنات تي هڪ لرزه انگيز سڪوت طاري ڪريو ڇڏين. شاعر ۽ اديب، پنهنجي غمزده خاموشيءَ ۾ غرق ٿي ٿو وڃي. مشاهدي جي اک مان وهيل ڳوڙها قلم جي ذريعي ڪاغذ تي ڳڙي خاموش زبان ۾ جو ڪجهہ نقش ٿا ڪن، ان کي ماڻهو شعر ۽ افسانو ٿا سڏين."

شعر ۽ افساني ۾ ان وقت جي حالتن جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي. فنڪار وٽ ڪافي جذبا هوندا آهن. جذهن انهن جذبن کي ٺيس پهچندي آهي. جڏهن قلم، قلمڪارَ جي رت سان ڳاڙهو لال ٿي ڪجهہ لکي ٿو، تڏهن ان لکت ۾، ان غم ۾، ان حالت جي، ان دور جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي. آءٌ ڪجهہ وقت اڳ شڪارپور ويو هئس. اُتي مان هڪ واقعي کان تمام گهڻو متاثر ٿيو هئس. مونکان ٻن ڇوڪرن آٽو گراف ورتو. جن مان هڪ تي مون لکيو "ڪَاش! مان خدا هجان ها!" ٻئي ڇوڪري اهو پڙهي اصرار ڪيو تہ سندس آٽوگراف تي آءٌ ان جملي جي وضاحت ڪريان. مون ان کي لکي ڏنو: "جيڪڏهن آءٌ خدا هجان ها تہ انهن ماڻهن کان جيئڻ جو حق ڦُري وٺان ها. جيڪي معصوم ۽ مُرڪندڙ چهرن جا ويري آهن. جيڪي مٺڙي مُرڪ جا قاتل آهن." پوءِ مون کين ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو تہ: "باغي اديب خدائيءَ جا طلبگار هوندا آهن. آءٌ باغي اديب آهيان. مونکي هن سڙيل سماج کان نفرت آهي. آءٌ هن نظام جي تبديلي ٿو چاهيان." مون ان وقت سوچيو هو تہ خدائي ملڻ ناممڪن ناهي.

عام طرح ماڻهو چوندا آهن تہ انسان چنڊ تي پهچي سگهيو. هن جهاز، ريڊيو، ٽي- وي، ايٽم بم ۽ ٻيون شيون ايجاد تہ ڪيون، پر هڪ شيءِ

جيڪا انسانن يا سائنسدانن جي وَسَ ۾ ناهي، اها آهي ڪنهن ماڻهوءَ ۾ روح پيدا ڪرڻ. مونکي ان ڳالهه سان اتفاق ڪونهي ته انسان روح پيدا نٿو ڪري سگهي. 'اديب' جڏهن معاشري سان بغاوت ڪري، پنهنجي قلم کي جنبش ۾ آڻي ٿو ته ماڻهن جا مئل جذبا جاڳيو پون. ماڻهن ۾ روح پيدا ٿيو پوي. ماڻهوءَ جا احساس جاڳيو پون ۽ پوءِ ختم ٿي ويل، تباهه ٿيل ماڻهو، فن جي اهميت ۽ حيثيت کي سمجهڻ ۽ پرکڻ کانپوءِ، جوان جذبن ۽ هڪ نئين روح جو مالڪ بنجيو پوي.

اديب ۽ شاعر، پنهنجي لکڻين ۾ پنهنجا خيال، ٻين ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انگريزيءَ ۾ شاعر کي 'Poet' چئبو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي. 'Maker' يعني 'ناهيندڙ' جنهن کي سولن لفظن ۾ 'خالق' چئجي. آءٌ اديب کي 'خالق' سمجهندو آهيان. نه فقط ڪنهن افساني يا 'شعر' يا ڪنهن ڪهاڻيءَ جوپر انساني جذبن جو. انساني روح کي نئين سر جنم ڏيڻ جو. پر اهو اديب ۽ شاعر نه جيڪو 'قلم' کڻي، بنا ڪنهن خيال ۽ بنا ڪنهن سوچ جي، ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪري. پر مشهور مفڪر علامه- آءِ- آءِ قاضيءَ جي بقول: "جيستائين قلب جي خون منجهان اکر ڳاڙها ٿي نه نڪرن ۽ خود بخود بغير ڪوشش جي زبان تائين نه پهچن ۽ آلاپڻ اهڙو بي خبريءَ جو هجي، جهڙو قمريءَ يا بلبل جو سرود، تيستائين ان کي شعر نه چئبو-"

سنڌ ۾ موجوده وقت ۾ هزارين شاعر آهن، جن جي شاعري، منهنجي نظر مان گذري آهي. پر مونکي اڪثريت انهن شاعرن جي نظر آئي آهي. جن قلم کڻي بنا ڪنهن مقصد جي ڪاغذ ڪارا ڪيا آهن. عجيب ڪمال آهي ته محسن ڪڪڙائيءَ، جن شاعرن وٽان شاعريءَ جو علم حاصل ڪيو. اُهي اڃا تائين "ڪٽڪ اپايو، ڪٽڪ اپايو" يا تتبع واري شاعريءَ ۽ قصيده نويسي تائين محدود آهن. يعني اڃا جنڊ تي ويٺا آهن. 'محسن' وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان پاڻ کي صف اول جي شاعرن جي قطار ۾ اچي ويهاريو آهي. يعني پنهنجن استادن ۽ ساٿين کي 'جنڊ' تي ئي ڇڏي 'چنڊ' تي پهچي ويو آهي. سندس شاعري ڪنهن به تتبع تي ٽڪيل ڪانهي. سندس شاعريءَ ۾

قصيده نويسي ڪانهي. هو ڪنهن اخبار جو ڪالمي شاعر يا ڪنهن پارٽيءَ جو خريد ڪيل ڪونهي. هن قلم جي مٿان وينل ٻهريدارن جي ناهيل ماپن مطابق شاعري نہ ڪئي آهي، پر هن پنهنجي دل جي جذبن، اُمنگن ڪانسواءِ، پنهنجي 'وطن' جي ماڻهن جي جذبن ۽ اُمنگن جي ترجماني ڪندي شاعري ڪئي آهي. هو جيڪڏهن ڪنهن جي غلامي ڪرڻ پسند ٿو ڪري تہ اهو سندس 'وطن' ئي آهي. هڪ شعر ۾ چيو اٿس:

گستاخ ڪلامي نہ ڪئي اٿئون نہ ڪبي،
هر سچَ جي سلامي نہ ڪئي اٿئون نہ ڪبي،
سنڌڙي تہ امڙ آهي، امڙ سان ڪو حساب؟
ٻي ڪنهن جي غلامي نہ ڪئي اٿئون نہ ڪبي.

'محسن'، منهنجي منڙيءَ پياري اسڪول سن ۾ استاد ٿي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هو مونکي پڙهائيندو ڪونہ هو. تڏهن بہ سڀني شاگردن ڪان وڌيڪ آءُ سندس ويجهو هوندو هئس. ساڻس ملاقات بہ عجيب قسم جي ٿي. جڏهن هو بس مان لهي اسڪول ڏانهن اچي رهيو هو تہ آءُ رسيس ٽائيم تي پنهنجي هڪ دوست سان گڏ چڪر هڻي رهيو هئس. 'محسن' بس مان لهڻ وقت، مونکي ڏسي سَڏ ڪندي پڇيو 'بابا! توهان اسڪول ۾ پڙهندا آهيو-؟' پوءِ هن مونکي اسڪول گڏجي هلڻ لاءِ چيو. 'محسن' کي ڏسڻ وقت مون سمجهيو هو تہ ڪي ماڻهو منهنجو اڳ جو واقف آهي. منهنجي نظر ۾ بہ ماڻهو هئا. هڪ استاد بخاري ٻيو پروانو پٽي. ڇاڪاڻ تہ اُهي بہ عينڪي ۽ وارن ڪٽل هئا. مون ٻئي نالا ڪنيا پر 'محسن' چيو: "اچي ويجهو پهتو آهين! آءُ انهن جو ڀاءُ آهيان." مون دل ۾ چيو تہ "انڌا ۽ روڏا پاڻ ۾ ڀائر نہ هوندا تہ ٻيو ڇا هوندا؟"

مون 'محسن' جي مٿان هاسٽل ۾ هڪ شعر لکڻ وقت واري طاري ٿيل ڪيفيت ڏٺي هئي. سندس 'تڙپ' ۽ 'بي چيني' ڏٺي هئي. سچ پچ مون ان وقت ائين سمجهيو هو تہ 'محسن' اڄ ڪنهن شيءِ کي جنم ڏيندو، اڄ ڪا شيءِ ضرور جڻيندو! آءُ سندس اها حالت ڏسي، چپ چاپ ڪري ڪرسيءَ تي

ٿو روئين؟' جواب ڏنائين:"انهيءَ لاءِ جو پانيان ٿو تہ هاڻي منهنجي فن جي ترقي ختم ٿي چڪي. پنهنجي ڪم ۾ ڪو نقص جو نٿو ڏسي سگهان!"

'محسن' چيو هو: "جيڪي ڪجهہ ڏيٺو اٿم، اهو اجا ڏنو ئي نہ اٿم."

وڏي افسوس جهڙي ڳالهہ آهي تہ 'محسن' لکڻ ڇڏي ڏنو آهي. جيڪڏهن لکي ٿو تہ تمام ٿورڙو. آءٌ 'محسن' سان جڏهن بہ ملندو آهيان تڏهن کيس لکڻ لاءِ چوندو آهيان. چاڪاڻ تہ محسن جي شاعريءَ کي آءٌ چاهيندو آهيان. 'محسن' جي شاعريءَ جو هڪ تہ مجموعو بہ چڱي نموني اچي نہ سگهيو آهي. (آءٌ محسن جي مجموعي ڇپائڻ جو اعلان ٿو ڪريان) نہ وري ويچارو غريب، ڪَڪَڙ جو سيد. محفلن ۾ گهٽو وڃي، گهٽي واقفيت پيدا ڪري سگهيو آهي. چاهيان ٿو تہ دل کولي 'محسن' جي انهن ڳالهين تي تنقيد ڪريان، پر ڇرڪان ٿو تہ 'محسن' ناراض نہ ٿي پوي. چاڪاڻ تہ مونکي تجربو آهي تہ استاد بخاريءَ تي تنقيد ڪرڻ ڪانپوءِ آءٌ ڪيترو نہ لويو ويو آهيان؛ تازو ان صاحب سڪرنڊ ۾ لطيف جي ورسيءَ تي هڪ شعر 'منهنجا ساٿي" پڙهيو هو. مون خيال ڪيو هو تہ ان صاحب کي ان شعر جو جواب شعر ۾ ڏيندس، پر مونکي هڪ مليل سبق ياد اچي ويو:

هڪ پيري سائين جي. ايم. سيد وٽ وينو هئس تہ لاڙڪاڻي جو هڪڙو ماڻهو سيد وٽ آيو. جنهن کيس چيو تہ 'سائين! قربان بگٽي اوهان تي تنقيد پيو ڪري، اوهان اُن کي جواب ۾ ڪجهہ لکو.' سائينءَ ان ماڻهوءَ کي چيو تہ قربان کي منهنجا سلام ڏجان ۽ مهرباني چئجان'. هڪ دفعي مونکي پنهنجي سمورن ڪتابن جو سيٽ ڏئي چيائين: "بگٽي صاحب کي چئجو تہ اوهان وٽ شايد منهنجا سمورا ڪتاب نہ هجن. هي ڪتاب موڪليان ٿو مهرباني ڪري اوهان سمورن ڪتابن تي تنقيد لکو. اسان پڙهندا رهنداسون."

مون هيءَ ڳالهہ فقط ان ڪري ڪئي تہ 'محسن' تي مونکي اول تنقيد ڪرڻي آهي ۽ پوءِ سندس تعريف. جيڪڏهن آءٌ 'محسن' تي ڪا تنقيد ڪرڻ چاهيان ٿو تہ اها هيءَ تہ 'محسن' لکڻ ڇو ڇڏيو آهي ؟ مان سمجهان ٿو تہ پهرين قسط ۾ اها تنقيد ڪافي آهي.

'محسن' جي شاعري، سنڌي ادب جي تاريخ جو لافاني حصو آهي.

جيڪا ڪجهہ هن محنت ڪئي آهي، جيڪي قوم کي ڏنو آهي. مان سمجهان ٿو تہ ڪيس ان جو صلو نہ مليو آهي، نہ هن. ان صلي وٺڻ لاءِ هنبوڇيون هنيون آهن. دنيا جي اُن ستم ظريفيءَ تي 'محسن' لکيو آهي:

اهڙي دنيا ۾ رهڻ، مونکي گوارا ڪونهي،
جنهن ۾ انسان ئي انسان جي ڪري ٿو تذليل،
جنهن ۾ شيطان جي حڪمن جي ٿئي تعميل،
اهڙي دنيا ۾ رهڻ، مونکي گوارا ڪونهي،
جنهن ۾ انسان جي عظمت بہ نہ آهي محفوظ،
جنهن ۾ اي ڪاش! شرافت بہ نہ آهي محفوظ،
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي،
اهڙي دنيا جتي فنڪار جو فن آواره،
اهڙي دنيا جتي 'محسن' کي چون آواره،
اهڙي دنيا ۾ رهڻ مونکي گوارا ڪونهي.

ٽئگور لکيو آهي: "جڏهن مان انسان جي تاريخ متعلق ڪافي ڄاڻ حاصل ڪري چڪس، تڏهن ورڊ سورٿ جيان گهڻو اُداس رهڻ لڳس. ورڊ سورٿ جو هميشہ اهو ويچاري اُداس گذاريندو هو تہ انسان، انسانَ سان ڇا نہ ڪيو آهي! واقعي ڪيڏي نہ المناڪ چيز آهي جو اڄ جو انسان نوع انسان جو شڪاري آهي." انسان کي نانگ، چيتي، شينهن ۽ ٻين جهنگلي جانورن ايترو نہ چيريو، ڦاڙيو ۽ ماريو آهي، جيترو انسان. مونکي اهو معلوم هو. مان ڄاڻندو هئس، مان محسوس ڪندو هئس. پر ان جي باوجود مونکي اها اميد هئي تہ ضرور ڪا جاءِ اهڙي بہ هوندي، ڪو مندر اهڙو بہ هوندو، جتي انسان جو غير فاني روح، ڪڪرن ۾ لڪل سج جيان موجود هوندو ۽ آخر ادب جي وسيلي اُن مندر تائين پهچي ويس."

'محسن' مٿئين شعر ۾ چيو آهي تہ انسان ئي انسان جي تذليل ٿو ڪري، هتي انسان پنهنجي عظمت وڃائي چڪو آهي. هتي شيطان جي حڪمن جي تعميل ڪئي ٿي وڃي. اهو ساڳيو خيال ٽئگور جي مٿئين خيال ۾

سمايل آهي.

امام غزاليءَ هڪ دفعي چيو هو: ”مون کي انساني بستين کان ٻاهر رهڻ ڏيو. هتي غريبَ نهايت ذلت جي زندگي ٿا گذارين ۽ آءٌ اهو برداشت ڪري نٿو سگهان.“ اهو ساڳيو خيال ’محسن‘ جي شاعريءَ ۾ موجود آهي جو هو اهڙي دنيا ۾ رهڻ پسند نٿو ڪريءِ جنهن ۾ انساني زندگيءَ جو مذاق اڏايو ٿو وڃي. هڪ هنڌ چوي ٿو:

خوشي نيٺ ڇاهي، غمي نيٺ ڇاهي؟
ٻڌايو ته هيءَ زندگي، نيٺ ڇاهي؟
ڪو محتاج ڪنهن جو، ڪو محتاج ڪنهن جو،
خودي ڙي خوديءَ بيخودي نيٺ ڇاهي؟

هو هڪڙن ماڻهن وٽ خوشين جا انبارَ ۽ ٻين کي غميءَ جي گهاٽي ۾ پيڙجندي ڏسي. زندگيءَ کي هڪ عذابُ ٿو سمجهي ۽ چوي ٿو ته ٻڌايو ته هيءَ زندگي ڪهڙي آهي! جنهن ۾ ڪو ڪنهن جو محتاج ته ڪو ڪنهن جو. ڪيس انسان جي ’خودي‘ به سمجهه ۾ نٿي اچي. جيڪڏهن ’خودي‘ آهي ته پوءِ ائين ڇو آهي ته هڪ انسان ٻئي انسان آڏو محتاج ۽ مجبور آهي. هو ماڻهن جي غمن، سورن ۽ دردن جي باري ۾ چوي ٿو:

ڪنهن جو به غم اي دوست! نٿو مان سهي سگهان،
اي ڪاش! سنگدل ٿي جهان ۾ رهي سگهان!
ٿوريئي ڳالهه تي ٿيون، اکيون پرجيو اچن.
اشڪن جو پيد ڪهڙيءَ طرح لهي سگهان؟
’رسم و رواج‘ منهنجو مخالف ۽ هن جو مان،
مون ساڻ هو ۽ هن سان مان مشڪل نهي سگهان.

’محسن‘ ڪنهن جو به غم نٿو سهي سگهي ۽ چاهي ٿو ته آءٌ ڪاش! پٿر دل ٿي هن دنيا ۾ گهاري سگهان. هو جڏهن ڏسي ٿو ته رسمون ۽ رواج، هن جي خيال سان نهڪندڙ نه آهن ته انهن رسمن ۽ رواجن جو پاڻ کي مخالف سڏي ميدان ۾ ٿو اچيءِ وڏي واڪ چوي ٿو ته آءٌ هن معاشري سان

نهي نہ سگهندس ۽ نہ وري معاشرو ۽ ان جا رواج مون سان نهي سگهندا. هو ثوري ۽ مختصر ڳالهہ تي روئي ثو ڏئي. ڇاڪاڻ تہ هو حساس دل آهي. هو ماڻهن جو غم پنهنجو غم ٿو سمجهي. ميڪسم گورڪيءَ چواڻي: ”اڄ تائين دنيا ۾ پلا ٿيو ڇا آهي؟ آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن لاءِ تہ سربفلڪ محلات تعمير ڪيا ويا آهن. باقي ڪروڙها ماڻهن لاءِ ڪارخانا ۽ ڪليسائون! روحن کي ڪليسائن ۾ موڪليو وڃي ٿو ۽ جسمن کي ڪارخانن ۾. ان لاءِ تہ محل سلامت رهن.“

’محسن‘ سقراط جيان، پيالي ۾ زهر پي پنهنجو انت تہ نہ آندو آهي، پر هن پنهنجو رت ڏئي، ٻئي ڪنهن کي ناهيو آهي. چيو اٿس:

بجا آهي تہ تون مفلس نہ آهين، بجا آهي تہ مان مسڪين آهيان،
غريبن جو رت چوسي وئين ٿو. مان پنهنجي خون سان ٿو تو کي ناهيان.

مسڪين ’محسن‘ وطن جي غريبن جو شاعر. پنهنجي شعر ۾ اعتراف ڪندي چوي ٿو تہ مان مسڪين آهيان پر پنهنجي خون سان ٻئي ڪنهن کي ٿو ناهيان. هو مسڪين سان گڏ باغيرت بہ آهي. چيو اٿس:

ڏک سک ۾ پيا وقت گذاريندا سين،
مجبور ٿي غيرت کي نہ ماريندا سين،
ٿورو يا گهڻو سو بہ پلو پنهنجو ٿئي،
غيرن جي هٿن ڏي نہ نهاريندا سين.

ڏک سک ۾ وقت گذارڻ، سڀ کان وڏيڪ بهترين عمل آهي. پنهنجو ٿورو يا گهڻو، مطلب تہ جيڪي ڪجهہ آهي ان تي شڪر ڪري، غيرن ڏانهن هٿ نٿو وڌائي. هڪ نامعلوم جو قول ياد ٿو اچي: ”اسان تمام غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهيون پر دل جا ايترا تہ شاهوڪار آهيون جو اسان جي دسترخوان جي مک، حاتم طائيءَ جي دسترخوان تي ويهڻ ۾ بہ شرم ٿي محسوس ڪري.“

انسان ويچارو بنيادي طور نرم مزاج جو مالڪ هوندو آهي. هو هميشه محبت ۽ پيار جو ڳولائو هوندو آهي. پر ’محسن‘ جيڪو هن دنيا کي ڇاڻي

ٿو. هن کي ڪجهہ تلخ تجربا آهن. چوي ٿو:

'بيسود محبت جي ڪرين ٿو ڳولا،
هن دور ۾ بي لوث محبت ڪاٿي؟'

جنهن دنيا ۾ 'محبت' ئي 'محسن' کي نظر نہ ٿي اچي، عجيب ڳالهہ آهي تہ وري بہ ڪيس ان دنيا جي ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ڪابہ شڪايت ڪانهي.

'افسوس! شڪايت ٿو ڪرين يارن جي،
مونکي تہ عدوءَ کان بہ شڪايت ڪانهي.'

ڪيس انهن ماڻهن تي افسوس ٿو ٿئي، جيڪي پنهنجي يارن جي شڪايت ٿا ڪن. انهن کي چوي ٿو تہ مونکي تہ عدوءَ کان بہ شڪايت ڪونهي. اوهان يارن جي شڪايت ٿا ڪريو. 'محسن' اهڙن ماڻهن لاءِ دعا ڪندي چوي ٿو:

'او، منهنجي شهر جا، خود ساختہ انسان، تنهنجي لئہ،
دعاگو هان ٿہ شل تون ٻيي، ڪڏهن بنجُي پوين ماڻهو.'

اها 'محسن' جي تمنا آهي. آس ۽ اميد آهي تہ هو ڪنهن اڻ گهڙيل ڪاٺ کي ماڻهو ڏسڻ ٿو گهري. بقول سندس:

'محسن کي ڏسي، خوب چيو ڪنهن عاشق،
مرحوم تمنا جو جنازو آهي.'

ماڻهو پلي هن مان ڪهڙيون اميدون رکن، هن لاءِ ڪهڙا رايا رکن، پر پاڻ جيڪي ڪجهہ ڏئي سگهي ٿو، اُن جي وضاحت ڪندي چوي ٿو:

ڪنهن جو رقيب آهيان، ڪنهن جو حبيب آهيان،
مان بدنصيب آهيان، مان خوشنصيب آهيان،
جو ڪجهہ بہ توکي ڏيندس، سو لازوال ڏيندس،
حالانڪ توکي سُڌ آ، مُفلس اديب آهيان.

مفلس اديب دعويٰ ٿو ڪري تہ آءٌ جيڪي ڪجهہ ڏيندس، سو لازوال

ڏيندس ۽ لافاني ڏيندس. اهو عشق آهي. محبت آهي. اُهو عشق جنهن لاءِ پاڻ چوي ٿو:

عشق خودمختيار، ضدي، هوڙهه ۽ اڻ موٽ آهه،
عشق کي نفعي ۽ نقصان جي ڪهڙي خبر؟
عشق خود طوفان آهي، زلزلو آهي وڏو،
عشق کي ڪنهن زلزلي، طوفان جي ڪهڙي خبر؟

’محسن‘ جو عشق بہ لازوال آهي. هو ڪنهن (جنهن جي نالي جي مونکي خبر ڪونهي) ڏانهن مخاطب ٿي چوي ٿو:

تون چوين ٿو تہ خير، تنهنجي دل،
تنهنجو محسن تہ بيوفا ناهي.

۽ وري ڪيس بي شعر ۾ چوي ٿو:

بي ڏڙڪ، بي خطر، منا سائين،
چوٽ تي چوٽ ڪر، منا سائين!

هو پنهنجي ’وطن‘ سنڌ ڏانهن مخاطب ٿي چوي ٿو:

سنڌ کي لوڏو نہ ايندو ڪو، زلزلو ايندو نہ ڪو،
مان نہ هوندو سانءِ، تہ بہ هوندا پرين تنهنجا گهٽا.

اهي آهن ’محسن‘ جهڙي مومن ماڻهوءَ جا خيال. هڪ ٻئي نظم ’سنڌ جاڳي پئي‘ ۾ چوي ٿو:

سوچ جنهن وقت ذهن ۾ ايندي وئي، سنڌ جاڳي پئي،
ڳات اوچو ڪري، ڪوٺ جنهن پي ڪئي، سنڌ جاڳي پئي.
ڪيرُ ڪرٺو نہ هو، وِيرُ ورٺو نہ هو، جي وري ها تہ موريون مري ها مري،
مَرد ايندا ويا، ميڙَ ٿيندا ويا، ڪنهن بہ ڪُرڪيو نٿي، ڪنهن نہ بان تي ڪئي،
سنڌ جاڳي پئي.
ڏاتِ ڏاتَر ڏني، سوچَ شاعر ڏني، هانءُ جيجل ڏنو، ڏانءُ ڏوٽين ڏنو،

پيــينرن، پيــائرن، بابلن، مــائرن، ڪوٽ ڪاٽي وڏا، هٿ هٿن ۾ ڏئي،
سنڌ جاڳي پئي.

ڳوٺَ ڳوٺن منجهان، شهر شهرن منجهان، سنڌ جايُون اٿيون، بيت وايُون اٿيون،
گيتَ ڦٽندا ويا، زخم چُٽندا ويا، ڪنهن لڪن جي ڪَيِ، ڪنهن لڪن جي ڇَئِي،
سنڌ جاڳي پئي–

ڪنهن جي تحرير ۾، ڪنهن جي تقرير ۾، رنگ راٽن پريو، سوز سوڊن پريو،
ڪاڪ ڊهندي وئِي، راهه نــهندي وئي، باهه آڏو نــه بيــنــو، نــه لاٿو نــه لئي،
سنڌ جاڳي پئي–

ڏاڍَ جيــڪــو هُئو، موتَ پنهنجي مُئو، سنڌ جــا سجڻ، مــرد مــانجهي مڪڻَ،
داءُ ســر جــو هٽي، گــوءِ آيا ڪــٽي، هــو جــمــالو ڇــئي، هــو جــمــالو ڇــئي،
سنڌ جاڳي پئي،
سنڌ جاڳي پئي.

مـون پنهنجي مضـمـون ۾ پنهنجي دوست شـاعـر ’محسن‘ تي ڪجهه ڳالهايو، اهو شـاعـر جنهن جي زنـدگي خليل جـبران جي هنن لفظن ۾ نظر ٿي اچي:

”شــاعـر، هن لوڪ کي پرلوڪ ســان مــلائڻ واري هڪ ڪڙي آهي. هو مٺي پاڻيءَ جو اهو چــشــمو آهي، جنهن مـان اُڃايل روح، پنهنجي پياس پوري ڪن ٿا. هو سـندرتا جي درياهه ڪناري، تازن ڦلن سان ڀرپور ول آهي، جنهن مان بکايل دليون خوش ٿين ٿيون. هو شـاعـريءَ جي راهن تي اڏامندڙ بلبل آهي جا مٺا مٺا گيت ڳائي، دل جي خالي ڪندن کي ميناج جي رس سان ڀري ٿي. هو انهيءَ سـفيد بادل سـمـان آهي، جو ڳاڙهي شفق جي ڪناري تان اٿي وڌندو اچي ٿو ۽ پوءِ سـجي آڪاس ۾ ڦهلجي وڃي ٿو. وري برسات جي روپ ۾ وسي ٿــو تــه زندگيءَ جي باغــيچي کي گلزار ڪريو ڇڏي ۽ هرهنڌ مکڙيون ٽڙيو پون. هو ’خـدا‘ جو موڪليل فرشـتو آهي، جيـڪـو انسـانن کي سندس پيغام پهچائي ٿو. هو ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويندڙ روشني آهي، جنهن تي ڪڏهن به انـدڪـار اُڀرجي نٿــو سگهي. اهو مــحــڪــم ارادي وارو آهي، جــو پريم ۽

سنگيت جي ديويءَ کان پنهنجو پرڪاش حاصل ڪري ٿو.“

’محسن‘ ۽ مهمانئو! مونکي معاف ڪجو. جيڪڏهن آءٌ ’محسن‘ سان انصاف نہ ڪري سگهيو هجان. آخر ۾ ’محسن‘ تي هڪ پيرو بيهر سندس شعر پڙهي چوٽ ٿو ڪريان. جنهن ڪانپوءِ سمجهان ٿو تہ هو بيهر شاعريءَ جي دنيا ۾ ساڳي جذبي سان موٽي ايندو.

منهنجا جذبات حسين چوٽَ تي تڙپي اُٿندا،
ڪو چوي ٿو تہ لڪان ۽ مان لڪي ٿو وهان،
هي بہ تسليم تہ فنڪار چون ٿا مونکي،
تجربو آهي، بلا دير چئي ٿو ويهان-
منهنجا شعر، حياتيءَ جو ترانو بنجي،
مرده دلين کي بهر نوع جياري وجهندا
منهنجا جذبات حسين چوٽَ تي تڙپي اُٿندا،
ڪو هجي، چوٽ مٿان، چوٽ ڪري ’محسن‘ تي.

او محسن! او منهنجا دوست! تنهنجي اندر جو شاعر مرندو پيو وڃي- جي تنهنجي اندر جو شاعر مري ويو تہ ڪيڏانهن ويندين؟ اها چوٽ سمجهہ ۽ وري لک! شال! ’محسن‘ جي اندر جو فنڪار بيهر زنده ٿي پوي-!!

● (لکيل: ۲۹ - جون ۱۹۷۸ع -
رات جا سادا ٽي - حيدري پريس - حيدرآباد)

[۳۰- جون ۱۹۷۸ع تي پاڪستان نيشنل سينٽر دادوءَ ۾ محسن ڪڪڙائيءَ سان، چٽنگ سنگت پاران ملهايل شام جي موقعي تي مهمان خاص جي حيثيت ۾ پڙهيل]

# مضبوط ارادن جو شاعر - ادل

(ادل سومري سان ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل مقالو)

سائبو،

جيئي سنڌ-

سنڌ ۾ ڪافي وقت کان اها هلچل آهي تہ سُجاڻ طبقي پاران، سنڌ جي قلمڪارن سان ادبي شامون ۽ رهاڻيون ڪري، قلمڪار جي فن ۽ شخصيت تي مقالا لکي، سندس عزت افزائي ڪئي ويندي آهي. 'ادبي شام' ڪوئائينڊڙ يارَ گهڻو ڪري ٻن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندا آهن:

(١) قلمڪار جي ڪيل خدمتن بدلي، ان جي همت افزائي ڪئي وڃي.

(٢) ماڻهن آڏو، ان جي شخصيت کي آڻي، ان جي ڏنل پيغام جي پرچار ڪئي وڃي.

خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي تہ سنڌ جي نوجوان شاعر ادل سومري سان هيءَ شام، سنڌي ٻارڙن جي قومي ۽ ادبي تنظيم 'چڻنگ سنگت' پاران رچائي پئي وڃي.

دوستو! سنڌي قوم لاءِ چيو ويندو آهي تہ 'هيءَ مرده پرست قوم آهي' سنڌ جي ڪيترن اديبن کي اهو جملو تہ رٽيل هوندو آهي. حقيقت ۾ ائين ڪونهي. اسان جي سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اديبن ۽ شاعرن جي ڪافي عزت ڪئي ويندي آهي. شام ملهائڻ، وڏي جلسي جي صدارت ڪرائڻ، مقالا لکي ان جي ساراهہ ڪرڻ، جيئرن جاڳندن قلمڪارن جا رسالن طرفان نمبر ڪڍڻ جهڙيون ڳالهيون، ان ڳالهہ کي ثابت ڪن ٿيون تہ سنڌي قوم جو سُجاڻ طبقو، گهٽ ۾ گهٽ ٻين ترقي پذير ملڪن جيان، پنهنجي قلمڪار جي چڱي عزت تہ ڪري.



ادل سومرو

جنهن قلمڪار پنهنجي مفادن کي ڦِٽو ڪري، ماڻهن جي مفادن کي ترجيح ڏني، هوائي ۽ بي پاڙين ڳالهين ڪرڻ بجاءِ عام ماڻهن جي مفادن وٽان ڳالهه ڪئي، انهن جي ڏکن ۾ پاڳي پائيواري ڪئي ۽ پنهنجو پيغام ماڻهن تائين وڏ ۾ وڏ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان قلمڪار کي يقيناً ان جو صلو ڏنو ويو آهي. باقي جنهن قلمڪار پنهنجي مفادن کي، عوام جي مفادن تي ترجيح ڏني، حقيقي ڳالهين کي ڇڏي پاٺيءَ ۾ ليڪا ڪڍيا، هڪ ٻه ڪتاب لکي، ان جي بدلي قوم کان ڪجهه وٺڻ جي اميد رکڻ منهنجي نظر ۾ ذرتيءَ جي دلالن سان پنگ پائيواري ڪرڻ آهي. مون وٽ پنهنجو مثال آهي ته مون ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪيو آهي، آءٌ اهڙي شخصيت ئي نه هئس ۽ نه آهيان. رڳو هڪ قومي خادم ۽ قومي ورڪر آهيان. پر مون سان ڪيترين شامون ملهايون ويون. وڏا وڏا خطاب ۽ لقبَ القاب ڏنا ويا. پر آءٌ نه ڪڏهن پنهنجي ڪم کان مطمئن آهيان ۽ نه وري ڪڏهن انهن صاحبن جي شيطان جي آنڊن جيڏن مقالن، منهنجو من وڌايو آهي. ڇا اها همت افزائي ۽ عزت افزائي ڪانهي!؟

هونئن به هر ملڪ جون حالتون، هڪبئي کان مختلف آهن. هر ماڻهوءَ جي سوچ الڳ آهي. والٽيئر جي بيءَ کي جڏهن خبر پئي ته منهنجي پٽ والٽيئر جي ادب سان دلچسپي آهي ته چئي ڏنائين: ”ادب، ان ماڻهوءَ جو ئي پيشو ٿي سگهي ٿو. جيڪو معاشري لاءِ بيڪار ۽ مائٽن تي بار هجي ۽ جنهن کي زندگيءَ ۾ بک وگهي مرڻو هجي.“

سائين منهنجا! اها ڪيڏي نه حيرت انگيز ڳالهه آهي ته جڏهن والٽيئر جهڙو عظيم قلمڪار وفات ٿو ڪري، تڏهن پئرس جي ديني اختياريءَ وارن هن کي ڪفن دفن ڏيڻ کان به انڪار ڪيو ۽ ڪيس دفن ٿيڻ به نه ڏنو ويو. آخر سندس دوستن ڪيس هڪ ديول جي مقدس قبرستان ۾ دفن ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ان کان تيرنهن سال پوءِ، ماڻهن، قومي انقلابي اسيمبليءَ طرفان ٺهراءُ پاس ڪري، والٽيئر جا هڏا واپس پئرس ۾ آندا ۽ ڏهن لکن کان وڌيڪ ماڻهن، ان کي عقيدت مان ڪنڌ جُهڪائي سلام ڪيو. تيرنهن سالن جي طويل عرصي ڪانپوءِ، فرانس جي ان عظيم قلمڪارَ

ڪي ڀيهر دفنايو ويو.

مولانا ابو الڪلام آزاد جهڙي جيد عالم جي وفات جي موقعي تي جواهر لال نهروءَ ڪي آزاد جي جنازي سان گڏ دانهون ڪندي، رئندي ۽ سڏڪندي ڏٺو ويو ۽ حواس باخته ٿي چوندو رهيو 'ڪاش! ڪو مولانا آزاد کي زنده ڪري موٽائي' پنهنجي پويان ايندڙ محافظ دستي کي چنبيندي ۽ ڏڪ هڻندي چيائين: "منهنجي حفاظت لاءِ ڇو آيا آهيو-؟ مولانا کي ته واپس موٽايو-" هندستان جي وزيراعظم ۽ وڏي معتبر انسان جواهر لعل نهروءَ کي مولانا آزاد جي قبر جو طواف ڪندي ڏٺو ويو.

سائين منهنجا! هر ملڪ جي تاريخ اهڙن عجيب غريب واقعن سان ڀري پئي آهي. ڪٿي اوهان کي نظر ايندو ته قلمڪار کي ملڪ بدر ڪيو ويو. ڪٿي انهن کان قلم ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. انهن کان لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو حق کسيو ويو. ڪٿي انهن جي لکڻين جي عام ٿيڻ تي بندشون وڌيون ويون. ڪتابن تي پابنديون وڌيون ويون. اوهان غور سان ڏسندا ته هر ملڪ جي تاريخ ۾ اوهان کي اهڙا واقعا نظر ايندا.

دوستو! اسان جو پورو نظام خراب آهي. ان پوري نظام کي بدلائڻو پوندو ۽ ان نظام جي بدلائڻ ۾ قلمڪار ئي سڀ کان وڏو ڪردار ادا ڪري سگهندو. اوهان پنهنجي قوم جي ماڻهن ۾ جيتري به سجاڳي آڻيندؤ، يقين هر موڙ تي اها عوامي سجاڳي، اوهان جي مقصد ماڻڻ ۾ مدد ڪندي، عوام قلمڪار جي پنيرائي ڪرڻ لاءِ تيار آهي، بشرطيڪ هو عوام جي اميدن ۽ خيالن تي پورو لهي.

سکر جي شاعر محترم شيخ اياز جي شاعريءَ جيتريقدر ماڻهن ۾ سجاڳي آندي، اوتري قدر ماڻهن سندس پنيرائي ڪئي. ڇا اها ڳالهه گهٽ آهي ته سڄاڻ طبقي ياران ڪيس ڪلهن تي چاڙهي گهمايو ويو. ڪيس 'قومي شاعر' ۽ 'سنڌ جو آواز شيخ اياز' جا لقب القاب ڏنا ويا-؟!

نه معلوم هن بدنصيب قوم جي ڪافي شاعرن کي ڇا ٿيو آهي؟ جو هو قوم جي اميدن، آرزوئن ۽ تمنائن تي پورو لهي نه سگهيا آهن. ڇا سنڌي قوم اڄ جي هڪ ترقي پسند شاعر مان اها اميد ٿي رکي ته هو 'علامه اقبال اردو

سنڌي مشاعري جي صدارت ڪري؟ (١).

مونکي سخت افسوس ۽ ارمان آهي تہ سنڌ جو موجوده شاعر، عام ماڻهن جي دلين کي خريدي نہ سگهيو آهي. هو عوام ۾ ذهني جاڳرتا ۽ انقلاب آڻي نہ سگهيو آهي. سماجي براين لاءِ عوام ۾ نفرت پيدا نہ ڪري سگهيو آهي. اڄ جي دور جي ضرورت آهي تہ گهر ۾ ويهي ذوقِ جمال ۾ هڪ بهترين نظم لکڻ بجاءِ، ٻاهر نڪري پنهنجي قوم جي ماڻهن مٿان ٿيندڙ ظلمن ۽ سماجي براين تي وڏي جرئت سان لکجي. احتجاج ڪجي-!

مرزا توسون زاده چيو آهي: "شاعرن جي سڀ کان سٺين تخليقن ۾ هڪ بلند سماجي پيغام هوندو آهي. مستقل عظمت وارا گيت اهي آهن، جي اهڙي جذبات جا مظهر هوندا آهن. شاعر جو تجزيو جيترو وسيع ۽ گهرو هوندو، سندس گيتن جي اهميت اوتري ئي زياده هوندي. ماضيءَ جي عظيم شاعرن جي تخليقن ۾ اسين جذبن جي دولت، حقيقت جي گهري نظر، ماڻهن جي زندگيءَ جي اهم ترين واقعن جي تصوير ۽ وقت جي تيز سوجهہ ٻوجهہ ڏسون ٿا. اڄ مون کي ان کان وڌيڪ يقين ٻي سچائي ڪابہ ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي تہ ڪنهن سماجي پيغام کانسواءِ، سماجي مسئلن کي ڇيڙڻ بنا، ڪنهن بہ نظم جي تخليق ممڪن ناهي. آءٌ پنهنجي ديس جي عوام سان ڪلهو ڪلهي ملائي هلڻ جي اهميت جي ضرورت محسوس ڪريان ٿو-"

مونکي سنڌ جي جوان جماڻ شاعرن ۾ ادل سومرو چڱو نظر ايندو آهي. جنهن وٽ ذات سان گڏ ڏانءُ بہ نظر ايندو اٿم. باقي ڪجهہ جوان جماڻ شاعر، نالي ۾ نهال هئڻ جي باوجود اڃا تائين پاٿيءَ ۾ ليڪا پيا ڪڍن. انهن شاعريءَ جو مقصد ئي ڦيرائي، الائي ڪهڙو طريقو اختيار ڪيو آهي-!

آءٌ ادل جي شاعريءَ کي چڱي اهميت ڏيندو آهيان. ادل، شاعري ڪرڻ سان گڏ پنهنجي ديس جي ماڻهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي پيو وڌي.

---

(١) نوشهري فيروز ۾ علامہ اقبال جي ياد ۾ ٿيل اردو سنڌي مشاعرو، جنهن جي صدارت راشد مورائيءَ ڪئي ۽ اقبال تي شعر پڙهي ڪيس لطيف کان مٿانهون ڏيکاريو.

ڏسو، ادل موجوده دور جي سستيءَ ۾ گهيريل ماڻهوءَ ڏانهن مخاطب ٿي چوي ٿو:

آءٌ ٻاڪاري هليو ويندس، تون سڏ نه ڏيندين ڇا ٿي پوندو-؟
تنهنجي منهنجي ماءُ تہ هڪ آ، پاءُ نه ٽيندين ڇا ٿي پوندو-؟

مونکي ادل جي ان شعر ۾ مضبوط ارادو ٿو نظر اچي. زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جي تمنا رکندڙ، مضبوط ارادي جا ئي مالڪ هوندا آهن. ارادي جي مضبوطي ئي ماڻهوءَ کي منزل ۽ مقصد تائين پڄائيندي آهي. جسماني قوت ڪجهه به نه ڪري سگهندي آهي. شعر ۾ "ڇا ٿي پوندو؟" جو جملو ڏيکاري ٿو ته شاعر صاحب، منزل ڏانهن ويندي، ڪنهن به دوست، ساٿيءَ جو ساٿ نه ڏيڻ، راهه ۾ رنڊڪ نٿو سمجهي. ان ساڳي شعر ۾ ادل چوي ٿو:

آءٌ اوسيئڙو ڪندو رهندس، تون جي نه ايندين ڇا ٿي پوندو-؟
منهنجي من تان مِٽجي ويندين، وسري ويندين ڇا ٿي پوندو-؟

ادل، ماڳ ڏانهن ويندڙ ٽولي کان پوئتي رهجي ويل همراهه جو وري به اوسيئڙو ٿو ڪري ۽ اُن کي ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن نه ايندين ته مِٽجي ويندين. وسري ويندين. تنهنجو نالو نشان به باقي نه رهندو. مونکي ان مناسبت سان لطيف سائينءَ جو هڪ بيت ياد اچي رهيو آهي:

جڏهن سُتيون جي، پٽرَ پيرَ ڊگها ڪري،
تڏهن تنين کي، ساٿَ سُتيئي ڇڏيو.

وقت ڪنهن به ماڻهوءَ جو انتظار نه ٿو ڪري. اسان کي وقت جي سڏ جو پڙاڏو بڻجڻو پوندو. مختلف قومن جا ماڻهو، پنهنجي وطن جي ترقي ۽ عظمت لاءِ سوچي رهيا آهن. اوهان ڏسو ته اوهان کي، اسان جي سنڌ ۾ اهڙا ڪافي شاعر نظر ايندا، جن جي سموري شاعريءَ جو موضوع ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ڌنارن جو ڏک هوندو. اسان کي گهرجي ته وقت جي هر گهڙيءَ جي اهميت ڄاڻي، پنهنجي وطن جي خوشحاليءَ لاءِ سوچيون. هڪڙي ملڪ زندگيءَ کي ڪنهن چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون. اسان کي نه ٻي

زندگي ملندي نہ وقت جي گذريل گھڙي. زندگيءَ جون ڪيتريون گھڙيون ائين گذاري ڇڏيون اٿئون. اڃو تہ سنڌ جا سمورا سُڄاڻ ماڻھو، پنھنجي زندگيءَ جو ڪو مقصد مقرر ڪريون. مونکي لينن جو ھڪڙو قول ياد اچي رھيو آھي:

”انسان جي وڏي ۾ وڏي ملڪيت آھي زندگي. جا کيس فقط ھڪ دفعو ماڻھوءَ لاءِ عطا ٿيل آھي. ھن کي اھا ائين گذارڻ گھرجي جيئن ڪنھن بہ خودغرضيءَ ڪانسواءِ ٻين جو ڏک محسوس ڪري. بزدلانہ ۽ خسيس ماضيءَ کان نہ ڪنبي ۽ مرڻ مھل فخر سان چئي سگھي تہ: منھنجي سڄي زندگي ۽ طاقت، انسانذات جي آزاديءَ جي جدوجھد جھڙي عظيم ۽ اعليٰ ڪارج لاءِ ئي وقف ٿيل ھئي-“

ائين بہ نہ ھجي تہ اسان رڳو پنھنجي زندگيءَ لاءِ مقصد مقرر ڪريون. پر ٻين کي پڻ چڱي رستي تي ھلڻ ۽ دوکي دولاب کان بچڻ لاءِ مشورو ڏيون. 'ادل' جو ھڪ ”آزاد نظم“ 'مشورو' ڪيڏو نہ پيارو آھي. چوي ٿو:

ٻالھہ ٻڌ، منھنجي مسافر ڏيانَ سان،
جيڪڏھن ھن تنھنجي ميري گوڏڙيءَ ۾،
سچ جي آھي لڪل ڪا سوڪڙي،
ڪجھہ گھڙين لئہ ان کي تون ظاھر نہ ڪج،
چو تہ سودو سچ جو ٿيندو ھتي آ،
ڪن پلڪ لئہ، وقت ڪنھن ڪنھن-

●●●

سچ آخر سچ آ، سچ کي لوڏو نہ آ،
۽ جي، ڪوئي ڊوھہ آھي پيو ڏَھي،
پر تون متان، ڊوھہ جي ھن ڊولَ تي،
ترس کائي، پاڻ ئي ڏَھجي پوين.
پوءِ وري مونکي چوين!!
اَن ڪان اڳ جو ڊوھہ جي آوھہَ اچي،

تون پي گڏجي، ڏوهہ سان ڏهجي وڃين،
ان ڪان اڳ جو توڪي، ڪن بلڪل ننگو،
هٿ پنهنجي ڪي ڏکيري لاهي ڇڏ،
چمڪندڙ چهرن مٿان، هي مانَ جا،
سٽَ ڏئي سارا چڙهيل، نقلي نقاب!!

ادل جو 'مشورو' مون پارن، انڻ جاڻ ماڻهن لاءِ بهترين مشورو آهي. اسين ان وقت جي اوسيئڙي ۾ آهيون، جنهن وقت ڪوڪلن، رهبريءَ جي روپ ۾ رهزن ماڻهن جي چمڪندڙ چهرن مٿان، سٽ ڏئي سارا چڙهيل، نقلي نقاب ڪو لاهي ڪين بي نقاب ڪندو-!

ادل، سنڌ وطن جي مارن، ڏوٿين، سانگين جو قوم پرست شاعر آهي. هو پنهنجي وطن جا سور پنهنجا سور ٿو سمجهي، جڏهن ڪنهن بکئي، اڌ اگهاڙي، اَن سنڌي هاريءَ ڏي ٿو ڏسي، جنهن جي سرسبز ۽ زرخيز زمين جو مالڪ ڏاريو ۽ پنهنجو پيٽَ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي تہ وڏي درد وچان چئي ٿو ڏئي:

'جهُريل جندڙي خالي گندڙي، ڪين سُجهي ڪو اَن جو ذَرڙو-'

اسان جي زمين جا مالڪ ٻيا، زمين جي پيداوار جا مالڪ ٿيان، ڌرتيءَ جا ڌنار الله جي آسري. اُپَ ۾ اکيون، ڌاريا ۽ پنهنجا وڏيرا خوشحال ۽ آسودا. اسان جي هاريءَ جي حالت جيڪا آهي، اچو تہ ادل جي زباني ٻڌون:

ڏٻرو جوڙو، هاري پوڙهو، ڪتيل ڪوڏاري، جهونو هرڙو،
محل نہ ماڙي، اُپي نہ ڪياڙي، ننڍڙو ڪک پن گهرڙو،
باهہ ٻَندي جي، ڏبَ ٻگهر جي، مچرن مارو ڪُتِ ۽ ڪرڙو،
ڪهڙا اوڙا ڪهڙا پاڙا، تاڪ تنين جو سادو ترڙو-!!

ادل، سنڌ جي هاريءَ جي حالت جي تصويرَ جي چڱي نموني عڪاسي ڪئي آهي. ان ڪان علاوهہ هن سنڌ جي هر ماڻهوءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي. سچي سنڌ جي سنڌي ماڻهن جي ڳالهہ ڪئي آهي. پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن جا ڏک ۽ درد ڳاتا آهن. وڏي ڳالهہ، جنهن، ادل سان شام ملهائڻ لاءِ

’چنگ سنگت‘ جي ڪارڪنن کي مجبور ڪيو. اها آهي ٻارڙن لاءِ لکڻ. مونکي ورهاڱي ڪانپوءِ وڏن اديبن جون ٻارڙن لاءِ لکيل لکڻيون گهٽ نظر آيون آهن. نه معلوم ڇو وڏن اديبن، ٻارڙن لاءِ لکڻ کي اهميت نه ڏني آهي. منهنجي مٺڙي، ننڍڙي ڀيڻ فهميده جنهن کي آءٌ پيار وچان ’پمي‘ سڏيندو آهيان، هڪ ڏينهن مونکي اياز جو ٽري ٻارن لاءِ لکيل گيت جهونگاريندي ٻُڌو ۽ پوءِ روز اچي ’اَمان اچ ٻک ٻه ڏادي آ.‘ گيت ٻڌائڻ لاءِ چوندي هُئي. آءٌ ڪيس اهو گيت ٻڌائيندو هئس. هوءَ وري ان کي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ادل جو ’روز ٽڙن رابيل‘ مجموعو، جڏهن مون وٽ پهتو ته مون اُهو پنهنجي ان ننڍڙي ’پمي‘ ڀيڻ فهميده کي پڙهي ٻڌايو. هڪ ٻن شعرن پڙهڻ ڪانپوءِ، ننڍڙي ادڙي اهو ڪتاب منهنجي هٿن مان ڦري، پاڻ پڙهڻ لڳي. جڏهن:

’تون نه مرين ها هيل او پٽڙا، بابل! تنهنجو قيد ڪَٽڻ ۾-‘

پڙهڻ شروع ڪيائين ته منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ادڙيءَ هڪدم ڪتاب بند ڪري مونکي ڏنو ۽ نهايت معصوميت مان چيائين: ’اڙي، ادا ڪتاب لاءِ پيو روئي، مان پئسا گڏ ڪري ٻيو وٺندس.‘

مون دل ۾ چيو ڪاش! سنڌ جا سمورا قلمڪار، ٻارڙن لاءِ اهڙا شعر ۽ ڪهاڻيون لکن. جن جي پڙهڻ لاءِ، سنڌ جا سمورا ننڍڙا، پٽڪڙا ٻارڙا، اهڙي جذبي سان اُهي لکڻيون پڙهن. ادل جي ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعريءَ تي سنڌي ٻارڙن کي فخر آهي. مون سنڌ جي ڪافي ٻارڙن کي گهڻين ۾ رانديون رهندي، ادل جي شاعري جهونگاريندي ۽ گونجاريندي ٻُڌو آهي. اُها شاعري سنڌ جي ٻارڙن وٽ مقبول آهي.

دوستو! مونکي معاف ڪجو جو آءٌ گهڻين مصروفيتن هئڻ ڪري. ادل جي شاعريءَ تي چڱي نموني نه لکي سگهيو آهيان. هونئن به آءٌ مقاله نگار ڪونه آهيان جو ادل جي شخصيت ۽ شاعريءَ تي تفصيلي مقالو لکان. آءٌ فقط اهو ڪري ٿو سگهان ته ادل جي پنهنجي پسند جو شعر، ڪيس ۽ اوهان کي ٻڌايان ۽ ڪيس هڪڙي صلاح به ڏيان:

تقـديرن جـو ليـڪـو ڪارو، تدبيـرن جـو ڪوبہ نہ چـارو،
ڳـائڻ جـا هن ڳـيچ سـوين پر، آزاديءَ جـو نعـرو پيـارو،
ڪنيءَ ڪسيءَ ۾ آدم ٻچـڙو، ڪنواري پنَ جـو ڪير سـهارو-؟
جـاڙَ جـيـاپي ڪـان آ بهـتـر، مُـرڪي مـوت او يارو-!
بند ڪيـئـہ چـو اکـڙيون پيـارا، اچـا تہ آهيـان آءُ اُجـارو،
منهنجي نپ نصـيب تي هاٿي، ڪين ٻچـيـو آ ڪوبہ سـتـارو،
ڏور شـفق جـو پاڇـولوءِ آءُ اڪيلو سـمنڊ ڪنارو-!

شعر تہ ڏادو ڀلو، مونکي بہ وڻي ٿو. پر ڀهرين سٽ تہ تقديرن جو ليڪو ڪارو، تدبيرن جو ڪوبہ نہ چارو تي اعتراض ٿو واريان. اها سٽ ماڻهن کي مـايوس ٿي ڪري، رضا تي راضي رهڻ ٿي سيکاري، اسان کي پنهنجي ماڻهوءَ کي مايوس ناهي ڪرڻو. جيڪڏهن تقديرن جو ليڪو ڪارو آهي تہ ليڪادڙهڻ لاءِ هاٿي مس بہ ملي ٿي. اوهان اهو ڪارو ليڪو ڍاهي، جنهن بہ رنگ جو ليڪو ڪري ڇڏيوءِ اها تدبير آهي. اسان کي پنهنجن ماڻهن کي تدبيرون سيکارڻيون آهن. هر قسم جون تدبيرون، جيڪي تقديرن کان اڳ ڪڍي وڃن ۽ ماڻهن کي ويچارو ٿيڻ نہ ڏين.

آئم ناٿن شاهيءَ جي سڏَ جو هڪ بند ٿو ياد اچي:

ڪن سنڌ جي ادب کي 'فعلن فعو' ڏنو،
ڪي ڪيس بيتَ، گيتَ جمالو ڏئي ويا.

ادل سنڌ جي انهن شاعرن مان آهي،جن سنڌي ادب کي 'بيت'. 'گيت' ۽ 'جمالو' ڏنو آهي. سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اهڙن شاعرن کي ئي اهميت ملندي، جيڪي ماڻهن ۾ جاڳرتا آڻڻ لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪندا.

● (لکيل: ٨- فيبروري ١٩٧٨ع - حيدرآباد)

[سکر شهر ۾ سنڌي ٻارڙن جي قومي ۽ ادبي تنظيم 'چٽنگ سنگت' پاران ادل سومري سان ١٠- فيبروري ١٩٧٨ع تي ملهايل شام ۾ پڙهيل صدارتي مقالو]

# ٿَلَ دليون، ٿَلَ سپنا

(صرير پنهور جي پهرين ورسي ٢٥- اپريل ١٩٩١ع ڳوٺ موسيٰ ڪتياڻ (ويجهو ٽنڊوڄام) ۾ پڙهيل)

دوستو!

اڄ اسان جنهن يارَ جي ياد تازي ڪرڻ جي سلسلي ۾ هتي گڏ ٿيا آهيون، اهو يار صريرَ، سمورن کي ياد آهي. هُن جي ڏکي زندگي، ڪنن ۽ ڪشالن واري جيون، ڏکن ۽ عذابن جو پل پل، مايوسين ۽ پريشانين جي هڪَ هڪَ گهڙي، ڀلا ڪير وساري سگهي ٿو يا ڪير انهن ڳالهين کان لنوائي سگهي ٿو؟

صريرَ پنهور، اسان جي هن ڪوڙهئي ماحول جو هڪڙو فرد هو. جنهن هن سماجَ ۽ اُن جي ريتن ۽ رسمن ۾ ڏاڍو لوڙيو ۽ ڏاڍا عذاب ڏٺا. سماجي اڻ برابرين ۽ ناانصافين تي اُن جو روح رڙيو. اُن جو اندر ڪڙهيو ۽ پنهنجي ليکي، هن انهن سمورين ناانصافين ۽ اڻ برابرين تي نه رڳو احتجاج ڪيو، پر اُن سموري نظام کي ڊاهي پٽ ڪرڻ جي سلسلي ۾ هُن پنهنجي وتَ ۽ وسَ آهر ڪم ڪيو ۽ ان سماجَ ۾ رهندي، هو پڻ ان ڪوڙهئي ۽ بيمار سماجَ جي ڪن بدعتن جي ور چڙهي ويو.

جيستائين ناانصافين، ستم ۽ ظلم جو اهو سماج ڊهي پٽ پئي ۽ نئون روحَ کي وٺندڙ سماج نهي جُڙي راس ٿئي، تيستائين سمورن سماجي تبديلي چاهيندڙن جون قربانيون ۽ ڪوششون، ۽ اهڙا موتَ، جنهنَ موتِ صريرَ جهڙا سجڻ، سُڏڪي مري رهيا آهن. اُهي سمورا ڪردار، آهي سموريون زندگيون، هڪ وڏي اوڙاهَ ۽ ڪُن ۾ گم پيون ٿين. ڪي گُم ٿي ويون آهن ۽ نه معلوم ڪيتريون اهڙيون ڪوششون اُن ضد ۾ اچي وينديون. هي ڪوششون اِن لاءِ آهن ته صريرَ جو ڪردار نه وسري ۽ مونکي يقين آهي ته صرير ڪنهن کان وسري نه سگهندو.



صربر پنهور

صرير سان منهنجي نہ گهاٽائپ رهي ۽ نہ ڪي خاص ڪچهريون ٿيون. راهن ويندي هڪٻئي سان ٽڪربا بہ هئاسين تہ ٻئي پري ڪان. هڪٻئي ڪي ڏسيو مُرڪڻ شروع ڪندا هئاسين. ويجهو ايندي ڪڏهن ڪڏهن ٻئي چٽا آها مرڪ ئي ڪافي سمجهندا هئاسين. هٿ بہ ڪونہ ملائيندا هئاسين. ائين مُرڪي مُرڪي هليا ويندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن هٿ بہ ملائي ونندا هئاسين. ڪڏهن گلي بہ ملي پوندا هئاسون پر اڪثر اُها مُرڪ ئي ڪافي هئي اسان ٻنهي لاءِ. ڳالهائي بہ مُرڪَ ۾ ونندا هئاسين. حال احوال بہ اُن مُرڪَ ۾ ئي هوندا هئا.

سپ ٿا چون تہ هو وڏو ٺهڪ باز هوندو هو. وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندو هو. نہ رُڳو پاڻ ٺهڪ ڏيندو هو پر پنهنجي چوياريءَ ۾ اهڙيون حرڪتون، اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو. جو سمورن کي پيو کلائيندو هو. سندس ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ ٺهڪ ئي ٺهڪ هوندا هئا. مون فقط هڪ دفعو سندس ٺهڪ ٻڌو ۽ اهو بہ راهن ويندي. ايڏو وڏو ٺهڪ جو راهہ ويندڙ، سمورا صرير کي ڏسندا رهيا ۽ صرير گولي ٿي ويو.

حيدرآباد جون حالتون خراب هيون. هڪڙي ڏهاڙي گاڏي کاتي ۾ هڪڙو رڪشا اچي منهنجي ويجهو رُڪيو ۽ اُن مان اچن ۽ بلڪل بنا گهنجيل ڪپڙن پاتل همراهہ لٿو. اهو هو صرير پنهور. سندس هٿ ۾ لفافو هو. مونکي اچي پاڪر پاتائين، وڏو پاڪر. مُرڪي مُرڪي پڇيائين تہ: ”منهنجا ڪالم پڙهندا آهيو؟“ مون ڪيس چيو ”ها“.

”ڪيئن ٿا لڳن؟“

مون کلي چيو: ”تو جهڙا“

”مان پلا ڪيئن ٿو لڳان، اوهان کي.“

”اڄ نہ رڪشو جو اچي يلڪل پرسان بيهاريئي تہ مون سمجهيو تہ ڪو موت جو فرشتو هجين. اڇا ڪپڙا تہ هيڪاري پڪ پيا ڏيارين جو تہ فرشتن جو تصور بہ اهڙو ئي ڏياريل آهي. حالتن بہ ڊيڄاري ڇڏيو آهي سو مون ڀانيو تہ فرشتو پيڇو ڪري پهچي ويو.“

”يار، يارن لاءِ مان موت جو فرشتو ڪيئن ٿو ٿي سگهان؟“

مون ڪيس چيو: ”ڏسڻ ڪانپوءِ اُهو ڊپ جو هڪدم ڇڙهي ويو هو. اُهو

وري لهي به ويو."

"پلا ڪچهري ڪڏهن ڪريون-ڪٿي ڪريون. حالتن ڏاڍو گهٽيو آهي ..."

اجا هُن جملو ئي پورو نه ڪيو ته رڪشي واري ڪيس چيو "سائين، دير ٿي وئي" ۽ هو ٻانهون ٻَڌي موڪلائي چوڻ لڳو: "وري ملبو" ۽ رڪشا هليو ويو ..... اج به منهنجي ذهن تي چانيل آهي ته صرير رڪشا ۾ چڙهي ڪيڏانهن ويو آهي؟هو ضرور ورندو ۽ اچي ڪچهريون ڪندو.

اها هُئي هن سان منهنجي ويڇڙائي، ملاقاتون ۽ ڪچهريون.

اج ٿي دل چوي:

"جيڪر اچي هاڻ، ته ڪريان روح رُچنديون.
آيل ڏولئي سانِ، هوندَ ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان. (شاهه)

●●●

صريرَ سنڌ جو اهو قلمڪار هو. جنهن کي سنڌ ۽ سنڌين سان حد درجي جي محبت هئي، پيار هو. سنڌ جون حالتون، سياسي ۽ سماجي طور ۽ طريقا ۽ پيڙائون اُن کي پيڙينديون هيون، ڏوڏينديون هُيون ۽ هو ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ گُهرندو هو. ڪجهه نه ڪجهه ٿيڻ گهرندو هو. پر هو ايڏن حادثن ۽ ايڪسيڊنٽن جي ور چڙهي ويو جو:

"زندگيءَ جي هر خوشي، حادثن جي ٿي وئي نظر"

سِت، هن جي تصوير ٻڌجي وئي هئي.

هو پنهنجي مائٽن، خاص طور پنهنجي پيءُ سان ٺاهه نه ڪري سگهيو ۽ جڻ ڪيس زندگيءَ ۾ اها وڏي چوٽ ملي هئي. گهرَ هوندي به هو پاڻ کي بي گهر سمجهندو هو. سندس آيل امان جي موتَ به هُن کي ڇني ڇڏيو هو. اُن ڪانپوءِ وري سندس گهر واريءَ جي موت ته هُن کي رَيزا ريزا ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ وارو عرصو هو ائين وِڪريل رهيو جو وري يڪجا ٿي نه سگهيو.

اُن جو ٻيو ڪارڻ به هو، رڳو سندس گهر واريءَ جو وڇڙڻ نه هو. سندس گهر واري جو بيمار ٿي ته هو تقريباً اُن جو علاج نه ڪرائي سگهيو جو ته سندس مائٽَ سگورا، تعويذن ۽ چندن ڦيٿن جا قائل هئا ۽ صرير جي محبوبه / زالَ ائين پيرن فقيرن جي دربارن ۽ مزارن تي. صريرَ جي نه چاهڻ

جي باوجود به چندن ڦيٽن لاءِ سندس مائٽ وٽي ويندا رهيا ۽ صرير ڪڙهندو رهيو، پچندو رهيو. سندس گهر واريءَ جو موت جو ائين ٿيو ته صرير نه رڳو مائٽن کي پر پنهنجو پاڻ کي به اُن سلسلي ۾ ڏوهي پاسڻ لڳو ۽ سموري ڄمار پاڻ کي ان ڏوهه جي سزا ڏيندو رهيو.

هو پنهنجي محبت کي ائين مرندو ڏسي زنده ته رهيو پر حواس ڇڻ وڃائي چڪو هو. دنيا تان سندس دل کڄي چڪي هئي ۽ باقي وارو عرصو موت اُن تي حاوي رهيو ۽ هُن کي پڪ هئي ته هو هاڻي گهڻو عرصو زنده نه رهي سگهندو. انڪري هُن ان عرصي ۾ ڇڻ وڏي ڊوڙ پاتي هئي ۽ گهڻو لکيو هو. سندس ڪالم وغيره به گهڻي قدر ان عرصي دوران ڇپيا ۽ لاڳيتا۽ مسلسل ڇپيا. هُن لکڻ جي رفتار تيز ڪري ڇڻ پنهنجي پنڌ کي پورو ڪرڻ ٿي گهريو يا سندس مٿان جيڪو بار هو اُهو لاهڻ ٿي گهريو. پر افسوس ته هو نه پنهنجو پنڌ پورو ڪري سگهيو ۽ نه اهو بارُ لاهي سگهيو. هو فقط ۽ فقط پنهنجي زندگي پوري ڪري سگهيو.

هن ڪافي لکيو پر آخري عرصي دوران، جڏهن سندس زندگيءَ جي ڪهاڻي مڪمل ٿيڻ تي هئي، جڏهن سندس زندگيءَ جو سج غروب ٿيڻ جي بلڪل ويجهو اچي پهتو هو، تڏهن هُن پنهنجي زندگيءَ کي هڪ اهڙو موڙ ڏئي ورتو، جو اهو موڙ اڄ اُن کي ياد ڪرڻ جو سبب بڻجي پيو آهي.

هُن ڏاڍو تيز ۽ تلخ لکيو. سموريون سچايون ڪڙايون هُن لکيون. هر اها ڳالهه جيڪا هُن کي چوڻ گهربي هئي، چئي ۽ صفا لاپرواهه ۽ بي ڊپو بڻجي هو لکندو رهيو ۽ اُهو لکڻ کيس ڪجهه قدر مهانگو به پيو. ڪي بندوقبازيءَ جا شوقين، بندوقون کڻي هُن جي ڪهاڻيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اُن وٽ پهتا به، پر صريرَ جي صلاحيتن ڪري انهن کي واپس ورڻو پيو. هن انهن جي هٿان مرڻ نه پئي گهريو. چاڪاڻ ته صرير پنهنجو ساهه، ڏيڻ جو وچن ڪنهن ٻئي سان اڳئي ڪري چڪو هو ۽ اُهو وچن هُن هر حال ۾ پارڻ پئي گهريو.

●●●

منهنجي خيال ۾ صرير پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪافي قدر ناڪام ۽ هارايل ماڻهو هو. سمورين واٽون ۽ راهُون هو پاڻ رد ڪري چُڪو هو. اُن ۾

سندس اُن نياڳي دل جو بہ دخل ضرور هو. جنهن ڪيس هر هنڌ رولِيو هو. يا نندپڻ کان مليل عاشقانہ مزاج بہ سندس پڇاڙيءَ ۾ شريڪ هو.

هو پنهنجي تعليم بہ مڪمل نہ ڪري سگهيو. اُن جو سبب پڻ سندس زندگيءَ ۾ پيش آيل حادثا ٿي حادثا هجن پر صرير ڪي انهن کان ڏار نہ ٿو ڪري سگهجي. اُن ۾ شايد سندس پنهنجي ئي وَڏي شامل هجي. جنهن جو بوءِ ڪو ويچ نہ ٿي سگهيو ۽ اُن جو اُن کي بہ احساس هو. پر مهل موٽي ڪانہ هئي. سموريون ويلون ٽري ويون هيون.

دوستو!

هي اسان ماڻهن لاءِ وڏو سانحو آهي. صرير جو موت ڪا گهٽ ڳالهہ ناهي. اهڙو موت، ان عمر جو موت ۽ افسوسناڪ موت. اسان وساري نہ ٿا سگهون. صرير جي دل جو ٽٽڻ ڪا معمولي ڳالهہ ناهي. ان طرح سان، ساڳي انداز ۾ دليون اسان جي قافلي جي ٻين يارن جون بہ ٽُٽيون آهن ۽ افسوس تہ هي سڀ ڪجهہ انهن يارن سان ٿيو آهي جن ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ گهريو آهي يا جيڪي ڪجهہ نہ ڪجهہ ٿيڻ پيا چاهين، جن هنِ سڙيل سماج کي بدلائڻ پئي گهريو. انهن جي زندگي، خود پيانڪ ۽ خوفناڪ حادثن جي ور چڙهي وئي.

"حفيظ شيخ" جو موت ڪنهن کان وسريو آهي؟ اُن انتهائي بيباڪيءَ سان لکيو. ڏاڍي غمناڪ زندگي گذاري، صريرَ جي ڪهاڻي ۽ حفيظ جي ڪهاڻي. هڪٻئي سان چڱو ميل کائي ٿي. فرق رڳو هيءُ آهي هو تہ صريرَ کي جيون ساٿياڻي پيار ڪندڙ ملي هئي ۽ حفيظ ويچاري جا ڀاڳَ اهڙا نہ هئا.

"حفيظَ" بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ پئي گهُريو پر هو ڪجهہ نہ ڪري سگهيو يا ڪيس ڪجهہ ڪرڻ ئي نہ ڏنو ويو. هو "پياڪن" جي ور چڙهي ويو ۽ انتهائي بيدرديءَ سان شراب پيئندو رهيو ۽ هڪ ڏينهن ٻي سُتو تہ وري اُٿي نہ سگهيو. صرير بہ پنهنجي غمن پَلائڻ جو اهو طريقو اختيار ڪيو هو يا زوريءَ ڪيس ان راهہ تي ڪن دوست نما دشمنن آڻي ڇڏيو. جنهن ڪري سندس صحت پوٺي پئجي وئي، دل اڪَئي وسامڻ لڳي هئس ۽ نيٺ انهن ڳالهين ڪري سندس زندگيءَ جو ڏيئو، ان عمر ۾ گل ٿي ويو، جنهن عمر ۾ ڪيس وڌيڪ چمڪڻو ۽ روشن ٿيڻو هو.

"صرير". "ماڻڪ". "مانيٽو". "عبدالحق عالماڻي" ۽ ڪيترائي ٻيا اهڙا حساس قلمڪار، اسان ڪان ٻي مهلائتا موڪلائي ويا آهن. جن جي ڪري اسان جي ادبي ڪيتر ۾ وڏو خال ٿيو آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن قلمڪارن جي مرڻ جي اُها وَهي ڪانہ هئي ۽ جيڪڏهن اسان پنهنجو پاڻ ۾ جهاتي پائي ڏسندا سين تہ لڳندو تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح، اسان انهن يارن جي موتَ ۾ شريڪ آهيون!!

ڪي "پياڪن" جا ٽولا آهن جي سرگرم آهن ۽ اهڙن ماڻهن جي پڃاڻي ڪرڻ لاءِ سرگردان آهن ۾ جيڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو چڱو ڪم ڪرڻ گهُرن ٿا ۽ اُهي اهڙن ماڻهن کي مفلوج ۽ نڪمو بنائي، ختم ڪري ٿا ڇڏين. اسان کي انهن رولو، بدمعاش ۽ اوباش ٽولن کي بہ نظر ۾ رکڻ گهرجي ۽ کين اگهاڙو ڪري ظاهر ڪري بيهارڻ گهرجي تہ جيئن هو وري ڪو صرير جهڙو ساهہ، پنهنجي ظالم چنبن ۾ آڻي، ختم نہ ڪري ڇڏين. جن ڪيتريون اسان جون دليون ۽ ڪيترا سپنا ٽوڙي ڇڏيا آهن.

دوستو!

صريرَ جي پڄاڻي جهڙي طرح ٿي، ائين نہ ٿيڻ گهرجي ها پر هاڻي جيڪي ٿي گذريو آهي، اُن لاءِ اسان ڇا ٿا ڪري سگهون. فقط ڏک ۽ ارمان. ماتم ۽ غم، ۽ پاڻ سنڌي ماڻهو ازل ڪان اِهڙي ماتم ۽ غم ۾ مصروف آهيون ۽ نہ معلوم ڪيترو وقت اهڙا ماتم ڪندا رهون؟

صريرَ جي موت تي رڳو ماتم ڪرڻ، ڏک ڪرڻ، صحيح نَہ ٿيندو. غم ضرور آهي ۽ ٿيڻ بہ گهرجي چو تہ صرير سنڌ جو بيباڪ ۽ ٻي ڊپو قلمڪار هو ۽ اسان اهو ٻي مَهلو وڃايو آهي.

پر هاڻي اچو تہ سندس دوستيءَ جو حق ادا ڪريون. هُن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي اُن کي سموهيون ۽ گڏ ڪريون ۽ اُن کي ڇپائي ظاهر ڪري ڇڏيون. اوهان مان ڪوبہ صريرَ جو دوست، صريرَ جون سموريون لکڻيون، سمورا ڪالم مونکي گڏ ڪري ڏئي، مونکي اُهي شيون پنهنجي اداري طرفان ڇاپيندي خوشي ٿيندي ۽ ان کان وڌيڪ دوستيءَ جو ٻيو ڪوبہ نباهہ ڪونهي. صرير جو عڪس هاڻي پڻائيءَ جي هنن سٽن ۾ ئي ڏِسي پَسي سگهون ٿا:

اج پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سُپرين، روئان تان نہ رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل سامونڊين،
پڳهه چوڙي جن، وڌا ٻيڙا ٻار ۾.
(شاهہ)

۲۴- اپريل ۱۹۹۱ع
ڪلهوڙا ڪالوني - حيدرآباد سنڌ.

●

● چپيل ادب پبليڪيشنس، حيدرآباد.
اپريل ۱۹۹٦ع

# محبتن جا گلاب

(آسي زمينيءَ جي شعري مجموعي 'مجتا جي رُج ۾' جي مهورتڪار جي حيثيت ۾ پڙهيل مقالو)

دوستو!

مان اوهان سمورن دوستن جو انتهائي گهڻو ٿورائتو آهيان، جو اوهان مون کي هيءُ مانُ بخشيو آهي، تہ آسي زمينيءَ جي شاعريءَ جيُ مجموعي، "مجتا جي رج ۾" جي مهورت منهنجي هٿان ٿئي. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ ڪنهن بہ طرح سان موزون ڪانهي، تہ ڪتاب جو پبلشر بہ مان هجان، تہ مهورتڪار بہ - پر منهنجي شاعر دوست جو اهو انتخاب، مون لاءِ اعزاز آهي، جنهن لاءِ مان آسيءَ، توڙي اوهان سمورن جو ٿورائتو آهيان.

عام طور اسان وٽ هيئن پئي ٿيو آهي، تہ پبلشر يا تہ وڏن نانونَ کي ڇاپيندا آهن، يا پنهنجي دوستن يا واقفڪارن کي. آسيءَ جي شاعريءَ جي پهرئين مجموعي کي ڇاپيندي، مونکي سرهائي ٿي آهي ۽ سچ هيءُ آهي، تہ آسيءَ جي مجموعي کي ڇاپڻ کان اڳ، هُن سان منهنجي ٿلهي "سلام ماليڪم" بہ ڪانہ هئي، حيدرآباد جي بوڪ اسٽالن يا رستن تي. ڪڏهن هُن کي ڏسندو بہ هوس، تہ منهن ڦيرائي ڇڏيندو هوس. هُن کي ريلوي ملازمن کي مليل ڪوٽ، ۽ ٻي جنگ عظيم جي ڪنهن گمنام سپاهيءَ جي ٽوپي پاتل هوندي هئي. ڪتابن جي پيري ڪڇ ۾، پنهنجيُ دنيا ۾ مگن. ڪنڌ جُهڪيل - ۽ ائين حيدرآباد جي وشال رستن تي، مون کي هو وچايل ماڻهو لڳندو هو. سندس "آسي زميني" هئڻ واري خبر، مونکي گهڻو پوءِ پئي، جڏهن سندس شاعري:

"آءٌ گهڙي کن هيٺ لهي آ، پنهنجو جوڙيل ڏيهہُ ڏسي وڃ."

اسان جي جلسن ۽ محفلن ۾ ڳائجڻ لڳي - ۽ ماڻهن جون دليون جيتڻ



آسي زميني

لڳي. تڏهن وچي خبر پئي، تہ اهو ”آسي زميني“ آهي، جيڪو زمين ۾ نظرون کپائي هَلندو آهي.

سندس هاني ڪاني ڏسي، مون سوچيو تہ واقعي، جي خدا هيٺ لهي اچي ۽ پنهنجن ماڻهن کي آسيءَ جي چوڻ تي ويهي نشان هڻي تہ آسيءَ تي ڪهڙو نشان هڻندو؟ اَن کي پنهنجي ڪاتي ۾ رکندو يا وڏيرن جي ليکي ۾ آڻيندو؟- ۽ آسي اِهو سڀ ڪجهہ ڏسي بہ سگهندو يا موسيٰ ڪلتيءَ وارو لقاءُ ٿيندو!

دوستو! آسي زميني مون کي اڌ آسماني ۽ اڌ زميني لڳندو آهي. ڇو تہ شاعريءَ کي پيغمبريءَ جو حصو ٿا چون ۽ چون ٿا، تہ شاعرن تي ”نزول“ ٿيندو آهي، الهام ٿيندو آهي. آسيءَ وٽ جيڪا بہ ڏات آهي، جيڪو بہ مٿس الهام ٿيو آهي، نزول ٿيو آهي، اُهو چڱو ٿيو آهي. ان ڪري مونکي آسماني ماڻهو، يعني آسمان سان رابطي ۾ رهندڙ ماڻهو لڳندو آهي. پر اڌ- ۽ اڌ زميني ان ڪري، تہ ايڏي الهام ۽ نُزول جي باوجود بہ هُن جو ڌرتيءَ سان ناتو قائم آهي. هو اُن ڏات ۽ ڏانءَ ڪري اُڏاڻو ڪونهي، پر ڌرتيءَ تي رهي، هن ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ڳالهہ ڪئي آهي، ۽ انهن سان پنهنجو نينهن نڀايو آهي.

اَن ڪان پوءِ مون کي آسيءَ جي شاعري ڪٿي ڪٿي پڙهڻ جو موقعو مليو- ۽ مون محسوس ڪيو تہ هيءُ نوجوان آهي، جيڪو اسان جو شاعر آهي. اسان جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو شاعر آهي. اسان جي ننڍي، اروڙ ۽ مياڻيءَ جو شاعر آهي. اسان جي ٿوڙهي ڦاٽڪ، لاڪاڻ ۽ نيرون ڪوٽ جو شاعر آهي. جيڪو نہ رڳو اسان جي دؤر جو عڪاس آهي، پر هن جي شاعريءَ ۾، اسان جي سمورين سوڀن ۽ شڪستن جو اولڙو پڻ آهي. مون نئين ٽهيءَ جي جيڪا بہ شاعري پڙهي آهي، اُن سڄي شاعريءَ جو مونکي هيءُ نمائندو شاعر لڳو- ۽ مون اُن جي شاعريءَ کي مڃتا ڏيڻ لاءِ، پنهنجي اداري پاران، اُن جو مجموعو ڇاپي، ان کي پنهنجي طرفان قبوليت ڏني. هو ڀلي مڃتائن کي رُڃ تصور ڪري، پر مان پنهنجي ”مڃتا“ کي رُڃ ڪڏهن بہ ڪونہ سمجهندس. مون اُن جي مجموعي کي ڇاپي، جڻ هڪ فرض ادائي

ڪئي، ۽ هن شاعر کي پنهنجي عوام آڏو آندو- ۽ پنهي کي هڪٻئي جي سامهون آڻڻ لاءِ، مون هڪڙي پُل جو ڪم ڏنو- ۽ مون کي خوشي ٿي آهي ته اُن "مجتبا" جو پڙاڏو هتي به ٿيو آهي. منهنجي نظرن ۾ مجتبا رڃ ناهي. اُنڪري پُر اُميد آهيان ته مجتبائن جو اهو سلسلو، هن نوجوان شاعر لاءِ هاڻي سدائين جاري رهندو.

دوستو!

مان شاعر ناهيان، جو آسيءَ جي شاعريءَ تي فني نقط نگاهه کان ڪو مقالو پڙهان. منهنجي راءِ فقط هڪ عام پڙهندڙ جي راءِ هوندي - ۽ اُها هيءَ آهي ته آسيءَ جي شاعري بامقصد شاعري آهي. هو مجازي شاعري ٿو ڪري، تڏهن به هُن آڏو مقصد آهي- ۽ جي قومي شاعري ٿو ڪري تڏهن به بامقصد آهي. هو هر هنڌ مقصد پٺيان ڳالهه ٿو ڪري، هو ماڻهن جي مسئلن جو شاعر آهي. هُن ڪنهن به اهڙي موضوع تي نه لکيو آهي، جنهن جو واسطو عام ماڻهن يا اُنهن جي مسئلن سان ناهي. هو ماڻهن جي مجبورين، ڏکن، دردن، ايذائن، عذابن، محبتن ۽ قربتن جو شاعر آهي. هو ۽ ان جي شاعري، ماڻهن جي مسئلن سان ائين سلهاڙيل آهن، جيئن اُهي مسئلا عام ماڻهوءَ سان سلهاڙيل آهن. هو اسان جي آزادي، آجپي ۽خوشحاليءَ جا خواب ڏسندڙ ۽ ڏيکاريندڙ شاعر آهي. مون کي سندس شاعريءَ ۾ نه رڳو اسان جا ارمان، گهايل من، ڦٽ ۽ زخم ٿا نظر اچن، پر هو انهن تي ڀها رکندي به نظر ٿو اچي- ۽ جي اسان جي هن شاعر دوست جو اِهو سلسلو ائين جاري رهيو ته مُمڪن آهي ته اسان جا ڪيترائي گهاوَ ڀرجي وڃن. ان ڳالهه جو مونکي يقين آهي، ڇو ته سندس شاعري، جيڪڏهن ڪيس پَٽيون ٿي ٻڌي، ته اسان جي ڏَکن تي به ٽاڪور ٿي ڪري.

هو آزاديءَ جي سِري سان لکيل آزاد نظم ۾ ٿو چوي:

"هُوءَ جا
آڏيءَ ويلي تنهنجي
در تي اچٽي آهي

هُن جي
پيرن جي هو پايل
ڇم ڇم وڄٽي آهي-
ليڪن ڏس! ڪيئن سياري جي هن،
سرد اماوس راتين ۾ تون
گهري ننڊ سُتل آهين!
جڻ ڪنهن دوشيزه جي هنج ۾
چانديءَ جهڙين ٻانهن ۾ تون
ساري رات پيل آهين!
هُن جو آڌر ڀاءُ ڪندين ڪيئن؟
ايئن نہ ٿئي جو
هوءَ توکي هينئن
ننڊ ڏسي، ڪاوڙ ۾ پرجي
پِٽَ پاراتا ڏيئي وڃي
جنم جنم جا اوجاڳا ۽
ڪي اوسيئڙا ڏئي وڃي
هوءَ جا
آڌيءَ ويلي تنهنجي
دَر تي اچٽي آهي.“

اتي دوشيزه جي هنج ۾ سمهي ننڊ ڪرڻ، پنهنجي آزاديءَ ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ۽ جاڪوڙ نہ ڪرڻ، يا اُن جو منتظر نہ رهڻ وارن لاءِ جڻ هڪ تنبيهہ آهي- ۽ جاڳائڻ تو چاهي، تہ جاڳو! متان اوهان کي ان حال ۾ ڏسي، آزادي، جيڪا توهان جي در تي اچٽي آهي، اُها، اوهان کي ان حال ۾ ڏسي، پِٽون ۽ پاراتا ڏئي هلي نہ وڃي.

هڪ طرف آسيءَ جي ٻين کي اها تلقين، تہ ٻي طرف پنهنجي لاءِ اها خواهش:

وڃي هُن جي ٻانهن ۾ ڛل ساهُ منهنجو،
اُهي ڀاڳ آسي هجن شال اسان جا.

اهو خيال نہ رڳو آسيءَ جي شاعريءَ ۾. پر گهڻو ڪري دنيا جي سمورن شاعرن وٽ ملندو. جيڪي سچي شاعريءَ ۾. سمورين تحريرن ۾. اونداهيءَ کي تڙڻ جي ڳالهہ ڪندا. ۽ دنيا کي روشن رکڻ لاءِ سڄي زندگي جهاد ڪندا. پر جڏهن پنهنجي محبوب ۽ مطلوب سان ملڻ جو وارو ايندن. تہ چنڊ کي پٺون ۽ پاراتا ڏيندا! جيئن اسان جي مرشد لطيف چيو آهي:

چنڊ نگيئي مَنڊُ. سنجهي ئي شيخ ٿين،
ڪر اونداهي انڊ. تہ ملان محبوب سان.

جي ڀيا. محبوبائن جي ٻانهن ۾ سمهي رڳو ننڊ ڪن. تہ آزادي انهن کي پٺون ۽ پاراتا ڏئي ويندي هلي. پر جي آسي ڪنهن جي ٻانهن ۾ ساهہ ڏئي تہ اهو اُن جو ڀاڳ ٿيندو! ۽ اهڙن ڀاڳن ماڻڻ لاءِ هو دعاڳو آهي-!

هتي مرشد جو ذڪر نڪتو آهي. تہ هيءَ ڳالهہ بہ آسيءَ جي شاعريءَ جي حوالي سان ڪري ڇڏجي تہ هو اياز کي پنهنجو مرشد ٿو مڃي. ۽ اياز سان ڪيس گهڻي عقيدت ۽ احترام آهي. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ مرشد اياز سان فقط اردوءِ ۾ شاعريءَ ڪرڻ تي اختلاف ٿو رکي. باقي اُن جي سڄي شخصيت. ۽ سچو ڪردار. هو نُور ٿو سمجهي! اُتي هو مون کي ان عام سنڌيءَ جهڙو لڳندو آهي. جيڪو اکيون ٻوٽي مرشد جي هر عمل تي ايمان آڻيندو آهي. ۽ ان جي چوڻ تي اوجهڙ ۾ هليو ويندو آهي.

آسيءَ جو مرشد اياز تہ اجڪلهہ چوڻ لڳو آهي:

بک ۾ تہ ڪچا ڪائي،
ڏرتي تہ ڪُتي آهي، ٿي روز ٻچا ڪائي!

اُتي آسيءَ کي اهو واضع ڪرڻو پوندو تہ سندس مرشد اياز

سنڌ ديس جي ڌرتي، توتي پنهنجو سيس نمايان

مٽي ماٿي لايان

جيءُ جيءُ جيجل، جيءُ جيءُ جيجل. توکان ڪيئن لنوايان-؟

ڪان وني، ڌرتي ماتا کي ڌرتي ڪتي سڏڻ تائين. جيڪو سفر ڪيو آهي، اُن ۾

اُن جي مرشدي ڪٿي متاثر بہ ٿي آهي يا نہ-؟
هتي آءٌ آسيءَ جو هڪڙو گيت پڙهندس:

دوستو! اُٿو! سنڌ آ سڏيو،
آئيو نہ جو، پاڻ مان نہ سو- پاڙيو اهو.
يوئٽي ڌرو، جو بہ ڪو هٽيو،
پاڻ مان اُهو، ڪونہ پائيو،
ڪَن ڏئي ٻُڌو! پاڻ مان نہ سو- پاڙيو اهو-
پنڌ آ پري، پير ڪڻ پري،
جو ٿڪي پوي، هوريان هلي،
يا وچان وري، پاڻ مان نہ سو- پاڙيو اِهو.
جنگ جو ٻُڌو! گهنڊ آ وڳو،
وقت پرک جو، آهہ آئيو،
جو بہ آ پڳو، پاڻ مان نہ سو، پاڙيو اهو.

ڇا آسيءَ جي پرک جو اِهو ماپو فقط عام ماڻهن، عام ڪارڪن، غريبن، مسڪين ۽ ٻي حال ماڻهن لاءِ آهي؟ اُن ماپي جو، مرشد جي ٽنگن تيڙڻ واري ڪهاوت سان ڪو تعلق ڪونهي ڇا-؟

مٿي مون چيو آهي تہ آسي، اسان جي ڏکن تي ٺاڪور ٿو ڪري. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ ڏَکن تي ٺاڪور ڪندڙ مهربان، ٺاڪور لاءِ ڪنيل پاٽي يا پٽر جي گرمائش جو صحيح اندازو نہ ڪري سگهندو آهي، ۽ اُهو اندازو، ڏَکن لڳل همراهہ جي رڙين ڪانپوءِ ئي ٿيندو آهي.

آسي زميني، پنهنجي جهول ۾ آسن ۽ اُميدن کي ڪٿي نِڪتو آهي، ۽ هر ماڻهوءَ کي هو ويساهہ ٿو ڏياري، تہ اسان جي جدوجهد، ضرور رنگ لائيندي. يقين اهڙو سچ ايرندو- جو تہ:

هُو جو اوچي ڳاٽ سان، وڏندو سات اچي،
ڪوڙيندو ڳاڙها جهنڊا، نيرن ڪوٽَ مٿي،
ڏِس! ڪيئن انهن کي، هوشو مُر کي ٿو ڏسي.

پنهنجي ايمان جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

"مونکي آزاديءَ ۾
ايڏو يقين آهي،
جيڏو توکي
اِن ڳالهہ ۾ يقين آهي
تہ تون ....... جو پٽ آهين."

هڪ طرف ايڏو ايمان ۽ يقين. ايڏا آسرا ۽ اُميدون. ايڏيون آسون ۽ آشائون- ٻي طرف هيڏي مايوسي:

ڄٽن ۾ ڇائي، پائي گهمو ماٺهؤو!
ڏائڻ اونداهي، سورج ڪي ڳيهي وئي.

۽ اها ڳالهہ مون کي نہ ٿي آئڙي. شاعر پلي اِهو چوي، تہ اُهي ماڻهوءَ جون ڪيفيتون آهن- پر مان اُن سان اختلاف ئي رکندس. هڪڙي انتهائي ذهين ۽ هوشيار ڊاڪٽر اڳيان، هڪڙو مريض پيو آهي، جنهن جو هو علاج پيو ڪري، ۽ سندس اڳيان اُن مريض جا ڪيترائي مائٽ بہ، اُن ۾ وڏيون آسون لڳايو ويٺا آهن. ٻي طرف ڊاڪٽر، مريض جي حال کي ڏسي، نہ معلوم ڪيترين ڪيفيتن مان ٿو گذري، ۽ اُن اڳيان ڪيترا لاها چاڙها ٿا اچن. ڪيڏي مهل مريض صفا موڪلائڻ جي پيو ڪندو، تہ ڪيڏي مهل ڪجهہ بچڻ جي اُميد پيو ڏيکاريندو- پر انهن سمورين ڪيفيتن کي، ڊاڪٽر فقط آس ۽ آسرو رکڻ ۾ بيان ڪندو آهي. ۽ نہ اهو چوندو آهي تہ "آبا! وارو ڪريو منهن متا پٽيو. روح راڙو ڪريو- همراهہ وڃيوَ ٿو" ۽ اهڙين مختلف ڪيفيتن کي، آسيءَ ٻين بہ ڪيترين جاين تي بيان ڪيو آهي. جيڪي هُن جون ذاتي ڪيفيتون آهن، ذاتي ٻڌڻ ترڻ آهي.

هڪڙي ڪيفيت آهي:

پيهي ويٺا پاڻَ ۾، سمورا سُڄاڻ،
اجهو اَج سياڻ، اوڏو آيو آجپو.

ڏاھا منهنجي ڏيهہ جا، ڪُجھو ڳالھائين،
مونجھارن جا مامرا، وينا ويچارين،
اُميدون آهين، سگھو لهنديون سنگھرون.

وري ٻي ڪيفيت:

ڏاھا! تنهنجي ذات، ڪم نہ آئي قوم ڪي،
موڙها! تو ڪيئن مات، ڪاڏي لالچ لوڀ ڪان!

ڳولِ مَ ڳهلي جندڙي! ڦٽ چٽائٹهار،
آهن سڀ بيمارَ، ڏاھا پنهنجي ڏيهہ جا!

ڪِنجهہ مَ آئي تون ڪُرڪ! واڪا ڪرِ مَ ويچ ڪي!
لاڙِ مَلاڪي لُڙڪ، مسيحا مري ويا!

هڪڙي ڪيفيت:

ٻنل متيءَ جو هڳاءُ، تو لئہ آندو مون،
آچين پيو تون، مون ڪي بوءِ بارود جي!

ان ڪيفيت ۾ بارود ڪان نفرت، تہ وري ٻي ڪيفيت:

پٽَ ڏٿيءَ جا بيت، ناهن گهٽ بارودَ کان،
هُڙيون، ٻيلا، ڪيت، هي سڀ پنهنجا مورچا.

بارود ڪان نفرت آهي، تہ ٻوءِ پتائيءَ جي بيتن کي بارودي بڻائڻ بہ چڱي ڳالهہ ڪانهي.

شاعر، عام ماڻهوءَ ڪان وڌيڪ، انتهائي گھڻو حساس هوندو آهي، اُن ڪري ئي تہ شاعر هوندو آهي- ۽ اهو بہ ظاهر آهي تہ هو ننڍي وڏي ڳالهہ ڪان تُرت متاثر ٿيندو آهي، ۽ اُن جا اثر قبول ڪندو آهي. دريائي لهرن جيان. شاعرَ جي دل جون موجون بہ، ڪڏهن مائيون، تہ ڪڏهن ٻوڙان ٻوڙ! ڪڏهن من ماڪوڙي، ڪڏهن ڪيهر شينهن! ان ڪري اسان جو آسي بہ ان عمل ڪان جُدا ناهي.

آسيءَ جي شاعريءَ ۾ ٿَلن ۽ اٽڪلن جي بہ گھٽي ڳالهہ ڪيل آهي. لڳي ٿو تہ

همراهہ نندي هوندي کان ئلن / اٽڪلن کان ڪم وٺندو رهيو آهي. جنهن جو هڪڙو مثال هتي ڏيندس. جيڪا ڳالهہ سندس شاعر بنجڻ جو، گهڻو ڪري بنيادي ڪارڻ آهي، مهاڳ ۾ لکي ٿو:

"اڪين جي سَڏَ کي سمجهندي، هُن جڏهن مون ڏانهن پهرين وک وڌائي، تڏهن مون بينچ تي ويٺل، پنهنجي پر واري ڇوڪر کي نوٽ سان پرتي ڪري،آيل، مهمان لاءِ بينچ تي جڳهہ ناهي هئي........" (ص ١٢)

آيل مهمان کي جاءِ ڏيڻ لاءِ، آڌرياءُ ڪري، جيڪڏهن آسي پاڻ اُٿي ٿو ڪيس جاءِ ڏئي، تہ مهمان جي بينچ جو ساٿي ڪو ٻيو ٿو بنجي- اِن ڪري هو اٽڪل ڪري، پنهنجي پرسان ويٺل ڇوڪري کي نوٽ سان پرتي ڪري، پنهنجي ئلَ سان، مهمان تي پنهنجو حق ٿو ڄمائي. ۽ اهڙين ئَلن ۽ اٽڪلن جو، سندس شاعريءَ ۾ بہ ڪيترين جاين تي اولڙو نظر ايندو!

اَمٽ پل اپلَ، ماٺي تنهن کان پوءِ مَروُن،
اهڙي ڳوليون ئَلَ، آجا ٿيون انياءَ کان.

ٽڙڪي سان توڙي وڇهون، نيئر سپيئي،
اڇو! ڪا ايهي! ويهي ئَلَ وِڙهائيون.

ساڳيءَ طرح هو سپنن جو بہ ڪو گهڻو شوقين آهي. سندس تقريبن سڄي شاعريءَ ۾ سپنن جو ذڪر آهي. پوءِ اهي، ڏينهن ڏٺي جا سپنا هجن، يا گهگ اونداهين راتين جا. هونئن بہ هر ماڻهوءَ جو جيون، سپنا ڏسندي ۽ سَجائيندي ٿو گذري. شاعر سڳورا تہ آهن ئي سپنن جي سنسار جا ماڻهو، پاڻ بہ ڏسندا ۽ ٻين کي بہ پيا سَهانا سپنا ڏيکاريندا!

سندس شاعر بنجڻ ۾ ٻن ڳالهين جو دخل آهي. انهن ۾ يار لئہ نوٽ هٽي بينچ تي جاءِ پيدا ڪرڻ ڪانپوءِ، پنهنجي دل ۾ ان لاءِ مستقل گهر ناهڻ، ۽ اڄ تائين اُن جاءِ تي ٻئي ڪنهن کي ويهارڻ کان هو پڙ ڪڍيو ويٺو آهي. اُتي هڪڙو ٻيو بہ وڏو سبب هو. اُهو هو، نماز ۾ وڏيري جو سڀ کان پوءِ اچڻ ڪانپوءِ بہ اڳئين قطار ۾ بيهڻ! ۽ غريب ماڻهوءَ جو ان کي جاءِ ڏئي پٺتي هَلبو وڃڻ- ۽ آسيءَ جو رڙ ڪري خدا کي سڏڻ.

هُن عشق جي امامت ۾ شاعري شروع ڪئي آهي ۽ گهڻو ڪري پنهنجي

سڄي زندگي اُن امامت ۾ گذاري آهي- ۽ جن ماڻهن عشق جي امامت قبولي آهي، اُهي ڪڏهن ۽ ڪٿي آ پنيليا ناهن. ڪٿي بہ انهن دوکو نہ ڪيو آهي، دولاب نہ ڪيو آهي، عشق جي امامت ڪان پوءِ. ڪنهن ٻئي سَهاري جي گهٽو ڪري گُهرج نہ هوندي آهي، جيڪڏهن عشق امام ڪانسواءِ. ڪو ماڻهو ٻيو سهارو يا مرشد ڳولي ٿو، تہ اُن ۾ شڪ ڪري سگهجي ٿو تہ ممڪن آهي تہ اڪتي هلي هو ڪٿي راهہ وڃائي ويهي.

آسيءَ جي شاعريءَ تي اياز جو وڏو اثر آهي- ۽ سندس اڪثر شاعري، اُن جي لهجي / اندازَ / ٻولي ۽ موضوعاتي لحاظن سان ملندڙ آهي. جنهن ڪري خود اُن جي شخصيت / اُن جي شاعري متاثر ٿئي ٿي. حالانڪ هو وڏي سگهہ ٿو رکي. هو بنا ڪنهن سهاري جي بہ پنهنجي جُدا ڇاپ ڇڏي سگهي ٿو- ۽ پنهنجي جداگانہ شخصيت ٺاهي سگهي ٿو، جيڪا ڪيس ناهڻ بہ گهرجي.

آسيءَ جي شاعريءَ ۾ هڪڙي ڳالهہ ڏاڍي زوردار ۽ وزندار نموني ڪيل آهي، اُها آهي پورهيت پچار. هو پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ پورهيتن جي وڪالت ڪندي نظر ايندو ۽ هُن پورهيتن سان نہ رڳو پنهنجو پيار ڏيکاريو آهي، پر انهن جي حال، انهن جي عذابن، ڏکن سورن، دردن ۽ غمن جي بہ چڱي اپٽار ڪئي آهي- ۽ انهن جي خوشحاليءَ ۽ چڱي آئيندي لاءِ هن جي شاعريءَ ۾ وڏي تڙپ ۽ فڪر آهي. اُن ڪري آءٌ اها ڳالهہ چوندي ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ڪندس تہ هو پورهيتن جو وڪيل شاعر آهي. اُن جو بنيادي ڪارڻ شايد اهو هجي، تہ هو خود پورهيت آهي. مزدور ماڻهو آهي. هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍا رولڙا ڪَٽيا آهن. ميلن تي پاڻ ۽ نوازَ، چانهہ جو هوٽل هلايو آهي. جمع بازارن ۾ چانهہ جون ڪٽليون ڪٽي هوڪا ڏيندي، گذر ڪيو اٿئين. شيون ۽ ٽول وڪرا ڪيا اٿس- بازيگرن، جوتشين جو ٻانهن ٻيلي ٿي رهيو آهي، ۽ انهن سان گڏجي ڪوڙا سچا تعويذ بہ تحرير ڪيا اٿس- ۽ هاڻي ٽائيپسٽ آهي. سڄو ڏينهن پيو اُن جي آوازن جون ماترائون ڳڻيندو آهي. جڏهن ڪيس تعويذن ۽ ٽوڻن ڦيڻن مزو نہ ڏنو، تہ هُن ٻيا، شاعريءَ ۾ تعويذ لکڻ شروع ڪيا ۽ هاڻي انهن تعويذن جو اهو اثر ٿيو آهي، جو چوي ٿو:

ٻَڌو آهي مون،
ساهيڙين ۾ تون، منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين!
ڏندن جي هيـنـــان ڏئي، پوتيءَ جـــون ڪُنڊون
منهنجون ڳالهيون ٿي ڪرين.

هو پورهيتن جو ايڏو همدرد ۽ انهن سان محبت ڪندڙ آهي، جو سندن خـــالي پيٽ، آنڊن جـو آواز بہ هُن کي ٻڌڻ ۾ آيو آهي- ۽ هُن پورهيتن ســـان ڏاڍي ويجهڙائي ڏيکاري آهي، ۽ انهن جـو حـال ڏسي، ڏيهن جي ڏاتار سـان مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

هـڪـڙا ڏيــنـدڙ هــٿڙا، ٻيا مڱـڻـهار!
ڏيـهن جا ڏاتار! ڇا هي سڀ ڪجهہ تو لکيو؟

لـيڙون لڱـن تـي لَـٽـــا، نـنـگـي پيـرين نـار،
ڪُلهي پايو ڳـودڙي، ڪــانــيي پــايو ٻــار،
هاءِ! وچ بزارَ، هن ڪيــئن هٿ ڊِگـــهـــيـــريا؟

ڪُنيءَ ڪـٿـا چار، گـهـر ۾ گـهـٽـا لنگـهـٽــا،
مـڙي آيــس چـلهــہ تـي، پـرسـان بـڪيـــا ٻار،
ويڙهي ويا ويچـــار، ويچـــاريءَ کي ڪـيـتـــرا!

هتي اهڙي هڪڙي دُرستي ڪرڻ چاهيندس، آسي چوي ٿو:

آرهڙ ۾ تــيـون اوڏڻــيـون، ڏامــرَ پگـــهــارين،
پــورهيـت نـاريون روڊ تـــي، پــٿــر وڇــائــين،
وڏيريون واچين، تـن کي ويـنـدي جـيـپ مـــان!

منهنجي سمجهہ موجب اوڏڻين جو ڏامر پگهارڻ سان واسطو ڪونهي. اسان وٽ "اوڏڪي پِٽ" وارو محاورو سمورن ٻُڌو هوندو. اوڏڻين جو واسطو فقط آڏڻ سان آهي:

آَڏي آَڏي اوڏَ، ڇڏي ويا پيٽيون!

آسيءَ پنهنجي شاعري گهڻو ڪري انهن صنفن ۾ ڪئي آهي، جيـڪي

صنفون سنڌيءَ جون پنهنجون صنفون آهن. جيئن بيت ۽ وائي - ۽ آسيءَ جون اِهي بئي صنفون فني لحاظ کان ڏاڍيون سگهاريون آهن. جن ۾ ڪٿي بہ ڪا کوٽ نظر نہ ٿي اچي. اڄڪلهہ جڏهن اسان جي نئين ٽهي، فن ۽ فڪر جو خاص خيال نٿي ڪري، تڏهن آسيءَ جي شاعري، سندس سڄي ٽهيءَ لاءِ مشعل راهہ ثابت ٿيندي ۽ هو پنهنجي ٽهيءَ جو رهنما شاعر بنجندو. جيڪڏهن سندس ٿهي، ان جي شاعريءَ جو چڱي پر مطالعو ڪيو، تہ مون کي خاطري آهي تہ جديد سنڌي شاعري، هڪ پيرو پيهر اسان جي قيادت ڪندي ۽ نيون واٽون جوڙي، ڪي لاٽون روشن ڪندي. چاڪاڻ تہ آسي نہ رُڳو فني طرح بلند پايي جو شاعر آهي، پر فڪري طرح بہ هُن تي فخر ڪري سگهجي ٿو. هن جي فن ۽ فڪر جو سنئون سڌو هِن ڌرتيءَ سان ڳانڍاپو آهي ۽ هُن جي سڄي شاعريءَ ۾ اسان کي ڌرتيءَ جو هڳاءُ نظر ايندو. لطيف ڪانپوءِ سنڌي ٻوليءَ جا سينگاريندڙ ۽ سنواريندڙ، جيڪي شاعر چئي سگهجن ٿا، انهن ۾ آسيءَ جو نالو بہ شامل ڪري سگهجي ٿو. هو جيترو پاڻ سادو سودو آهي، اهڙي سندس ٻولي بہ سادي سودي ۽ پلوڙ آهي. هن لفظن جون جيڪي مورتيون ٺاهيون آهن، انهن لاءِ چئي ٿو:

لفظن جون هي مورتيون، جيڪي مون ٺاهيون،
پاريندڙيون باهيون، مون کان پوءِ پوهہ ۾.

۽ مونکي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ڪانہ ٿي اچي تہ ائين ڇو آهي؟ تہ اسان وارا شاعر گهڻو ڪري پاڻ ڪانپوءِ ئي ڪجهہ ٿيڻ / ڏسڻ گهرندا آهن! آسي پلا پاڻ کي "سمن سرڪار" ڇو ٿو سمجهي يا بنائي جو سندس مُئي ڪانپوءِ کيس ڪڪڙن جا نذرانا ملن! آن جون لفظن واريون مورتيون، سندس وڃڻ ڪانپوءِ ڇو باهہ ٻارين؟ هاڻي ئي ڇو نہ؟ ڇو ٿو اسان کان اهي دعائون گهرائي، تہ آسي برقعو متائي تہ ڪي باهيون ٻرن ۽ ظلم ۽ ناحق جا ڦهري ڪوٽ سڙي ناس ٿين.

هُن جون ڪيتريون تشبيهون ايڏيون پياريون ٿيون لڳن، جو دل چوي ٿي تہ آن کي دل کولي داد ڏجي، پر ڪاش! مان اهو داد ڏيڻ جو اهل

هجان ها:

پرين! جڏهن پوهه جا، پارا ٿي پيڙا؛
مون پنهنجا هڏا، ساروٽين تي سيڪيا.

ساروٽين تي هٿ سيڪڻ جو اصل مزو تہ آسي ئي وٺي سگهيو هوندو، پر اهو تصور ڪندي، اسان جا هٿ بہ سيڪجي ٿا پون.

تنهنجي ڪلهي جي مٿان، ڪنڌرڪي روئان،
آءٌ پرين! پوئان، ڳچيءَ ڳوڙهن ڳانيون.

ڳوڙهن جون ڳانيون پوئي، پرينءَ جي ڳچيءَ ۾ پائڻ جو ڪمال بہ آسيءَ جهڙو شاعر ئي ڪري سگهي ٿو، ورنہ هرڪنهن جي ڏانءَ جي اها ڳالهہ ناهي.

اڪيون ڪليل سپيون، ڏونگهيءَ ڦاڪونءَ چپ،
ڪانهي ڳاڻ ڳٽپ، سجڻ سپ ڳٽائيتو.

جتي، هُن جا بيت ۽ وايون، فن ۽ فڪر جا شاهڪار آهن. اُتي آزاد نظم بہ گهٽ ناهن. 'مؤذن!' آزاد نظم ۾ تہ اسان جي درد جو جڻ فوٽو ورتل آهي! ۽ ايڏي سُٺي فوٽوگرافي ڪيل آهي، جو اهو فوٽو، شاهڪار ۽ لازوال فوٽوگرافيءَ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ هرطرح سان، هر پاسي کان، غريب ۽ مسڪين پورهيت ماڻهن جي مڪمل تصوير ورتل آهي.

ٻئي طرف اچو تہ سندس نثري نظم بہ پڙهون: "سپنا" جي سِري سان لکيل نثري نظم ۾ چوي ٿو:

ان رات،
گهر ۾ ڪي ٻار
راند ڪري رهيا هئا،
منهنجون اکيون ڪتاب ۾ هيون
۽ ڪنَ هنن ڏانهن هئا
اوچتو جڏهن

هڪڙي ڀار سيند وڃائي،
تہ پئي ڪيس منع ڪئي
سيند وڃائيندڙ ڀار
اُن پابنديءَ تي اعتراض ڪيو
تہ منع ڪندڙ ڀار وراڻيو:
”رات جو سيند ڪانہ وڃائبي آهي-
گناهہ ٿيندو.“
”ڇو؟“ هُن حيرت مان پڇيو -
”رات جو سيند وڃائڻ سان
الله سائين جاڳي پوندو-“
ڀار جواب ٻڌي چُپ ٿي ويو
۽ اُن مهل مون چاهيو هو تہ
آئون زور زور سان
سيند وڃائيان
پر
مون کي سيند وڃائڻ
نہ ايندي آهي-“

آسي جيڪڏهن ”سيند ۾ ڳالهہ ڪرڻ“ جو قائل ناهي تہ چڱي ڳالهہ آهي. هو پلي صفا ڳالهہ سونتي جي ڪندو رهي، پر جيڪڏهن هُن سيند وڃائڻ سکي ورتي، ۽ ٻارن سان گڏجي، هُن رات جو ڪنهن بہ ٽائي، زور زور سان سينديون وڃايون تہ اسان سمورا ٻار ٻنجي ، مقصد ماٺڻ تائين سينديون وڃائيندا رهنداسين- ۽ اهو ڪم اسان سندس اڳواڻيءَ ۾ ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. ڇاڪاڻ تہ مون کي خاطري آهي تہ هو پلي جسماني طور ڇيٽيءَ سان مهٽي اڇلائي ڇڏڻ جهڙو هُجي. پر تڏهن بہ ان عمل ڪندي، جيڪڏهن مٿس ڪفر جي فتويٰ نڪتي يا گهاٽي ۾ پيڙهيو ويو. يا تيل ڪڙهائيءَ ۾ ڪاڙهيو ويو، تڏهن بہ مونکي خاطري آهي تہ هو اٽل رهندو. باعزم ۽ باهمتِ رهندو.

هو ڪڏهن بہ انساني عظمت جي ازلي دشمن آڏو نہ گوڏا ڪوڙيندو ۽ نہ ئي معافي نامو ڇپرائي، پنهنجي ڪُڙم ڪي نَچائيندو.(١)

دوستو!

آسي زميني جي شاعريءَ ۾ هزارين خوبيون آهن. هُن جي شاعري، اسان جي عظمت واري سلسلي جي باوقار شاعري آهي. هر وڏي شاعر ڪي اُن جي پارکن، نقادن ۽ تبصري نگارن ئي، پنهنجي قلم جي زور تي نہ رڳو اڳتي آندو آهي، پر ان ڪي سدائين لاءِ زندهہ رهڻ لائق بنايو آهي- ۽ اُن جي صلاحيتن ڪي بہ ظاهر ڪيو آهي. تنقيدون ۽ تبصرا ئي تخليقڪار جي زندگي هوندا آهن. آئون سمجهان ٿو تہ هن دور ۾ نقادن ۽ پارکن تي اِهو فرض ٿو عائد ٿئي، تہ آسيءَ جهڙي اپرندي ئي پوٽو پاريندڙ شاعر تي قلم ڪڻن؛ ۽ سندس گهڻ پاسائين شخصيت ۽ شاعريءَ تي دل کولي تنقيدون ۽ تبصرا ڪن (۽ ائين نہ رڳو آسيءَ لاءِ ڪن، پر اها ڳالهہ ان جي سڄي ٿهيءَ لاءِ ضروري آهي-) مون ڪي خاطري آهي تہ ان عمل سان، سنڌ ۽ سنڌين ڪي مليل هن شاعر جون سموريون صلاحيتون، سمورو فن، سموري ذات ۽ سمورو ڏانءُ نکرجي پوندو. مونکي خاطري آهي تہ اسان جا نقاد منهنجي هنن ڳالهين تي ڌيان ڏيندا.

دوستو!

آءٌ آسيءَ جي شاعري پڙهي حيران رهجي ويندو آهيان. سوچيندو آهيان تہ ڪٿي اهو وِسڪيءَ جو ڪمال تہ ناهي؟ پر:

نشہ شراب ميں هوتا تو ناچتي بوتل-!

اِهو وسڪيءَ جو ڪمال هُجي ها تہ سمورا پياڪ آسيءَ جهڙا پلوڙ شاعر هجن ها. وري سوچيندو آهيان تہ ڪٿي اهو "شهزادي ظهور راجا جاني" تماڪ واري پان جو ڪمال تہ ڪونهي؟ پر ائين بہ ڪونهي. جي ائين هجي ها تہ سمورا پان ڪائو پيارا شاعر هُجن ها. وري سوچيندو آهيان تہ ڪٿي پلا

---

(١) ان زماني ۾ يوسف سنڌي معافي نامو ڇپرائي ڪيسي ۾ کڻيو پيو گهمندو هو.

اِهو نسوار جو ڪمال ته ڪونهي؟ پر ائين به ڪونهي، جي ائين هجي ها ته سمورا پناڻ ۽ نسوار خور شاعر هجن ها. جيڪڏهن آسيءَ جي شاعريءَ ۾ ڪنهن جو ڪمال آهي، ته اهو بس آسيءَ جو پنهنجو ئي ڪمال آهي- ۽ ڪجهه ڪمال پائو "نواز" جو به ٿي سگهي ٿو. جنهن جي محبت ۽ قربت، آسيءَ جي اندر ۾ اهي گلاب پوکيا، جنهن جو هڳاءُ ۽ خوشبوءِ، آسيءَ جي شاعريءَ ۾ موجود آهي- ۽ اسين ان جو واس پيا وٺون- موتَ ۾ هاڻي مان سمجهان ٿو ته، اسان کي پنهنجي محبتن ۽ قربتن جو اظهار ڪرڻ گهرجي. جنهن جي شروعات، مون اُن جو ڪتاب ڇپائي ڪئي آهي ۽ هتي ميرپور بٺوري جي دوستن طرفان، اُن جي شاعريءَ لاءِ هيءَ اپياسي ويهڪ به ان سلسلي جي ڪڙي آهي- ۽ دوستن پاران پيش ڪيل، اجوڪن انهن ويچارن ڪانپوءِ آسيءَ کي خاطري ڪرڻ گهرجي، ته اسان جون محبتون ۽ قربتون اُن لاءِ ئي آهن، ۽ جيئن جيئن هو پنهنجي ذات ۽ ذاتءَ، فن ۽ فڪر ذريعي روشني ڦهلائيندو رهندو، تيئن تيئن اسان جون محبتون به ان تي واضع ٿينديون وينديون.

● (لکيل: ٢٨ جنوري ١٩٩٣ع

٢٠- صائمه پلازا - هالا ناڪو - رات جا يارنهن)

[٢٩ جنوري ١٩٩٣ع تي، سنڌي ادبي سنگت شاخ ميرپور بٺورو پاران، آسي زمينيءَ جي شعري مجموعي "مجتا جي رج ۾" جي ڪرايل مهورت ۽ اپياسي ويهڪ جي موقعي تي پڙهيل مقالو.]

● ڇپيل ماهوار ڪينجهر
نومبر ١٩٩٣ع



غلام حسین رنگریز

# اسين ساٿي سچ جا

(غلام حسين رنگريز سان حيدرآباد ۾ ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل مقالو)

دوستو!

منهنجي لاءِ هيءَ ڳالهه ڪنهن وڏي اعزاز کان گهٽ ڪانهي جو مان سنڌ ڌرتيءَ جي هڪ سباجهي ۽ سلجهيل اديب ۽ نهايت پياري ماڻهوءَ سان، ملهائجندڙ هن شام ۾، رنگريز جي چاهيندڙن ۽ مڃتا ڪندڙن سان گڏ آهيان ۽ منهنجي سامهون اُهو لکيءَ جي جبل جيان خاموش، گوتم جيان گم سم ماڻهو ٻه موجود آهي. جيڪو پنهنجي مظلوم ۽ ستايل ماڻهن جي حال تي هڪ تڙپندڙ دل رکي ٿو ۽ پنهنجي مادرِ وطن جي خوشحاليءَ ۽ آجپي لاءِ، ڪنهن ڪرت، ڪنهن ڪم ۽ ڪنهن مقصد ۾ جُنبيل رهي ٿو.

غلام حسين رنگريز، سنڌ جي انهن قلمڪارن ۾ شامل آهي، جيڪي دنيا جي جديد ادب جو نه رڳو ڀرپور مطالعو ڪن ٿا پر ان سموري مطالعي سان گڏ، هتان جي سمورين حالتن جو ڇِڳيءَ ڀر مشاهدو ٿا ڪن ۽ پوءِ پنهنجي سموري مطالعي ۽ مُشاهدي کي ڪنهن چڱي ۽ ڪارگر، ڪارائتي ۽ بهترين مقصد جي حاصلات لاءِ ڪم ٿا آڻين ۽ پنهنجي پوري جيون، ان حاصلات لاءِ وقف ڪري ٿا ڇڏين. جيڪا حاصلات، ڪِريل ۽ تباهه ٿيل قومن، نستين ۽ حال وڃائي ڇڏيندڙ قومن ۾، نئون ساهه ڦوڪي، اُٿاري ڪڙو ٿي ڪري ۽ وڏي شانَ ۽ شوڪت سان ڪنڌ مٿي ڪري ٿي بيهاري.

دوستو!

اسان جي ادبي ڪيتر ۾ قلمڪارن ۽ فنڪارن جي کوٽ ڪانهي. هرڪو پنهنجي پنهنجي ليکي، پنهنجي پنهنجي پيشرو اڳواڻ قلمڪارن جي پوکيل وڻن جي آبياري ڪندو رهيو آهي. ڪنهن لطيفي سنت کي زنده ۽ سلامت رکڻ لاءِ، پنهنجي ذهني ۽ قلمي پورهئي کان ڪم پئي ورتو آهي ته ڪنهن قاضي قاضن جي واٽ ورتي، لکڻ سان گڏ، ڌارين يلغارين جو سات پئي ڏنو

آهي ۽ گڏوگڏ هن ڌرتيءَ جي عزت ۽ آبروءَ لاءِ لڙندڙ قلمڪارن جي راهن ۾ نه رڳو رُڪاوٽون پئي ڪَڙيون ڪيون آهن پر انهن جي نظرياتي سوچن ۽ خيالن کي رد ڪد پئي ڏنو آهي. اهڙن قلمڪارن لاءِ اڄ بہ اسان وٽ وڏيون ۽ انتهائي گهٽيون سهوليتون موجود آهن. ذرائع ابلاغ جا سمورا ذريعا، انهن جي قَد ۽ ڪاٺ جي اجائي پبلسٽي ڪري ڪين، عوام آڏو اهڙي تہ صورت ۽ شڪل ۾ ٿا پيش ڪن جو ڪن پلن لاءِ مٿو ئي چڪرائجيو وڃي ۽ ويسهہ ڪرڻ تي دل پئي ڪهرندي آهي.

اهڙا قلمڪار حڪومتن ۽ حاڪمن جي وڏائي بيان پيا ڪندا آهن ۽ پنهنجي تحريرن ۾ حاڪمن کي سجدا ڪرڻ جون صلاحون ڏيندا آهن ۽ حاڪم ڏريون توڙي انهن جي نشرو اشاعت جا ذريعا وري اهڙن قلمڪارن جي هٿ ٺوڪي وڏائي بيان پيا ڪندا آهن ۽ انهن کي وڏو ڪري پيش رڳو ان ڪري ڪندا آهن، جيئن اول انهن جي وڏائي ظاهر ڪئي وڃي ۽ پوءِ ماڻهن کي چيو وڃي تہ ڏسو! ڪيڏا نہ عظيم ۽ مهان ماڻهو بہ اسان جي پنيرائي ڪندڙ آهن! حڪومتن ۽ حاڪمن جون ڏنل انتهائي وڏيون ۽ دل کي ڪشش ڪندڙ سهوليتون انهن کي ميسر هونديون آهن. وڏا وڏا ڪتاب انهن جا ڇپيا آهن. وڏا وڏا انعام ۽ تمغا انهن کي پلئہ پوندا آهن. وڏن وڏن مجلسن ۾ شرڪت ۽ سرڪاري خرچن تي، آڌرياءُ انهن جو ٿيندو آهي. حڪمرانن جي آشيرواد وٺندي، انهن آڏو ادب ۽ احترام ۾ ڪنڌ جهڪيل تصويرون انهن جون نڪرنديون آهن.

غلام حسين رنگريز جهڙن قلمڪارن جي اسان جي معاشري ۽ ماحول ۾ اهڙي حيثيت آهي، اهڙي عزت آهي. جڻ رنگريز جهڙا پارکو ئي بي مُلها ماڻهو، روز پيا جمن ۽ مَرن. اڪ اسان جي ماڻهن جي تڏهن ٿي وڃي پنجي، جڏهن ڪو يار، هتان مُرڪو ئي هليو ٿو وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ڪي مٿي قريا، سنڌي ادبي سنگت جا ڪي جوشيلا، نوجوان قدردان، اهڙن ماڻهن سان شامون ملهائي، سچ تہ روح افزائي ڪري وجهندا آهن ۽ جڻ ڪن پلن لاءِ ويساهہ ڏياري ڇڏيندا آهن تہ اجا مڙيئي ڪي اڪيون آهن جيڪي پرک ڪري جاڻن ٿيون.

پر جيڪڏهن اهي اڪيون بہ پوٽيل هجن، چوطرف اوندهہ انڌوڪار

هجي، تڏهن بہ خاطري اٿم تہ رنگريز جهڙا جوان، اهڙي ڀاڳ اونداهي واٽ تيِ هلندا ويندا ۽ ان کي روشنايون بخشيندا ويندا.

هڪ طرف ايڏا اعزاز ۽ انعام هجن، ٻي طرف ٻلي کو پڇڻ وارو بہ کونہ هجي تڏهن بہ رنگريز جنهن مٽيءَ مان جُڙيل آهي. اها مٽي ڪڏهن بہ مايوس ٿيندڙ ناهي ۽ نہ انهن انعامن ۽ اڪرامن تي ٻنيلجي وڃڻ واري آهي.

ڏوستو!

اسان سنڌي ماڻهو ڪيڏا مظلوم ۽ مسڪين آهيون. ڪيڏن ظلمن ۽ ناحقن جي مُنهن ۾ آهيون، ظلم ۽ ناحق جي جاندهہ ۾ جهڙي نموني پيڙيا پيا وڃون. اُن ڪان هرڪو واقف آهي. سيني کي، سيني ڳالهين جي پروڙ آهي، هاڻي انهن داستانن تي ڳالهائڻ ئي اجايو آهي. ڇوتہ هرهڪ. هرڪا ڄاڻ رکي ٿو پوءِ ڪو ٻلي اڪيون ٻوتي ٻلي پيو لَغڙَ اڏائي پر ڪو اُن تي ويهي رت جا ڳوڙها بہ ڳاڙي ٿو.

هي ڪيڏو نہ انڌير آهي جو اسان جي ماتر ڀومي سُڪڙٻي سوڙهي ٿيندي وڃي. اسان ماڻهو ڄڻ مسچتا آهيون، ميساربا پيا وڃون ۽ اُهو سڀ ڪجهہ ڏسبو خوش پيا ٿيون، ٺهڪ پيا ڏيون، ٻگليون پيا وڄايون. اسان کي هن ڌرتيءَ جي، ڌرتي ڌڻين جي ان حال تي، رت روئندڙ ماڻهن کي ڇا ڪرڻو آهي، ڪهڙو ڪردار ادا ڪرڻو آهي ۽ پنهنجي مظلوم ۽ هيسيل قوم کي، ڪهڙا رستا ۽ راهون ڏسڻا آهن. اهو سمورو ڪردار جيڪو اجتماعي طور ادا ٿيڻ گهُرجي، اُهو هاڻي انفرادي حيثيت وٺي چڪو آهي ۽ ان ٻاٽَ اونداهيءَ ۾. ڪي ڪي شخصَ، ڄڻ ٽانڊاٽا ٻنجي، چمڪاٽ ڪريو، اونداهين ۾ گهيريل ماڻهن اڳيان اچيو، پنهنجو وجود ٽا ميجرائين.

سنڌ سنڌ ڪرڻ، سنڌين لاءِ واويلا ڪرڻ، ڄڻ هڪ رواج ٿي پيو آهي. اڄ ڪان نہ، لاڳيتو پنجيتالهين سالن ڪان، اهو سلسلو پيو هلي. ڪي مسخرا آهن، جن پنهنجي مفادن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، 'سنڌ' ۽ 'سنڌين' جا ڏاڪا پئي استعمال ڪيا آهن ۽ اسان جو مظلوم ۽ ڳگدام عوام ڄڻ ڏاڪڻ آهي، جنهن تي چڙهيو، هو پنهنجا مفاد ماڻيو، اُهو سڀ ڪجهہ وساريو ڇڏين.

سنڌ ۽ سنڌين جي نالي ۾ پنهنجو نالو ماڻين، نوڪريون، عُهدا، عزتون، پئسا ۽ پروموشن ماڻين ۽ ان انڌَ ۾، وڏا وڏا عذاب ڪَن، تڏهن ڄڻ

فخر جهڙي آهي تہ هن جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، اُهو راهہ ڏسيندڙ آهي. پر اسان جي راهَہ جون واٽون بہ ڪيتريون ئي آهن، واٽن جون واٽون بہ ڪافي آهن ۽ ڪيترائي مُنجهيل مسئلا آهن. ڪيتريون ئي ڏکيون ۽ اڙانگيون وکون آهن ۽ اهي ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح ڪٽيون آهن. اُها ڳالهہ بہ رنگريز جهڙا ئي سُرت ۽ ساڃهہ رکندڙ ماڻهو ڏَسي سگهن ٿا.

اسان جا ڪيترا مونجهارا آهن، ڪيتريون مشڪلاتون آهن، جن کي سُلجهائڻو آهي، منجهيل سُٽ کي سنوارڻو آهي. سنڌ جي تاريخ جو ئي مثال وٺو. آهي ڪٿي اُها-؟ جيڪا موجود آهي، اُها اسان جي عڪاسي ڪيتريقدر ٿي ڪري ۽ ڪنهن لکي آهي اُها. اڄ بہ اوهان سنڌ جي تاريخ کي کولي ڏسو تہ اُها مذهب ۽حاڪميت جي لاڪپ ۾ پوري پئي آهي ۽ اسان جي پنهنجي تاريخ ۾ اسين خود ڏوهي لڳا پيا آهيون. پنهنجي ئي تاريخ ۾ اسين مُجرم، ۽ اسان جا قاتل ۽ رت پياڪَ. اسان جا هيرا لڳا پيا آهن!۽ ان ايڏي ساري انڌير ۾ جيڪڏهن رنگريز جهڙو قلمڪار، رڳو پنهنجي تاريخ تي چڙهيل لٽَ لاهڻ لاءِ، ڪجهہ ڪري سگهيو تہ مونکي خاطري آهي تہ اُها تاريخ واقعي اسان جي تاريخ پاسندي ۽ اسان اُن تاريخ ۾ ڏوهي، شورشي، ڪافر ۽ دين جا دشمن ڪونہ هونداسين، جيڪڏهن اهي سڀ ڪجهہ هونداسين بہ، تڏهن بہ ديشَ دروهي ڪونہ هونداسين، ڌرتيءَ جا غدار ڪونہ هونداسين.

۽ اهو ڪم رنگريز، ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هن سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان جيڪي ڪجهہ تحرير ڪيو آهي، جيڪي ڪي مضمون ۽ مقالا تحرير ڪيا آهن، اهي ايڪڙ ٻيڪڙ ئي صحيح پر تڏهن بہ انهن ۾ اوهان کي واٽَ نظر ايندي، هڪڙي لاٽَ نظر ايندي، ڇاڪاڻ تہ رنگريز ذهني طور، اُن حد تي پهتل آهي، جتي وسيع مطالعي ۽ مشاهدي ڪانپوءِ، رياڪاريءَ جا سمورا پردا چاڪ ٿي پوندا آهن ۽ ماڻهو، اهڙي درجي تي پهچي ويندو آهي جو هو رهنما ٿي سگهي ۽ اها توقع اسان هن يار مان ڪري سگهون ٿا.

هُن کي پڙهو، هو اوهان کي مُنجهيل نظر نہ ايندو. هتان ڪان هوڏانهن تائين گوهيون ڏيندي نظر ڪونہ ايندو، قوم پرستيءَ جو چولو پائي، مذهب ۽ دين پرستيءَ جو رستو ڪونہ وٺندو، هو جيڪا ڳالهہ ڪرڻ چاهيندو آهي،

ڏاڍي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان ڪندو آهي ۽ صفا، چٽي، پڌري ۽ ڪري- نہ لڪ لڪوٽي ڪري جاٽي ۽ نہ ساندي وانگر ست رنگ بدلائي جاٽي، هو صفا سچو ۽ صاف ماڻهو آهي ۽ منهنجين هنن اکين اهڙا ماڻهو تمام ٿورڙا ڏٺا آهن.

ها، ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ هو گهڻي ڀَل هنگامي ڪان دور رهيو آهي. پر جيڪي بہ ڀَل هنگاما ٿيا آهن، سوچون ۽ جاڳَ ٿي آهي، اُن ۾ هن يارَ جو هٿ ضرور آهي. هيستائين جيڪي راهون ۽ رستا، جُڙي راس ٿيل آهن، انهن جي ڳولا ۽ نهڻ ۾ هن جو بہ ڪي سات رهبو آهي.

سنڌي ادبي سنگت، جي سيڪريٽري جنرل واري هن جي عرصي دوران سنڌي ادبي سنگت، سنڌ جي تاريخ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، آءُ ان کي هڪ الڳ حيثيت ڏيندس ۽ ان دور جي سمورين تقاضائن کي هُن ۽ سنڌي ادبي سنگت، جنهن ڀرپور انداز سان پورو ڪيو، اهو تمام گهڻ عرصن ۾ ٿيو آهي ۽ مون کي خاطري آهي تہ نہ رنگريز کي ۽ نہ سنڌي ادبي سنگت کي، تاريخ ۾ ڪو ميار ڏئي سگهندو تہ فلاڻي ڏاڍ. فلاڻي جبر ۽ فلاڻي ناحق ۾ رنگريز ۽ سنڌي ادبي سنگت، ڪو ڪردار ادا نہ ڪيو يا خاموش رهيا ۽ جَسُ آهي اُن کي، جنهن پاڻ کي مهٽي هاب نہ رکيو آهي.

دوستو!

آءُ رنگريز سان واقفيت، ذاتي شناسائي ۽ دوستي، ملاقاتن ۽ ڪچهرين جو هتي ويهي ذڪر ڪريان اهو شايد مناسب ناهي. هُن سان منهنجي تمام سني عرصي کان شناسائي آهي. عرصي کان هڪٻئي کي سڃاڻون ٿا. هڪ ئي F.I.R جا گهُربل بہ رهيا آهيون. ڪچهريون بہ ڪيون اٿئون، محفلن ۾ بہ شريڪ رهيا آهيون، گڏ ويهي وڏا وڏا ٽهڪ بہ ڏنا اٿئون، پر اهي سڀ ڳالهيون ذاتيات ۾ شامل آهن ۽ اڄ هن محفل ۾ اهي ڳالهيون جائز ناهن. انهن کي ڪنهن ٻئي هنڌ بيان ڪري سگهجي ٿو. منهنجي دوستن، رنگريز سان هيءَ شام رچائي، قومي ڪم ڪيو آهي. ان ڪري هتي ان لحاظ ڪان مون ڳالهايو آهي ۽ اجا بہ گهڻو ڳالهائي سگهجي ٿو.

هن جي ڪيترين خاصيتن تي ڳالهايان. سندس قومي جذبي، قومي غيرت، سياسي ۽ نظرياتي ڄاڻ، ادبي ۽ علمي مشاهدي تي ڳالهايان، يا سندس اخلاق، ادب ۽ عزت ڀرئي رويي تي ڳالهايان. يا اُن جي، هن پهلوءَ تي

ڳالهايان تہ هن سنڌ کي ڪيترا قلمڪار ڏنا آهن. ڪيترن نوجوانن جي رهنمائي ڪئي آهي ۽ ڪيترن کي آڳر ڪان وٺي. مشڪل ۽ ڪٺن راهون پار ڪرايون آهن.

اُن جو زندهہ مثال اهو آهي تہ شام رنگريز سان پڻ ملهائجي. ڪتابَ 'اڄ جو آدم' جي مهورت پڻ ٿئي. جيڪو اسان جي چئن نون قلمڪارن، سارنگ شاهہ، منصور سوراج، ذوالفقار ميمڻ ۽ نور محمد ڪيبر جي قلمي ڪاوشن جو نتيجو آهي. جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح، رنگريز کان متاثر آهن ۽ اُن جي ورتل راهہ جا ئي پانڌيئڙا آهن ۽ اڄ رنگريز سان هيءَ شام ۽ ڪتاب 'اڄ جو آدم' جي مهورت واري منظر مان لڳي ٿو تہ سنڌ ماءُ. سُنڌ نہ ٿي آهي ۽ نہ اُن علم ۽ ادب جا دروازا، ڪنهن تي بند ڪيا آهن. پوءِ اُهو ڪهڙي بہ وهيءَ جو قلمڪار ڇونہ هجي.

۽ اهي بڻي ڳالهيون. شامَ ۽ رونمائي تقريبَ. اسان جي دل جو ڏيڏ آهن، هڪ طرف رنگريز آهي ۽ ٻي طرف 'اڄ جو آدم' جا لکندڙ ۽ اهو سچو مانداڻ مثل ڏسي وڏي وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ اسان حق ۽ سچ جي پانڌيئڙن جو اهو سلسلو اڻ ڪٽ آهي ۽ اهو ڪڏهن بہ ڪٿي ڪُنڊو ناهي ۽ نہ سنڌ جو قلمڪار ڪٿي ٽڪجڻو آهي. اُن جي هر وک اڳتي آهي ۽ اها منزل ماڻڻ لاءِ وڌندي رهندي. ۽ اها مشعل ڪڏهن بہ اجهامي نہ سگهندي، جنهن جي روشني سلامت رکڻ لاءِ، نہ رڳو اسانجون محنتون ۽ پورهيا پر رَتُ ۽ سَتُ بہ حاضر آهي.

● لکيل: ٢٩- ٥- ١٩٩١ع ٽنڊوالهيار-رات جو هڪ وڳي.



منظور ظفر

# چٽنگ ڏکائي، لات جَلائي

(منظور ظفر سان لاڙڪاڻي ۾ ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل صدارتي مقالو)

ساٿيو،
جيئي سنڌ-

اڄ هتي لاڙڪاڻي مان پيدا ٿيل سنڌ جي نوجوان شاعر، منظور ظفر جي ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعريءَ جي مجموعي 'ڏرتيءَ جا گل' کي سنڌي ٻارڙن جي قومي ۽ ادبي تنظيم چٽنگ سنگت شاخ لاڙڪاڻي طرفان ڇپائڻ ڪانپوءِ، انهيءَ ڪتابَ جي تعارفي تقريب ۽ ليکڪ سان شام ملهائڻ لاءِ، هيءُ ميڙ ڪوٺايو ويو آهي.

هن تقريب ڪوٺائڻ مان 'چٽنگ سنگت' شاخ لاڙڪاڻي وارن جو مقصد هيءُ آهي تہ هن ميڙ ۾، ڇپيل ڪتاب، شاعر صاحب ۽ تنظيم جو تعارف ڪرايو وڃي. آءُ ڳڌجاڻيءَ جي ان مقصد کي نظر ۾ رکندي، پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ موجب انهن ٽنهي شين جو مختصر تعارف ڪرائيندس.

ساٿيو! ڪنهن بہ شيءِ جو تعارف فقط ان ڪري ڪرايو ويندو آهي تہ جيئن ان شيءِ جي ڄاڻ ڏني وڃي. ان شيءِ جي اهميت ۽ حيثيت کان ماڻهن کي واقف ڪرايو وڃي. منهنجي سامهون هن وقت ٽي شيون آهن، جن جو مونکي اوهان سڀني سان تعارف ڪرائڻو آهي.

پهرين شيءِ جنهنجو آءُ تعارف ڪرائيندس، اها آهي 'ڪتاب'- ڪتابَ دنيا جي هر ٻوليءَ ۾ لکجن ۽ ڇپجن پيا. سالن کان وٺي اهو سلسلو هلندو پيو اچي ۽ هلندو رهندو. ڪي ڪتاب آسماني ڪتاب ٿا سڏجن، جن ۾ قدرت جو قانون ڏنو ويو آهي. ماڻهن کي مهذب نموني سان زندگي گذارڻ لاءِ راهون ۽ رستا، ګهڻَ ۽ گهٽيَڙ ڏسيا ويا آهن. ماڻهن کي ان قانون موجب

زندگي گذارڻ جي تلقين ڪئي وئي آهي. انهن ڪتابن ۾ ماڻهن کي ٻڌايو ويو آهي ته جيڪو ماڻهو ان قاعدي ۽ قانون تي نه هلندو. اهو روز حساب تي ذليل ۽ رسوا ٿيندو. ڪيس دوزخ جي حوالي ڪيو ويندو ۽ جيڪو ان مرتب ڪيل قانون موجب هلندو، اهو جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ روز حساب مَهل هو مرڪندو ۽ خوش ٿيندو. انهن ڪتابن کي مقدس ۽ پاڪ سڏيو ويندو آهي. انهن کانسواءِ ٻيا ڪتاب به هوندا آهن. جيڪي ماڻهن جا لکيل هوندا آهن. عالمن، اديبن، محققن. دانشورن ۽ شاعرن جا لکيل هوندا آهن. جيڪي آسماني ڪتاب نه هوندا آهن. انهن کي آسماني ڪتابن واري اهميت نه هوندي آهي. بهرحال ڪتاب سڀ مقدس هوندا آهن. ماڻهن وٽ آسماني ڪتابن جي اهميت، سندن نظر ۾ تمام وڏي آهي. هو ڪتابن کي پوتڙيون پارائي، ڏکي رکي چڏيندا آهن. منهنجي نظر ۾ اها ڪتاب جي عزت ڪانهي. ڪتاب پڙهڻ ۽ سکڻ لاءِ هوندا آهن. جن ماڻهن ۽ قومن جي نظر ۾ ڪتاب جي اها اهميت ۽ حيثيت آهي، منهنجي نظر ۾ اهي قومون جاهل ۽ انڌيون آهن .

جيڪي ڪتاب ماڻهو نڪندا آهن. اهي نور نچوئي لکندا آهن. ٻيا ماڻهو انهن کي پڙهندا آهن ۽ پوءِ ان جي گهاٽي واڌيءَ تي ڳالهائيندا ۽ سوچيندا آهن. شعور وارا ماڻهو. ان ڪتاب کان اڃا وڌيڪ سنو ۽ بهترين ڪتاب لکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. عام ماڻهو. اهي ڪتاب ان ڪري پڙهندا آهن جو اهي ماڻهن جا لکيل هوندا آهن. ماڻهو. ماڻهوءَ جي مسئلن ۽ ڪُهرجن، تڪليفن، ۽ عذابن. ڏکن ۽ دردن کان واقف به هوندو آهي ۽ هو يعني قلمڪار ماڻهن جي مسئلن کي پنهنجو سمجهي انهن تي لکندو آهي. ڪتابن ۾ اهي ڳالهيون هونديون آهن. جيڪي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن سان واسطو هونديون آهن ۽ انهن ڪتابن ۾ ماڻهن کي جاڳائڻ جي ڳالهه ڪيل هوندي آهي. ڪتاب آسماني هجن يا چرين ۽ مجذوب ماڻهن جا. بهرحال انهن ۾ زندگيءَ کي چڱي نموني گذارڻ جي تلقين ڪيل هوندي آهي. ڪي ڪي ڪتاب فنا ٿي ويا. اڄ اسان وٽ انهن جو وجود ته پري، نالو نشان به ڪونهي. جن قومن وٽان ڪتاب ختم ٿيا. اهي قومون صفحهِ هستيءَ تان

مِنجي ويون ۽ جن قومن وٽ ڪتاب محفوظ رهيا، اُهي قومون اڄ بہ دنيا جي نقشي تي ڪيهر جيان ڪَرڪٽيو بيٺيون آهن!

ساٿيو! ڪتاب قومن جي سمجهاڻيءَ لاءِ لکيا ويندا آهن. انهن ۾ جيابي جو سنيهو هوندو آهي. انهن ۾ اسان جي قومي شاعر شاهہ لطيف جي شعر:

نئون نيايو آئيو، راڻي وتان رات،
لڌا سُون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
ڪونہ پڇي تو ذات، جي آيا سي اگهيا.

جيان، جيابي جو سنيهو، نيايو ۽ پيغام ڏنل هوندو آهي. ڪي ڪي ڪتاب مجموعي طور سموري دنيا لاءِ هوندا آهن. ڪي ڪي ڪتاب ڪن خاص قومن يا انهن جي ڪن خاص طبقن لاءِ بہ هوندا آهن تہ ڪي مخصوص فردن لاءِ هوندا آهن، مخصوص ماڻهن لاءِ.

هيءُ ڪتاب 'ڌرتيءَ جا گل' جنهن جي تعارف طور مونکي ڪجهہ ڳالهائڻو آهي، اُهو ٻارڙن لاءِ آهي. مون گذريل ڏهن ٻارنهن سالن کان سنڌي ٻاراڻي ادب جا ڪتاب ۽ رسالا پئي پڙهيا آهن ۽ ڪافي عرصو انهن جي اشاعت ۾ صرف ڪيو اٿم. ڪافي عرصي کان ٻاراڻين تنظيمن سان بہ وابسطہ رهيو آهيان، ٻارڙن جي جلسن، جلوسن ۽ گڏجاڻين ۾ شريڪ بہ ٿيو آهيان. اڄ مونکي هن محفل ۾ هن ڪتاب تي ڳالهائڻو آهي تہ هي ڪتاب ڪيئن آهي ۽ ان ۾ ڇا آهي؟ ڪهڙو پيغام آهي؟ ان جو اثر ڪهڙو پوندو ۽ ان جي حيثيت ڪهڙي رهندي؟

'ڌرتيءَ جا گل' ۾ ٻارڙن لاءِ ڪيل شاعري آهي. سندس عام تعارف تہ هي ٿي سگهي ٿو تہ ٻارڙن لاءِ شاعريءَ جو هيءُ مجموعو ۴۴ صفحن تي مشتمل آهي. هن ۾ چوويهہ ٻاراڻا شعر آهن. جيڪي ڏاڍا وڻندڙ آهن. ڪتاب جو ٽائيٽل ٽن رنگن ۾، آفسيٽ پيپر تي ڇپيل آهي. سندس قيمت ڏهہ رپيا آهي.

ڪتاب جي ان عام تعارف کي ڇڏي، مونکي هڪ جداگانہ تعارف ڪرائڻو آهي ۽ مٿي ڄاڻايل ڳالهين تي بحث ڪرڻو آهي.

'ڏرتيءَ جا گلَ' مونکي ڏاڍو پسند ايو اهي. سندس ٿالو، شاعري، ڇپائي- مطلب تہ هر شيءِ جي پنهنجي پنهنجي اهميت ۽ حيثيت آهي. ٻارڙن لاءِ ڪيل هن شاعريءَ ۾ عام سادي سلوڻي ۽ مروج زبان استعمال ڪيل آهي. ائين ٿو نظر اچي تہ شاعر صاحب پاڻ ننڍو ٻار ٿي اها شاعري ڪئي آهي ۽ ٻارڙن جي جذبن ۽ اُمنگن جي عڪاسي ڪئي آهي. ٻارن لاءِ ٻار ٿيءِ لکڻ حدَ درجي جي ڪماليت آهي. آءٌ يقين سان چئي سگهان ٿو تہ سنڌي ادب ۾ ٻاراڻي شاعريءَ جا جيڪي بہ ڪتاب هيستائين ڇپيا آهن. انهن ۾ هي ڪتاب بہ صف اول ۾ ڳڻائي سگهجي ٿو. ڇپائيءَ واري لحاظ کان ڪٿي ٻيا هجن پر اهميت جنهن شيءِ کي آهي، اها آهي شاعري، ان جي اسلوب بيان ۽ ان ۾ ڏنل پيغام ڪيَ- ۽ مان سمجهان ٿو تہ هن ڪتاب ۾ اها شيءِ ڪيترن ڪتابن کان وڌيڪ نظر ايندي.

شاعري پيغمبريءَ جو حصو آهي. اها ڳالهہ اسان پڙهي ۽ ٻڌي آهي. شاعر پيغمبر هوندا آهن، هو قومن ۽ ملڪن کي پيغام ڏيندا آهن. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ ان ڪلام کي اهميت رهندي پئي اچي، جيڪو ڪلام ماڻهن جي مسئلن کي آڏو رکي لکيو ويو هجي ٿو ۽ ماڻهن کي مستقبل ۾ پيش ايندڙ خوف ۽ خطرن کان واقف ڪري ڪين پنهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ٿو ۽ ڪين سندن اهميت ۽ حيثيت کان واقف ڪري ٿو.

'ڏرتيءَ جا گلَ' ڪتاب ۾ جيڪا بہ ٻاراڻي شاعري آيل آهي. اها ٻارڙن جي زبان ۾، ٻارڙن جي پنهنجي شاعري آهي. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مون لکيو آهي: "ٻارڙن لاءِ هيءَ شاعري جڏهن ٻارڙن وٽ پهچندي تہ هنن جي مک تي هڪ پُرامِيد مُرڪ سانوڻ جي مينهن جيان وراڪا ڏيڻ شروع ڪندي...." ۽ واقعي اها ڳالهہ سچ ثابت ٿي، ڪتاب کي ٿورڙي عرصي ۾ جيڪا عزت ملي آهي، اها ساراهہ جوڳي آهي.

ساٿيو! 'ڏرتيءَ جا گلَ' ۾ جيڪي ڳالهيون شاعريءَ جو موضوع بڻايون ويون آهن. اهي سچ پچ تہ اسان سڀني جي اکين اڳيان گذريون آهن. منظور، اسان، پنهنجي ۽ ٻين سڀني جي ننڍپڻ ۾ جهاتي پائي، اها شاعري ڪئي آهي. مثال طور 'ورهايون مڻايون' واري 'نظم' جو هيءُ بند:

هلي جيئن ڇيئن ٿڌي هير،
تيئن تيئن ٿُنبيون تن کي تير،
سيني ۾ ڏيون، تن کي جهير،
هوشَ انهن جا ائين اڏايون،
اڇو پارڙو، ڦيريون پايون-¹

مٿين شعرن ۾ جيڪو پيغام ڏنو ويو آهي، اهو لافاني آهي. پارڙن کي پنهنجي جيابي سان ڳنڍ، قوم جي جيابي لاءِ تيار رهڻ جو چيو ويو آهي ۽ انهن ماڻهن سان وير رکڻ لاءِ چيو ويو آهي، جيڪي هن ڌرتيءَ جا ويري ۽ دشمن آهن. 'منزل جي کڏ' گيت ۾ ته وڌيڪ ان ڳالهه جي وضاحت ٿيل آهي:

"منزل جي کڏ کاهيو پارو،
کوڙا قلعا ڊاهيو پارو،
پاتا پاتا پولي پولَ،
پريو اسانجا پيليل جهولَ،
اوهان اسان جا ايندڙ وارث،
منهنجي ملڪ جا ٿيندڙ وارث،
پنهنجن کي بس چاهيو پارو،
منزل جي کڏ کاهيو پارو-"

واقعي اسان ماڻهن جا جهولَ خالي آهن. اسان وٽ ڪجهه به ڪونهي. اسان ڦريل ۽ لُٽيل آهيون ۽ اسان جون اميدون نئي ايندڙ نسل ۾ آهن. اسان جا پيليل ۽ خالي جهول، ايندڙ نسل ۽ هن نسل کي نئي پِرڻا آهن. اسان کي ڳالهائڻ جي قابل، عمل ڪرڻ جي قابل بنائڻ لاءِ، هن نسل تي محنت ڪرڻي آهي. اُن ڪانسواءِ هڪ هنڌ هڪڙي غريب ماڻهوءَ جي گهر جي عڪاسي ڪندي چوي ٿو:

"پڦي او پڦي،
عيد سندي ڏينهنَ تي،

دال چاڙهي ٿئي-!"

غريب جي گهر ۾ عيد تي به دال آهي. پر ڪي ڪي گهر ته اهڙا به هوندا آهن، جن ۾ ٿلهو باهڙي به ڪانه ٻرندي آهي ۽ شاعر ان ماحول ۽ انهن حالتن کي ڏسي، وڏي آس وچان چوي ٿو:

- "تانداٽو تمڪي،
  غريب جي قسمت،
  شال سدائين چمڪي-"
- "وهي اچي پاٽي،
  مارن مٺن جو-
  الهه ٿيندو ساٿي!"

ان ڪانسواءِ غريب کي احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڏسي، ڪيس دلداري ڏيندي چوي ٿو:

- "پنا اچا گورا گورا،
  اٿوَ ڏينهن ڏکن جا،
  ڪٽل ڪٽل ٿورا ٿورا-"

وري وڌيڪ وضاحت ڪندي چوي ٿو:

- "ڪبو سيٺ جي پيٽ کي ڪهاروءِ
  چانور چڱڙا ٻاٽهن کائيءِ
  ڏيهه سڄي کي ڏي تو ڏارو-"
- "جيڪو ٻين جو ڪاڏو تاڙي،
  ٻڪيو پار پيلا چو؟
  اهڙي سيٺ جو پيٽ نه ڦاڙي-"

ڪتاب ۾ جيڪي ڪجهه آهي، مون ان جيڪي ڪجهه مان "ڪجهه نه ڪجهه" اوهان جي ڌيان تي آڻڻ لاءِ پيش ڪيو آهي. هاڻي اوهان پاڻ اندازو لڳايو ته هن ڪتاب ۾ ڇا آهي؟ ان ۾ جيڪو پيغام ڏنل آهي، اهو هن ڌرتيءَ

سان وابسطہ آهي. ان جي ماڻهن سان وابسطہ آهي. ڌرتيءَ جي ٻارن کي ڀاڻ
جاڳي ٻين کي جاڳائڻ ۽ جهنجهوڙڻ جو پيغام آهي. پنهنجي ۽ پرائي جي ڄاڻ
ڏنل آهي. مونکي منظور جي ان پيغام ڏيڻ واري ادا سان اتفاق آهي. ڪتاب
جو اثر اهو پوندو تہ ٻارڙا، ڀاڻ جاڳي پوندا ۽ ٻين کي جاڳائي وجهندا. ٻارڙن
جي دلين ۾ پنهنجي وطن، ٻوليءَ ۽ ادب سان پيار جاڳي پوندو ۽ ان ڪتاب
جي، پيغام جي، نظرئي جي، شاعريءَ جي حيثيت اها رهندي، جهڙي ڪنهن
چڱي ڪتاب جي رهندي آهي. هي ڪتاب سنڌ جي ٻاراڻي ادب جو بهترين
ڪتاب آهي. ٻارڙن وٽ هن ڪتاب جي حيثيت اهڙي رهندي، جهڙي وٽن
پنهنجي حيثيت آهي. پنهنجي ماضي، حالَ ۽ مستقبل جي-!! اهي هُيون ڪتاب
جي باري ۾ تعارفي طور چند ڳالهيون. جيڪي مون مٿي اوهان کي ٻڌايون.
هاڻي اچون ٿا، شاعر صاحب جي ذاتي تعارف تي.

منظور سادو سودو، ڪِلمڪ، غريب، مسڪين، جائو نپنو لاڙڪاڻي ۾،
ميڊيڪل جي ٽئين سال جي شاگرد هئڻ جي باوجود اهو لڳندو ئي ڪونهي تہ
هو ميڊيڪل جو شاگرد آهي. گهٽ ڳالهائو، خاموش طبع، ماٺ ئي ماٺ.
خاموشي خاموشيءَ ۾ گذاري لکندو رهي ٿو. هڪ ٻہ ڪهاڻيون بہ لکيون
اٿس. سندس ڳالهائڻ جو انداز بہ عجيب ۽ غريب، ڏاڍو پُرلطف ۽ منٺو آهي.
هڪ ڀيري ڀاڻ پنهنجي آواز لاءِ هڪڙي عجيب ڳالهہ ٻڌايائين. چي: "هڪ
دوست جي گهر ويس. ٽيليفون اوطاق ۾ پيو هو. سندس غير موجودگيءَ ۾
ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. پڇڻ تي ٻڌايم تہ منظور پيو ڳالهايان. ٻئي پاسي
ڳالهائڻ واري هڪ ڇوڪري هئي. جيڪا کيس چئي رهي هئي: "آئي، ڇڏ
حرامپائي. فلاڻي پئي ڳالهائين، وري چوين پئي تہ منظور ٿو ڳالهايان. هڪدم
جنس بدلائي ڇڏيئي!"

منظور جو آواز مونکي ان ڪري نہ وڻندو آهي جو هو واقعي عورتن
جهڙو آهي يا انهن سان ملي جلي ٿو. پر ان ڪري وڻندو آهي تہ اهو جداگانہ
قسم جو هوندو آهي (مردن ۾).

چوندا آهن تہ شاعر پيغمبر هوندا آهن ۽ شاعري پيغمبريءَ جو حصو
هوندي آهي. منظور ڀاڻ پيغمبر نہ سهي تہ انهن جي ويجهن ۽ قريبي حلقن

مان ضرور آهي. پيغمبر نہ تہ خليفو، خليفو نہ تہ ان جو خليفو. بهرحال ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور آهي ۽ سندس شاعري پيغمبريءَ جو حصو ڪٿي نہ بہ هجي، پر سنڌي ٻاراڻي ادب جو حصو ضرور آهي-!

منظور سُني رفتار سان لکي پيو. ماڻهو آهي ٻين عام ماڻهن جهڙو. مشين ڪونهي. اها ئي شيءِ آهي تہ سندس زندگي عام ماڻهن کان وڌيڪ بهتر ٿي گذري ۽ جنهن ڪارج لاءِ هو ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو لکي رهيو آهي. ڏسجي تہ هو ان ڪاڪ جي مومل-ڪي ماٺي سگهي ٿو يا وات تان ئي موٽي ٿو!

منظور جو تعارف وڌيڪ ڇا ڪرائجي. ڇاڪاڻ تہ تعارف ان شيءَ جو ڪرايو ويندو آهي. جنهن کان ماڻهو اڳ ۾ جا واقف نہ هجن. ڪيس نہ سڃاڻندا هجن. منظور کي سڀڪو سڃاڻي، هو سڀني جو شاعر آهي. سڀني کي پيارو آهي. سڀني کي پسند آهي. تنهنڪري آءٌ وڌيڪ سندس تعارف نٿو ڪرايان.

باقي رهيو تنظيم 'چٽنگ سنگت' جو تعارف. ان لاءِ مختصر طور عرض تہ هيءَ تنظيم سنڌي ٻارڙن جي علمي، ادبي ۽ اخلاقي تنظيم آهي. هيءَ تنظيم سنڌي ٻارڙن جي ذهني جاڳرتا، بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. هن تنظيم وٽ ٽيهن نقطن تي مشتمل، هڪ وسيع پروگرام آهي. هي سڀئي سلسلا ان منشورَ جون ڪڙيون آهن.

منظور بہ شروعات ۾ ڪجهہ عرصو هن تنظيم سان لاڳاپيل رهيو آهي ۽ هن کي اهو احساس آهي تہ ٻاراڻين تنظيمن ۾ 'چٽنگ سنگت' ئي آهي. جيڪا سنڌي ٻارڙن جي نمائنده تنظيم آهي. ان ڪري چٽنگن کي مخاطب ٿي چيو اٿس.

"چٽنگ ڏڪائي،
لاتَ جلائي،
مارگ موڏي،
ماريو ماريو،
ٻاريو ٻاريو،
ٻارڻ ٻاريو."

ڏسجي ٿـ منظور جون ’چٽنگ سنگت‘ سان وابسطہ اميدون ڪيتري قدر پوريون ٿي سگهن ٿيون ۽ سڄي سنڌ ۾ ’چٽنگ‘ وارن جون منظور ۾ جيڪي اميدون آهن، اهي ڪيتري قدر ٿيون پوريون ٿين. اهو وقت ٻڌائيندو، جيڪو تيزيءَ سان، بي پرواهہ بڻجي گذري رهيو آهي. اچو تـ ان وقت جي گذرڻ واري احساس جاڳائڻ لاءِ ماڻهن ۾ محنت ڪريون-١

جيئي سنڌ - سنڌي ٻولي زنده آباد.

● لکيل: ٢٥ - جولاءِ - ١٩٨٠ع
مسلم ڪاليج هاسٽل، حيدرآباد
(رات جا ٽي وڳا)

[١- آگسٽ ١٩٨٠ع تي لاڙڪاڻي ۾ ’چٽنگ سنگت‘ شاخ لاڙڪاڻي طرفان منظور ظفر سان ملهايل شام ۾ ڪيل صدارتي تقرير]

# مان پڙاڏو سڏ جو

(اصغر سجاڳ سنڌي (رُڪ سنڌي) سان ملهايل شام جي موقعي تي جيل مان موڪليل مقالو)

ساٿيو

جيئي سنڌ!

آئون اڄوڪي 'شام غريبان' ملهائيندڙ ساٿين جي سٿ ۾ شامل ناهيان. تڏهن بہ مونکي خاطري آهي تہ ڪائي شڪتي آهي، جيڪا منهنجي روح کي ڇڪي اوهان جي محفل ۾ پهچائيندي. هن وقت جڏهن اوهان هي مضمون پڙهي ۽ ٻڌي رهيا هوندا، ان وقت منهنجو روح، اوهان جي محفل ۾ سرگرم هوندو.

ساٿيو! اسين سڀئي ازل کان اُجايل، هن ڌرتيءَ جي سک ۽ امن، آزادي ۽ خوشحاليءَ جا ڳولائو ۽ متلاشي آهيون. اسان پنهنجي ڳالهہ ۽ سوچ جو محور ان ڳالهہ تي رکيو آهي تہ اسان اهڙو عمل ڪريون جو اسان جي ڌرتي رقص ڪري ۽ آزاد فضائن ۾ جهمريون هڻي. مان سمجهان ٿو تہ اسان وٽ جيڪو ماحول آهي. اسان جا جيڪي ويري آهن، انهن جي موجودگيءَ ۾ اِها وڏي ڳالهہ آهي. بازن جي گهيري مان ڳيري جي جند ڇڏائڻي آهي. ان لاءِ وڏيون قربانيون ڏيڻيون آهن. سُڪل ۽ نوڙ ڌرتيءَ کي رت جو ريج ڏيڻو آهي. اهو سلسلو ڪو اسان شروع نہ ڪيو آهي. جيتري اسان جي مقدس ڌرتيءَ جي وجود جي ڪهاڻي جهوني آهي، ايتري جهوني ڪهاڻي اسان جي انهن جوڌن ۽ سورمن جي آهي. جن وقت بوقت وڏيون وَڏيون قربانيون ڏئي، اسان جي قوم جو ڳاٽ مٿانهون ۽ بلند ڪيو آهي. شهيد مها راجا ڏاهر کان ويندي، شهيد عبدالرزاق سومري تائين اسان جي عظمت ۽ عزت جي محافظن، جيڪي قربانيون ڏنيون آهن. اهي ڪنهن کان ڳجهيون ناهن.



اصغر سجاڳ رُک سنڌي

ڪامريڊ لينن هڪ هنڌ لکيو آهي تہ: ”جاميٽريءَ جا اوزار، جيڪڏهن ماڻهن جي مفادن سان ٽڪر ڪائين ها تہ ماڻهو انهن جون شڪليون ئي بدلائي ڇڏين ها-!“

ائين ساڳي طرح ۽ ساڳي نموني جيڪڏهن ڪائي طاقت، ڪائي حڪومت، اسان جي ڌرتيءَ تي ڏاڍ ۽ ستم ڪيا آهن تہ اسان انهن جا بَکيا اُديڙي ڇڏيا آهن. تاريخ ۾ سنڌ جي سرزمين تي آيل ارغونن جي انهن گهوڙن جو ذڪر آهي، جن اسان جي ماتر ڀوميءَ جي سيني کي پنهنجن سُنبن سان چِليو هئو. اهي ارغون ڪٿي آهن؟ مغلن جا اهي ڪُتا سپاهي ڪٿي آهن، جن اسان جي جوڌن جي چَمَ کي پنهنجن چڪن سان پَٽيو هو؟ عربن جا اهي ناخلف سپهہ سالار ۽ سپاهي ڪٿي آهن، جن اسان جي ڌرتيءَ کي لُٽيو ۽ ڦُريو هئو؟ ڪٿي آهن اُهي فاشي انگريز؟ جن کي پنهنجي طاقت تي غُرور ۽ تڪبر هئو!!

اسان سڀئي انهن سورمن جا پيروڪار ۽ انهن جي واٽ تي هلندڙ ۽ ان کي سَجائيندڙ آهيون. اسان بہ قربانيون ڏئي رهيا آهيون. پنهنجي ليکي وڙهي رهيا آهيون ۽ اهوئي جذبو آهي جو اڄ اوهان هتي گڏ ٿيل هن مجموعي ۾ شريڪ ٿيا آهيو.

هن شام جو اهتمام ڀهريان اسان جي ٻارڙن جي هڪ ادبي تنظيم سنڌي ٻارڙا سنگت‘ طرفان ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو هئو ۽ اهو پروگرام منهنجي تجويز تي رٿيو ويو هو. هن وقت خبر ناهي تہ اها شام ڪيئن ٿي رهي آهي. ٻر اَخبار ۾ شام جي ٿيڻ واري خبر پڙهي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مونکي اسان جي قومي شاعرَ سائين لطيف جي سر مارئيءَ جي هيءَ سٽ ياد اچي وئي:

’جي ڪَرَ لڏائون تہ بنديءَ بند نہ ساريو‘ (شاه)

اوهان جي هن جذبي، هن خلوص ۽ هن سچائيءَ جي خبر پڙهي، سچ پچ تہ مون محسوس ڪيو تہ آئون جيل ۾ ناهيان. مون سوچيو هو تہ ان شام ۾ شريڪ ٿي، پنهنجي پياري ۽ سباجهڙي ساٿي اصغر آزا منگيءَ سان پنهنجي

محبت جو اظهار ڪرڻ خاطر ٻه اکر ڳالهائيندس ۽ انهيءَ ئي ارادي ۽ جذبي ڪري هيءُ مضمون هتي هن لاڪپ واري ڪوٺڙيءَ ۾ لکي رهيو آهيان ته ڪوئي دوست ان محفل ۾، منهنجي محبت واري اظهار کي اوهان تائين پهچائي. مان سمجهان ٿو ته محبت جو پهريون درجو، انسان جي اندر ڪنهن به فرد جي جسماني دلڪشيءَ جي ڪري جاڳندو آهي. اهو جذبو محبوب جي ڪهڙي به رعنائي ۽ جلوي جي ڪري جاڳي پوندو آهي، ۽ پوءِ ان محبت جو دائرو وڌندو رهندو آهي. جيڪو فرد کانپوءِ پنهنجي گهر، پنهنجي ماحول، پنهنجي وطن ۽ پنهنجي قوم ڏانهن وڌندو رهندو آهي.

آئون اڄ جنهن ماڻهوءَ سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندس، اهو نوجوان اصغر آزاد منگي آهي. جيڪو اوهان جي اڄوڪي محفل جو مور آهي. جنهن تي پين دوستن به ڳالهايو هوندو. آئون ڪيس ١٩٧٧ع جي آخر کان سڃاڻان ۽ منهنجي ساڻس پهرين ملاقات سندس ڳوٺ ڪنڍياري ۾ ٿي. جتي آئون 'چٽنگ سنگت' جي شاخ کولڻ لاءِ ويو هوس. جنهن گڏجاڻيءَ ۾ آئون تقرير ڪري رهيو هئس، اُن گڏجاڻيءَ ۾ منگي به ويٺل هو. ان وقت سنگت جي جيڪا چونڊ ٿي، ان ۾ مون هُن لاءِ خاص دلچسپي ورتي هئي. ڇاڪاڻ ته هُن جڏهن پنهنجا رايا سنگت بابت ڏنا هئا ته مون ان ۾ ڪجهه داڻا ڏٺا هئا ۽ سمجهيو هئم ته هو منهنجي هن سفر ۾ مون سان ڪافي وقت هلي سگهندو. اصغر پهريان 'چٽنگ سنگت' شاخ ڪنڍياري جو آرگنائيزر، پوءِ تعلقي ڪنڍياري جو آرگنائيزر ۽ آخر ۾ نوابشاهه ضلعي جو آرگنائيزر رهيو.

هيءَ ١٩٨١ع جي ڳجاڻي آهي. ١٩٧٧ع جي ڳجاڻيءَ ۾ هو مون سان مليو هو. تقريباً چئن سالن جو سفر آهي جو اسان گڏ گذاريو آهي. ان عرصي دوران ڪڏهن به وڙهيا ڪونه آهيون. رڳو رُنا آهيون. اوجهڙ ۾ وڃي ڪنهن عرصي لاءِ هڪ ٻئي کان وڇڙيا آهيون ۽ ان وڇوڙي واري عرصي ۾ اسان ٻنهي جو عمل هڪٻئي جي ويجهو اچڻ وارو رهيو آهي نه هڪٻئي کان پري وڃڻ جو، ۽ جڏهن به جدائيءَ کانپوءِ مليا آهيون ۽ جڏهن اڪيون اکين سان مليون آهن ته اسان مان ڪنهن به شرمندگي محسوس نه ڪئي آهي ۽ اسان وري هڪٻئي ۾ ائين سمائجي ويا آهيون، جيئن برساتي بوندون درياهه مٿان وسڻ

ڪانپوءِ درياهہ ۾ سمائجي ويندي يون آهن.

منهنجي اصغر سان واقفيت جو ڪارڻ 'چٽنگ سنگت' هئي. 'چٽنگ سنگت' پنهنجي تاريخ ۾ جيڪي ٻارڙا تيار ڪيا ۽ ميدان تي آندا، اهي موجوده وقت ۾ سنڌ جي شاندار آئيندي لاءِ محنت ۽ جدوجهد ڪري رهيا آهن. اصغر بہ انهن سان شامل آهي. مان خاطريءَ سان چوان ٿو تہ 'چٽنگ سنگت' جي جن ڪارڪنن تي سنڌ جي تاريخ فخر ڪندي، انهن ۾ هي سادڙو ۽ سپاجهڙو، ڏاڍو محنتي ۽ پيارو، مانيٽو ۽ چنچل، گهٽ ڳالهائيندڙ ۽ شرارتي اصغر بہ شامل هوندو.

'چٽنگ سنگت' لاءِ ڪم ڪندي، سڄي سنڌ ۾ جن بہ ٻارڙن سان واسطو پيو. انهن مان ڪي ٻار اهڙا بہ هئا، جيڪي وقتي طور آيا ۽ پوءِ درياهہ جي وهڪري جيان وهي هليا ويا. ۽ ڪي ٻارڙا اڄ بہ جوان بڻجي پنهنجي وطن سنڌ جي سينڌ ۾ سنڌور پرڻ لاءِ محنت ڪري رهيا آهن.

'آزاد' کي ننڍپڻ کان وٺي ڪتابن پڙهڻ ۽ سمجهڻ سان دلچسپي رهي آهي. هو پنهنجي وطن، پنهنجي قوم، پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي ادب سان ننڍپڻ کان محبت ۽ پيار ڪندڙ آهي. سندس دلچسپيءَ جو خاص موضوع پنهنجي وطن جي تاريخ آهي. اڄڪلهہ تہ هو تاريخ پڙهڻ سان گڏ، پنهنجي تاريخ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪِرت سان لڳو پيو آهي ۽ اها وقت جي ضرورت آهي تہ سنڌ جي تاريخ جي ڇنڊڇاڻ ڪري ان کي صاف ۽ سترو ڪري لکيو ۽ ڇپايو وڃي. اسان جي تاريخ سان جيڪا ويڌن ڪئي وئي آهي، جيڪو ناحق ڪيو ويو آهي. ضرورت آهي تہ ان جو ازالو ڪجي. جيستائين اسان جو نوجوان، پنهنجي وطن جي صحيح ۽ سچي تاريخ کان واقف نہ ڪيو ويندو، ايستائين اسان جي ذرتيءَ تي ڏاڍ ۽ ستم ٿيندو رهندو. جن بہ قومن ترقيءَ جا معراج ماڻيا آهن، انهن اول پنهنجي ماضيءَ جي تاريخ کي ڏٺو آهي ۽ هنن ان تاريخ کي آڏو رکي ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجا قدم وڌايا آهن.

اسان جي سنڌ جي اڪثر نوجوانن کي تاريخ جي ڄاڻ ڪانهي. تاريخي ڄاڻِ تہ پري رهي پر تاريخ سان ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي نہ آهي. اُن جو ڪارڻ اهو آهي تہ اسان جي اصل، صحيح ۽ سچي تاريخ اسان کان لڪائي

وئي آهي. نہ معلوم ڪھڙي تاريخ پڙھائي وئي آهي. ۽ اھا فطري ڳالھہ آهي تہ سچ کي لڪائي ان جي جاءِ تي ڪوڙ کي آندو ويندو تہ ان سان ڪا دلي محبت نہ رھندي. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ اھا ڪشش ۽ سونھن نہ ھوندي آهي. جيڪا شيءِ سونھن ۽ ڪشش کان خالي آهي. ان سان محبت تہ پري پر دلچسپي بہ نہ رھندي آهي. اسان جي نوجوانن. تاريخ پڙھڻ کان ان ڪري لھرايو آهي جو اسان جي تاريخ لکندڙن، اسان جي سورمن کي خدا جو ڏڪاريل، ڪافر ۽ ملحد ڪري لکيو آهي ۽ ڌارئي ھلاڪوءَ کي فاتح ۽ خدا جو موڪليل ڪري لکيو آهي. اھوئي ڪارڻ آهي جو تاريخ ۾ اھا دلچسپي نہ آهي ۽ نوجوانن ان کان لھرايو آهي. اھا تاريخ جنھن ۾ ڌارئي يلغاريءَ کي سورھيہ، سرويچ ۽ جوڌو لکيو ويو ھجي ۽ وطن لاءِ وڙھندڙ کي غدار ۽ ملڪ دشمن تہ پوءِ ان تاريخ سان ڪنھن کي محبت ٿي سگھي ٿي؟

تاريخ جو موضوع، پنھنجي جاءِ تي خشڪ ضرور آهي پر ان مان جيڪو لاڀ حاصل ٿيندو، ان جو اندازو اسان ترقيءَ ڏانھن وڌندڙ قومن مان لڳائي سگھون ٿا.

اسان جي وطن جي تاريخ کي سُڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ گھڻن مورخن محنت ڪئي آهي. پر اھا بہ نہ جھڙي. ان موضوع تي وڏي کوجنا ۽ وڏي جستجوءَ جي ضرورت آهي. خوشيءَ جھڙي ڳالھہ آهي تہ نوجوان اصغر آزاد منگي، ان ڏکئي ڪم کي پنھنجي ھٿ ۾ کنيو آهي ۽ جنھن شوق ۽ ذوقَ سان ھن ان ڪم کي ھٿ ۾ کنيو آهي. اھو اميد افزا آهي. اِڪتي ھلي ڏسجي تہ ھو پاتال ۾ پيھي ڪھڙا ٿو ماڻڪ ميڙي اچي.

اصغر جيان جيڪڏھن سنڌ جا سڀئي نوجوان، ان وڏي ڪم کي ھٿ ۾ کڻن تہ ھوندَ اسان جون سڀئي مشڪلاتون دور ۽ ختم ٿي وڃن. ھيءُ وقت آهي تہ سنڌ جا نوجوان ان ذميواريءَ کي قبولين. اھو وقت جو چئلينج آهي جنھن کي قبولڻو آهي ۽ ڪامياب وڃڻو آهي.

سنڌ جي نوجوانن کي ڄاڻڻ گھرجي تہ سنڌ جي تاريخ جو ھيءُ دور اونداھو دور آهي. ترخانن جي دور کان وڌيڪ بدتر ۽ وڌيڪ خراب. جڏھن شاھہ بيگ ارغون، ھن مظلوم ڌرتيءَ تي غضب ڪرڻ لاءِ، ناحق ۽ ستم ڪيا

هئا. جنهن دور کي ان وقت جي هڪ شاعر 'خرابئہ سنڌ' سڏيو آهي ۽ 'ترخان نامي' جي مصنف اُن دؤر بابت لکيو آهي: "سنڌ جا ماڻهو مرزا باقيءَ جي دؤر ۾ هڪڙي رات بہ سک سان نہ سُتا." اِها آهي ترخانن جي دؤر جي ٻن اکرن ۾ ساراهہ ۽ اسان جي ملڪ جي ان وقت جي حالتن جي تصوير. سنڌي ماڻهن جي ان سک سان هڪ رات بہ نہ سمهڻ واري دور ۾ اسان جا ماڻهو هڪ طرف ڪُنا ۽ قتل ٿيا تہ ٻئي طرف بغاوتَ لاءِ منظم نموني متحد ٿيندا رهيا. ان دور لاءِ لکيل آهي: "ڪو ڏينهن خالي نہ هو جڏهن قتل نہ ٿيندو هو. اهو روز جو معمول ۽ مشغلو هو. ڪنهن جو نڪ، ڪنهن جو ڪنڌ، ڪنهن جو هٿ، ڪنهن جي ٻانهن هر روز ڪپي ويندي هئي. هاٿيءَ جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارائي ڇڏڻ بہ سندن دل گهريو شغل هو. جڏهن مرزا شاه رُخ مئو، ان وقت قلعي ۾ رهندڙ سڀني عورتن جا ٽڻ ڪپائي، سندن سُٿڻن ۾ جيئريون ٻليون وجهارايائين....!"

اِها آهي انهن حالتن جي عڪاسي، جيڪا اسان جي قوم سان ويڌن ٿي. اسان سان اهڙيون حالتون سدائين رهيون آهن. اسان سان اهڙا ڪيسَ سدائين ٿيا آهن. ضرورت آهي منظم ٿيڻ جي ۽ اهڙين حالتن کان جند ڇڏائڻ جي. ۽ انهن حالتن کان اسان ڪڏهن آجا ٿي سگهنداسين، جڏهن اسان جو نوجوان پنهنجي تاريخ سان محبت ڪندو، ان سان دلچسپي رکندو، ان کي پڙهندو ۽ لکندو.

اصغر ۾ اميد اٿم تہ هو محنت ۽ مشقت ڪري، سنڌ جي تاريخ جي ڇنڊڇاڻ ڪري، اُها اسان جي آڏو پيش ڪندو ۽ اهي پيچرا ڏسندو، جيڪي اسان جي قومي ترقيءَ ڏانهن ويندڙ آهن. اها ڳالهہ ڪري مان اوهان کي هڪ ساٿيءَ جي حيثيت سان عرض ٿو ڪريان تہ پنهنجي تاريخ جي سائنسي نقطہ نگاهہ سان پرک ڪريو. ان کي ان نموني سان لکو ۽ پڙهو.

اصغر جي سڀني خوبين مان اها خوبي ساراهہ جوڳي آهي تہ هو محنت ڪش نوجوان آهي ۽ واقعي اِها ڳالهہ تعجب ۾ وجهندڙ آهي تہ اسان جي نوجوانن ۾ جيڪا غفلت ۽ ڪاهليءَ جي لهر آيل آهي، ان کان هيءُ بچيل آهي.

سندس ٻيو وڏيڪ تعارف تہ ٻين يارن ڪرايو هوندو ۽ اوهان کيس ڏٺو

هوندو. مون به به اکر لکي پاڻ کي سندس پيار ڪندڙن جي قطار ۾ بيهارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مون اوهان کي شروع ۾ ٻڌايو آهي ته انساني دل ۾ محبت جو ڀهريون جذبو فرد جي جسماني رعنائي ۽ دلڪشيءَ جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. اصغر لاءِ منهنجي دل ۾ اهڙو جذبو نه پيدا ٿيو ۽ نه ٿي سگهندو. آئون جڏهن چٽنگ سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ صدارت جي ڪرسيءَ تي ويٺو هوندو هئس ۽ اصغر هڪڙي شاخ جي آرگنائيزر جي حيثيت ۾ اتي موجود هوندو هئو ته مون ڏانهن نهاري هو مونکي اک هڻي وٺندو هو. هينئر سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهڻ ڪري، ٻئي ڪنهن کي اک شايد نه هڻي هجائين پر هو سامهون وارين ڪرسين تي ويٺل ماڻهن کي اک هڻي تنگ ضرور ڪندو هو. جنهن ڳالهه جو مان اکين ڏٺو شاهد آهيان. هو اوهان کي ماٺيٺو نظر ايندو پر مون سان سدائين شرارتي ۽ چنچل رهيو آهي ۽ آئون هن سان. مونکي تعجب وٺندو آهي ته ايترو شرارتي ۽ چنچل هئڻ ڪانپوءِ به هو پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ ايترو سنجيدو ڇو آهي ۽ ايڏي سخت ۽ خشڪ موضوع تاريخ سان دلچسپي ڪيئن اٿس-؟

ساٿيو! آئون اوهان جو ٿورائتو آهيان جو اوهان منهنجي غير موجودگيءَ ۾ منهنجي ڳالهين کي ٻڌو آهي. اڄ ٢۴- ڊسمبر جي ڏينهن، جنهن وقت اوهان هن 'شام غريبان' کي ملهائڻ لاءِ تياريون ڪيون هونديون، ان وقت آئون، پنهنجو چوڏنهن ڏينهن جو ريمانڊ پورو ڪري، سمري ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ٿيو هوندس ۽ تقريباً سزا وٺي جيل پهچي چڪو هوندس. جتي جيل ۾ اڳئي گهڻا ساٿي سلهاڙيا ويا آهن. منهنجي هٿ ۾ ان وقت هٿڪڙيون هونديون، جنهن وقت اوهان هتي هن ميز ۾ ويٺا هوندا.

مونکي پڪ آهي ته جيڪا اندر ۾ ولوڙ اوهان جي دلين ۾ هوندي، اها منهنجي به دل ۾ هوندي. اوهان هن پروگرام کي ڪامياب بنائي مونکي خوش ڪيو آهي. اوهان کي يقين ڪرڻ گهرجي ته آءٌ جنهن حال ۾ ۽ جتي به هوندس اوهان سان گڏ هوندس. اوهان جي ڪري ئي منهنجي زندگي آهي ۽ مان سلامت آهيان ۽ ايستائين سلامت رهندس جيستائين اوهان جي اعتماد تي پورو لهندو ايندس. آءٌ اوهان سان گڏ آهيان، درياهه جي هن ڪنڌيءَ

ڪان يا هُن ڪنڌيءَ ڪان اوهان جڏهن به پڪاريو. آءٌ اوهان سان گڏ هوندس ۽ آءٌ اوهان جي سڏ جو پڙاڏو هوندس.

مهرباني - جيئي سنڌ.

● سٽي لاڪپ، حيدرآباد سنڌ

٢٠- ڊسمبر ١٩٨١ع.



عزیز چند

# عزيز- اُنساهہ ڏيارينڌڙ ڪهاڻيڪار

(عزيز چنڊ سان ٿندوقيصر ۾ ملهايل شام جي موقعي تي پڙهيل)

دوستو!

اڄوڪو منڊل، عزيز لاءِ، هڪڙي ڪهاڻيڪار جي حيثيت ۾ مڃايو ويو آهي. جيئن اُن جي ڪهاڻين تي روشني وجهي سگهجي ۽ مقالي نگار، ان کي ڪهاڻيڪار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، ان ۾ ڪاميابي حاصل ڪن.

محفل مڃائڻ وارن تقريب جو وقت شايد عزيز سان مشورو ڪري رکيو آهي. جو اُن کي ڊپ هو تہ رات جو محفل ٿيڻ ڪري، هن مٿان روشني وجهڻ وارن مان ڪنهن تارچ کان ڪم ورتو ۽ اها تارچ اُن ڏانهن ڪئي تہ هيءُ تلهن شيشن سان عينڪ پائڻ وارو همراهہ. مُنهن لڪائڻ ۾ ائين مصروف ٿي ويندو ۽ اهڙا اندازَ اختيار ڪندو ۽ هَٿَ هلائيندو جهڙا قوالَ، آواز بند ٿي ويءَ تي ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهن.

منهنجو خيال آهي تہ عزيز چنڊ تي پاڻ سمورا ڳالهائڻ وارا. اُن کي ڪهاڻيڪار ثابت ڪرڻ ۾ ناڪام ويندا سون- ڇو تہ هو ازخود ڪهاڻيڪار بنجي پيو آهي. نياڳو نانگ نڪري ويو. هاڻي پاڻ کي فقط ليڪو ڪُٽڻو پوندو. هاڻي پاڻ ويهي جو هتي مقالون ڪريون تہ هو ڪهاڻيڪار آهي، سا ڳالهہ منهنجي سمجهہ کان مٿي آهي.

اهڙا انومانَ ۽ انديشا، ٻنَ صورتن ۾ ٿيندا آهن- پهريون جڏهن عورت پيٽ پَرئي سان گذرندي آهي تہ وڏڙيون ان جي وک مان اندازو لڳائينديون آهن تہ فلاڻي پٽ ڄڻيندي يا ڌيءُ - ٻيا فڪر وري تڏهن ٿيندا آهن. جڏهن ڪٿي عجيب مخلوق جنم وٺندي آهي. مثال طور ٻن ٽنگن جي عيوض ان کي چار ٽنگون هجن، يا اهڙي ڪا تبديلي هجي. پوءِ ويهي ان تي تحقيق

ڪبي.آهي تہ اها ڪهڙي مخلوق آهي؟ پر ماشاالله اهڙي ڪابہ ڳالهہ ڪانهي. اسان جو عزيزّ سالم آهي، اُنون يا نائون عجوبو ڪونهي.

ڪي ڪي دايون بہ وڏيون ظالم ٿينديون آهن. اهي ڄاڻيو وٺن تہ فلاڻو ڇا ٿيندو؟ ڇو تہ دائيءَ ڪان دُن هونئن بہ ڳجهو نہ هوندو آهي. پياري تاج جويي، ”قصو منهنجي ماستر بنجڻ جو“ جي سِري سان لکيل مضمون ۾ ڄاڻايو آهي:

”منهنجي تاجن کي ماستر ڪجو. هن کي نہ ڪوڏر هٿائجو. نہ هاري بڻائجو!“ مٺيان اڪر منهنجي دائيءَ، مائيءَ جا آهن جنهن مونکي ڄڻايو هو ...“

۽ ان دائيءَ جو اهو معجزو ايڏو مشهور آهي جو اسان جو تاج جويو واقعي ماستر بڻجي ويو. عزيز چند جي ڪهاڻيڪار بنجڻ بابت بہ مون تائين هڪڙو معجزو پهتو آهي تہ هو ڄائو، ڪدڙن فقيرن کي خبر پئي تہ فلاڻي گهر ۾پٽ ڄائو آهي تہ لاڳ وٺڻ لاءِ تاڙيون وڄائيندا وڃي پهتا. عزيز کي ڏسي ڪدڙن تاڙيون وڄائي انڪشاف ڪيو تہ ٻچي شالَ ڪهاڻيڪار ٿيندو ۽ عزيز واقعي ڪهاڻيڪار بنجي پيو ۽ فقيرن جو اهو معجزو بہ مشهور آهي. ۽ ان ڳالهہ ۾ اسان سمورين قومن ۾ ڀاڱيرا آهيون جو اسان جون دايون مايون ۽ ڪدڙا فقير ئي معجزا ڪرڻ لاءِ رهجي ويا آهن. پيرن، سيدن جون ڪرامتون هاڻي ڪنهن ڪم جون نہ رهيون آهن.

عزيز چند سان منهنجي ملاقات ڪي ڪو گهڻو عرصو نہ ٿيو آهي. سال بہ ڪونہ ٿيو آهي. هو ”بہ شاعر بہ ڪهاڻيڪار“ ڪتاب ڇپائڻ جي سلسلي ۾رولڙن ۾ هو. آسي زمينيءَ سان گڏ دڪان تي آيو. آسيءَ سان بہ اچا ايڏي گهرائپ ڪونہ هئي ۽ منير بہ ان زماني ۾ واقف ٿيو هو. ٻنهي سان گڏ جو هيءُ رعب تاب وارو همراهہ ڏٺم تہ ادب ۽ احترام ۾. با ادب با ملاحظہ ٻيهي رهيس. ڳالهايان ئي نہ. سوچيان پيو تہ متان ڪو ڳتو اڪر نڪري وڃي ۽ هن بزرگ آڏو شرمندو ٿيڻو پوي. سو مان ماٺ. همراهہ پاڻ جو ڳالهائڻ شروع ڪيو تہ مون کي پنهنجي ڳوٺ واري پاسي جي هڪڙي چوٽي ياد اچي وئي تہ ”همراهہ ڪو پوڙهي شيديءَ جو ڏوتل آهي.“ پوءِ خبر پئي تہ مارِ! اهو ماستر بہ آهي تہ ڪهاڻيڪار بہ! شڪل جو بہ ملوڪ تہ اندر جو بہ ملوڪ! جهڙي مند ۾ تهڙي ڀائلي- ڳالهائڻ جو بہ ڏاڍو دلبر ۽ ان دلبريءَ ۾

کو اهڙو مناس اٿس، جو نانگ ڪاڏي مونسان هڪ دفعي اهڙي جڻ ڪئي جو ڳالهہ ڪيائين: "سائين! ٽنڊي ڄامَ جي ناڪي واري اسٽاپ تي حيدروءَ واري عوامي هوٽل تي ڏاڍو مزو ٿو اچي. واهہ جي چانهہ ٿو پياري، ۽ ٻيون بہ اهڙيون ڳالهيون ۽ ڳالهين جو ايڏو جادوئي اثر جو انهن ئي ڳالهين ۾ هلندا هلياسين. بنا ٻڌائڻ يا پروگرام جي بس ۾ چڙهي پياسين ۽ اچي ٽنڊي ڄام نڪاءُ ڪيوسين. مزو ٿيو جو بس ۾ ويهي، ڪنڊيڪٽر جي ويجهو ايندي هن عينڪ لاهي رکي ۽ ٻہ روپيا ان جي ترِيءَ تي رکي، "ٻہ ٽنڊو ڄام" چئي، وري ڳالهين ۾ لڳي ويو. عينڪ جو ڪانہ هيس تہ ڏنم تہ هو بہ شاگرد پيو لڳي. اهو بہ ڪمال آهي ان جو تہ عينڪ پائي تہ ماستر يا پروفيسر لڳي، جي لاهي تہ جهڙو شاگرد!

ٽنڊي ڄام جي ناڪي واري اسٽاپ تي لهي پياسين ۽ وڃي هوٽل تي ويناسين. ان ڏينهن عوامي هوٽل تي ڪير ڪونہ هو، سو سامهون واري هوٽل تي وڃي ويهارياٺين ۽ اتي ئي ڏنم تہ ڇوڪرا نوٽبڪن سميت پيا ڳڌ ٿين ۽ مون ڏانهن پيا گهورين. عزيز ٻڌايو تہ اهي ڇوڪرا وٽس ٽيوشن پڙهندا آهن. پوءِ سمجهيم تہ انهن ويچارن جو ڏوهہ ڪونهي. مون ڏي ان ڪري پيا گهورين جو لڳن تہ ٽيوشن ونندڙن ۾ مان بہ شامل ٿيو آهيان! چانهہ پي بس ڪئيسون تہ همراهہ ٿو پڇي: "هاڻي ڇا پروگرام اٿوَ-؟ ٻارن جي ٽيوشن جو ٽائم ٿيو آهي." مان ڇرڪ ڀري جڻ ڪنهن اوتار مان نڪتس ۽ ڊوڙ پائي حيدرآباد ويندڙ بس ۾ چڙهي واپس اچي حيدرآباد پهتس.

عزيز چنڊ، هڪڙو سٺو ڪهاڻيڪار آهي. موجوده ڪهاڻيءَ جي بحران واري زماني جو هو هڪڙو اهڙو نالو آهي، جو اتساهہ ڏياري ٿو. هن جون ڪهاڻيون سنڌي ڪهاڻين ۾ سٺو واڌارو آهن. مون کي اها خبر ڪانهي تہ هن ڪيترو لکيو آهي. گهٽو تہ ان کي ڪونہ پڙهيو اٿم پر سنڌس جيڪي ڪهاڻيون منهنجي نظر مان گذريون آهن، انهن کي پڙهي خوشي ٿي اٿم. هن جي ٻولي ڏاڍي مناسَ ڀري، ڪهاڻيون ڀرپور تاثر ڇڏيندڙ، جاندار پلاٽ، بهتر ڪردار، پلاٽ سان نڀاءُ ڏاڍو ڀلوڙ. هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي پٽو، هر ڪهاڻيءَ ۾ ڪا نہ ڪا چڱي ڳالهہ ڪيل. هن جا موضوع، عام روايتي بہ

آهن تہ انهن کان هٿيل بہ - ڪهاڻي لکڻ جي ڏات بہ اٿس تہ ڏانءُ بہ - سندس ڪهاڻيون پڙهي، لڳندو تہ ڪيتريون ڪهاڻيون هن جون پاڻ تي، پنهنجي يارن تي، پنهنجي سماج تي ۽ پنهنجي حلقي تي لکيل آهن. ۽ جي انهن کي ٿو ويهي پڙهجي تہ اهي سمورا ڪردار اسان کي پنهنجا ٿا لڳن.

سُندري اتم چنداڻيءَ جا ڪي ويچار ٿا ياد پون، هوءَ لکي ٿي:

” ڪيترن ماڻهن کي ائين چوندي ٻُڌو اٿم تہ رچنا ڪرڻ آهي سور ڪائي بار جڻڻ سَمان، مگر مون کي تہ رچنا ڪرڻ مهل پرڪرتيءَ سان لبن ٿي وڃڻ جو آنند محسوس ٿيندو آهي. پنهنجي چوگرد لوڪن جا دک سک، لڳ لاڳاپا، ويرساڙ، همدرديون ۽ حسد. هزارين احساس ڪنيو، منهنجو تصور هڪ اهڙي دنيا رچڻ چاهيندو آهي، جا هجي سچائي، سونهن ۽ سنائيءَ جو سنگم. ڪڏهن دک جا نظارا چٽيندي اکين مان لُڙڪ لڙي پوندا آهن تہ بہ ائين پيو لڳندو آهي، جڻ مان دک جي ندي پار ڪندي، سک جي سرسبز کيت ڏانهن پئي وڃان.

ڪابہ ڪهاڻي، ناٽڪ، ناول يا ڪوتا لکندي ائين لڳندو اٿم تہ چوڌاري ڏٺل ڪردارن ۽ واقعن جو بس ويٺي نقل ڪريان. رچنا جي لاءِ نوس حقيقتن جي ڍانچي مٿان پنهنجي ڪلپنا، ڪلا، سوجهہ بوجهہ ۽ سوچ ويچار جو ماس چاڙهڻ بلڪل ضروري آهي. رچنا، ڪورين حقيقتن جي رڳي فوٽو گرافي ڪرڻ ناهي. ائين تہ حقيقتن جا ڍير اسان جي چوگرد خوب پکڙيا پيا آهن. جهڙا سنڌباد لاءِ هيرن جي ماٿريءَ ۾ هيرا. ليڪن هرڪو هيرو گهڙجڻ ۽ پرکجڻ کان پوءِ ئي ڪنهن نو ورنيءَ جي سينگار جو زيور بڻجي سگهي ٿو.

جڏهن روزاني جيوت جي حقيقتن جي اکٽ ڀنڊار مان رچنا ڪار ڪجهہ کڻي، ان تي ڪلا ۽ ڪلپنا جو پوش چاڙهي ٿو ڇڏي، تڏهن واچيندڙ عجب ٿو کائي، اڙي هيءَ تہ حقيقت مون بہ ڏٺي هئي ......... مگر رچنا جو روپ پوءِ اهڙو آهي جهڙو پَٽ ڪينئين جي وات مان نڪتل ريشم جي تند. جا وستر جو روپ ڌاري، ڪنهن جوانڙيءَ جي جسم مٿان سهڻي پوشاڪ بڻجي ڀڪي پئي.

ڪن جو چوڻ آهي تہ رچنا هميشہ ساهتڪار جي ڀوڳيل ڏک يا ماڻيل

سُک جـو عـکـس هوندي آهي. مـان ائين نـہ ٿي مـڃـان. اهو ضروري نـاهي تـہ ليکڪ هر رچنا پنهنجي ئي ڏک سک تي لکندو آهي. ڪڏهن ڪنهن جي هڪ گفتي تي بہ منَ ۾ ڪهاڻي جُڙي ويندي آهي. مثلاً منهنجي ڪهاڻي "ڪارو گهوٽ". جا ساهتيہ اڪيڊميءَ ڪان انعام حاصل ڪيل "وڇوڙو" ڪهاڻي سنگرهہ جي بهترين ڪهاڻي آهي. ان جي فـقط هڪ سٽ ڪنهن هنـيليءَ ڇوڪريءَ بابت ٻُڌل هئم. تہ پاڻ کي چيو هئائين. "پائو! تون تہ منهنجي لاءِ اهڙو ڇوڪرو ڳولهي آيو آهين جو ٻئي پارڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي!"

بس اها هئي منهنجي ڪهاڻيءَ روپي وڻي سـبڻ جي ريلري، جنهن تـي تمسور جو ايترو سڄو ويڙهجيُ ويو جو هڪ مذاقي ڪهاڻي ٺهي راس ٿي."

عـزيز جي ڪهـاڻين تي ڳـالهـائڻ لاءِ مـون سـندري اتم چنداڻيءَ جي ان تحـرير کي حـوالي طور ڪـم آندو آهي، جنهن ۾ ڪهـاڻيـڪـار سُندريءَ اهو ٻڌائڻ گهريو آهي تـہ ڪهاڻي ڪهڙي ماحول ۾ سِرجي ٿي؟ پهرين ڳالهہ تہ اهي سماج سـان واڳيل هونديون آهن. سـماجي حالتن جي عڪـاسي ڪنديون آهن ۽ اردگرد جي مـاحول ڪـري، ماڻهو انهن کي پڙهي ائين محسـوس ڪري تہ اهي ڪهـاڻيون سڀ منهنجي آڏو گذريون آهن. ڪڏهـن ڪڏهن ليکڪ پاڻ ڪردار ٿـو بڻجي. ان مثـان جيـڪي وهي واپري ٿـو. ان تي لـکي ٿـو. ڪڏهن پنهنجي سـامهون ٿيندڙ واقعا ٿو تحرير ڪري ۽ ڪڏهن ڪو هڪڙو جملو بہ ڪهاڻي ٺاهي ٿو وجهي.

عـزيز جون مـون جيـڪي ڪهـاڻيون پڙهيون آهن، اهي سـموريون اهو محسوس ٿيون ڪرائين ۽ پڙهندڙن کي اهو چوڻ تي مجبور ٿيون ڪن، تہ اُهي ڪهـاڻيون ۽ اُهي ڪردار تـہ منهنجي اکين اڳـيان مـوجود هـئا يا آهن - ۽ اهو سڀ ڪجهہ منهنجي آڏو ٿي رهيو آهي. عـام پڙهندڙ انهن ڪهاڻين ۾ دلچسپي ٿو وٺي، ڇو تہ اهي ڪهاڻيون نہ رڳو انهن حقيقتن کي بيان ٿـيون ڪن پر سماجَ مٿان جيڪي غلاف يا نقاب چڙهيل آهن، اهي بہ لاهي ڦٽو ٿيون ڪن - ۽ اها هڪـڙي سـٺي ڪهـاڻيـڪـار هُئڻ جي نشـاني آهي تـہ اهو پڙهندڙن کي پنهنجي مرضيءَ مطابق وٺي هلي، ۽ جنهن بہ جهـان جو سير ڪرائڻ چاهي، اهو پنهنجي مرضيءَ تي ڪرائي، ان کي ان لئہ ۾ مگن ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪهاڻيءَ جو ڪردار وينو روئي تہ پڙهندڙ بہ وينو روئي، جي ڪردار وينو

ٿهڪ ڏئي تہ پڙهندڙ بہ تاڏن هڻڻ ۾ پورو هجي - ۽ جي ڪردار ڪٿي وينو سيٽيون وڄائي تہ پڙهندڙ بہ سيٽيون وڄائڻ ۾ پورو هجي.

عزيز جي ٻولي ڏاڍي سادي سودي ۽ رواني وارۍ آهي. هو پاڻ روزانہ ڪلين شيو ٿي، پنهنجي چنبڙ ڦوڪ ڪري پاڻ کي تاهڻ پسند ڪندو، پر اکر جيئن سادا سودا هوندا. ائين لکي ويندو. انهن تي انگريزي يا ڪا ٻي پالش ڪونہ ڪندو. عام مروج ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ اکر استعمال ڪندو. هروڀرو ڏاريا اکر نہ ٽنبيندو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪامائن، فل اسٽاپ ۽ پنڪچوئيشن سان هن جي ڀوي ئي ڪانہ! هڪ ئي ڳيت ۾ڳالهہ ڪري ويندو. ساڳيءَ طرح ڪهاڻين ۾ بہ ائين ئي نظر ايندو. حالانڪ پاڻ ماستر سڳورو آهي. ان تي نہ رڳو ڪهاڻيڪار هئڻ ڪري، پر ماستر سڳوري هئڻ ڪري اجا بہ وڌيڪ ذميواري ٿي عائد ٿئي تہ هو ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان ڏئي.

"بہ شاعر بہ ڪهاڻيڪار" ڪتاب ۾ عزيز جون جيڪي ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ "جديد آدم" جي سِري سان لکيل شاهڪار ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ڪهاڻيءَ سان هن سُٺو نباهہ ڪيو آهي. اها ڪهاڻي اسان جي سماج جي عڪاسي ٿي ڪري. موجودہ حالتن ۾، اسان جي ماحول ۾، اسان جي جينيئس سان ڪيڏيون ويڌنون ۽ عذاب آهن، ان جي ڀرپور عڪاسي ڪيل آهي. ٻي طرف اها ڳالهہ بہ ڏاڍي بهتر انداز ۾ ڪيل آهي تہ اهڙا ماڻهو پلي چرين جي اسپتالن ۾ بند هجن. ٻاهر هوندا تہ مارجي ويندا. ٻي طرف اسان جي سنڌي سماج ۾ جيڪي ڦهر پيا ٿين، انهن جي عڪاسي بہ ڏاڍي وزنائتي نموني ڪيل آهي. جنهن ۾ هڪ ڪردار منير، ٻئي ڪردار عزيز کي ٿو چوي:

"هي همراهہ ڏک توڙي سک ۾ گهڻو ڪري هڪ ٻئي سان تعاون ڪندا رهندا آهن. ڪنهن جي پوڙهي ڪڪ ماءُ مري ويندي آهي تہ سڀ دشمنيون وساري يڪدم مرحومہ جي تڏي تي پهچندا آهن، پر تو ڏٺو تہ مهر ۽ جتوئي پاڻ ۾ وڙهي پيا. تو اهو بہ ٻڌو هوندو تہ نظاماڻين ۽ مرين، هڪ ٻئي جا ڪونڌر ڪُهي ڇڏيا. اِمو ڪوسي ايڪيهہ ٻڪهين کي قطار ۾ بيهاري گولين جو ٻکُ بنائي ڇڏيو. چانڊين ۽ مگسين جي تہ اول ڪان ڪونہ لڳي- ۽ اهي سڀ

برادريون، "پراڻي آدم" کي پنهنجي برادريءَ جو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن."

۽ اها اسان جي تاريخ آهي. موجوده حالتن جي عڪاسي آهي. باقي ان ڪهاڻيءَ ۾ مون کي عزيز سان ان ڳالهه تي اتفاق ڪونهي، جنهن ۾ منير، عزيز کي ٿو چوي:

"عزيز! تون گواهه رهجانءِ ته هنن آفيسرن، ڪلارڪن، پٽيوالن، سياستدانن، ڊاڪٽرن، استادن، ميرن، پيرن، وڏيرن، دڪاندارن، اديبن ۽ شاعرن گڏجي، "نئين آدم" کي جمڻ کان اڳ ئي قتل ڪري ڇڏيو. انساني نسل جي اڻ لڀ ٿي وڃڻ جي ذميواري هنن تي هوندي."

هاڻي آءٌ اديبن ۽ شاعرن کي ٻين سان شامل ڪرڻ تي پنهنجو اعتراض نوٽ ٿو ڪرايان. اهي حالتون جيڪي ان ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيل آهن. اهي سڀ حقيقتون آهن ۽ انهن سمورين حالتن کي اسان اديب ۽ شاعر ئي محسوس ٿا ڪريون ۽ انهن حالتن تي پنهنجو احتجاج ٿا نوٽ ڪرايون. اسان جي دل ڪڙهي ٿي، رت ٿي روئي، تڏهن ٿا ڪجهه لکون. جيڪڏهن اهو طبقو به انساني نسل جي خاتمي ۾شريڪ آهي ته پوءِ عزيز جي طرفان،هيڏي پلوڙ ڪهاڻي لکڻ ۽ انهن حالتن تي رت روئڻ به اجائي ڳالهه ٿيندي. ڇو ته عزيز به اديب آهي. هن اها ڳالهه محسوس ڪئي، تڏهن لکي. ان مان ثابت آهي ته اهو سوچيندڙ طبقو آهي. ٻيا ان وَهه ۾ وهندا ٻيا وڃن. ليڪڪ ئي آهي جيڪو ان کي رڪارڊ ٿو ڪري ۽ رت جا ڳوڙها ٿو ڳاڙي.

ڪهاڻي "چاڪليٽ چاڪليٽ" به ڏاڍي مزيدار ڪهاڻي آهي. ان ۾ جهيڙاڪ عورتن جي جيڪا زبان هن ڪم آندي آهي ۽ جنهن طرح ڪهاڻيءَ سان نباهه ڪيو آهي، ان لاءِ هن کي داد ڏئي سگهجي ٿو. داد ته ان پاڙي ۾ رهڻ تي به ڪيس ڏئي سگهجي ٿو، جنهن پاڙي ۾ رهي هن اهڙا عمل ڪيا جو اهڙي ڪهاڻي سِرجي سگهي.

ان ڪهاڻيءَ ۾ فليٽ جو ذڪر آهي، پر ڪهاڻي پڙهي ۽ حالتن جي ڄاڻ حاصل ڪري يا خود ڪهاڻيڪار، سڄي ڪهاڻيءَ ۾ جيڪي حالتون بيان ڪيون آهن، انهن ۾ اهو ماحول فليٽن جي زندگي گذارڻ وارن سان گهٽ ٿو ملي. آءٌ سمجهان ٿو ته هن فليٽ جو لکيو آهي ان پويان فقط هڪڙو جذبو

ڪارفرما آهي. پر هرويرو ائين ڪرڻ بہ چڱو ناهي.

ٻئي طرف اها ڳالهہ بہ ڪهاڻيءَ جي ٽيڪنڪ سان نہ ٿي اٽڙي، جنهن ۾ هو لکي ٿو تہ موقعو وڃائڻ مرد جو شان ناهي (گهڻي ڀَرگهٽ منهنجو تہ اهو خيال آهي) ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جيڪي سوچين ٿا اهو بيان ڪرڻ تہ صحيح آهي پر پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ يا خيال ظاهر ڪرڻ بهتر ڪونہ ٿو لڳي. پوءِ ڀلي اها ڪهاڻي ماڻهو پنهنجي ئي ڇو نہ لکي- جيئن هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار هو پاڻ ٿو لڳي. ٻاڙي جو ڏسُ نہ ٿو ڏي، تنهنڪري ان ساڳ ۾ اهو ڪونہ چئبو تہ ڪهاڻي چڱي ناهي. ڪهاڻي ڏاڍي سٺي آهي ۽ اهڙي سٺي ڪهاڻي لکڻ بہ عزيز جي ڀاڳي ۾ آهي- اهڙيءَ طرح. جهڙيءَ طرح اهڙي ٻاڙي ۾ ان جو رهڻ.

"ٿي ڪندا بگهڙ ۽ هڪ لومڙي" ڪهاڻيءَ ۾ هن نہ رڳو حڪمرانن، ڪامورن ۽ اسان جي تعليمي نظام تباهہ ڪندڙ ڌرين کي ٻڇڙو ڪيو آهي پر هو جنهن طرح سان تعليم جو ٻيڙو ٻوڙي اسان کي جهل ڏانهن ڌڪي رهيا آهن، ان کي بہ چڱي نموني ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ انهن سمورين ڌرين کي اگهاڙو ڪري عوام آڏو آندو ويو آهي. جيڪي ان ڏوهہ جا ڏوهاري آهن. پوڙهن ۽ روڊ پرمٽ رد وزيرن ۽ ڪامورن جي پوڙهي ذهن جي بہ عڪاسي ٿيل آهي- ۽ عزيز ان ڪهاڻيءَ سان بہ وڏو نياهہ ڪيو آهي.

"رکوالو" ڪهاڻيءَ ۾ هن اسان جي ويجهڙائي واري تاريخ ۾ "قادر" جهڙن ڪردارن کي اگهاڙو ڪري، انهن جي عملن ۽ پرڪارن کي ظاهر ڪري، وقت ۽ تاريخ سان پنهنجي سچائيءَ جو اظهار ڪيو آهي. پيهي تي وينل "قادر" کي مٿي ويهڻ وقت چوطرف سڪار ئي سڪار جو نظر اچڻ ۽ پوءِ آخر ۾ پيهي تان هيٺ لهڻ کان پوءِ سچ ئي سچ جو نظر اچڻ بہ گهٽو ڪجهہ ظاهر ٿو ڪري تہ مٿي وينل، يعني وزير، ڪامورو وغيرهہ ڇا محسوس ڪندو آهي ۽ هيٺ لهي اهو ڇا محسوس ڪندو آهي. ڪرسيءَ تي وينل ماڻهو ٻيءُ کي سڃاڻڻ کان نابري ٿو واري پر ڪرسي وڃڻ کان پوءِ هو هر ڪنهن کي ٻيءُ ڏاهيندو وتندو آهي! جيئن اسان وٽ اها روايت ٿي پئي آهي تہ اسان جا وزير، ڪامورا، اقتدار ۾ هوندا تہ سنڌ، سنڌي وغيرهہ وسريل

هوندن. انهن کي وينا ڪُهندا. رٽائر ٿيندا يا معزول ڪيا ويندا ته سند ۽ سنڌيءَ جو ورد وينا ڪندا! عزيز جي اها ڪهاڻي به شاهڪار ڪهاڻي آهي. هوئن به ماحول جا چڱا ڪردار، مضمونن ۽ مقالن جي زينت بڻبا آهن. تاريخ جا بدنما ڪردار يا ماحول جو ستياناس ڪرڻ وارا ڪهاڻين جا موضوع بڻبا آهن. "چاڪليٽ چاڪليٽ" ڪهاڻيءَ جو ڪردار عزيز، جڏهن موقعي جو فائدو وٺي، راڪيٽ جهڙين رنن جي ماحول ۾ رَلجي ٿو وڃي تڏهن ئي اهو ان ڪهاڻيءَ جو ڪردار بڻيو. جي انهن رنن جي مڪر ۽ فريب کان بچي وڃي ها ته پٺائيءَ جي سِٽَ:

جي چورين ڏنا چال ته به لاهوتي لنگهي ويا!

جهڙي سِٽ يا ڪنهن مضمون يا مقالي جو موضوع بڻجي ها!

ساڳيءَ طرح "آخري شوق"، ڪهاڻي يا سندس ٻيون به ڪهاڻيون، جيڪي "ڪينجهر" يا ٻئي هنڌ ڇپيل آهن، اهي سڀئي اسان جي ماحول جون عڪاس ڪهاڻيون آهن. انهن ۾ هڪ مقصد آهي، لگن آهي، هڪ جذبو آهي، سماج کي پرکڻ ۽ سمجهڻ واري سمجهه ۽ سوچ آهي. هن جون ڪهاڻيون پڙهي محسوس ٿو ٿئي ته هو هڪڙو سُلجهيل ذهن آهن. اسان جي ماحول کي هو پنهنجي اکين سان، چڱي طرح پرکڻ جي سگهه رکي ٿو. ان ڪري مون کي هيءَ اميد آهي ته سنڌي ڪهاڻيءَ جو مستقبل اهڙو اونداهو ناهي، جنهن جو تصور ڏياري، اسان کي ڏيڇاري ڏيڇاري اَڌ مئو ڪيو ويو آهي. پر عزيز جون ڪهاڻيون پڙهي گهٽ ۾ گهٽ مون ۾ ته ساهه پوڻ لڳو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته خود ڪهاڻيڪار کي ڏسي، ان کي روز روز پاڻ جيان ٿوڪجندو ۽ پڪڙجندو ڏسي، ڏپ ٿو وٺي ته اسان ٻنهي جي "ذات" روز روز پٺاڻن ۽ چانورن ڪائڻ جي نذر نه ٿي وڃي.

آسيءَ جو گهر
ٽنڊو قيصر
٨ جولاءِ ١٩٩٣ع

● ڇپيل ماهوار ڪينجهر
سيپٽمبر ١٩٩٣ع



الطاف ملڪاڻي

# ساپيائن کان رِتل سپنا

[ الطاف ملڪائيءَ جي ڪهاڻي ’ڪتابَ ساپيائن کان رِتل سپنا‘ ۔ جو اپياس ]

دوستو!

الطاف ملڪائيءَ سان منهنجي واقفيت ”ڪينجهر“ ۽ ”گلستان“ شروع ڪرڻ وقت ٿي هئي. تڏهن مون ’گلستان‘ جي ادارت جي ذميواري هُن مٿان رکي ۽ هو ان ذميواريءَ کي ان وقت تائين نڀاهيندو رهيو، جيستائين هن پنهنجو رسالو شروع نہ ڪيو ۽ اهو بند ٿيو تہ مون کيس ’ڪينجهر‘ ۾ رکيو ۽ پوءِ هو ان وقت کان هيستائين ’ڪينجهر‘ جون ڪهاڻيون پڙهندو رهيو آهي.

اَن ساٿَ کي هاڻي ٻہ سال مڪمل ٿيڻ وارا آهن ۽ انهن ٻن سالن ۾ الطاف مون کي انتهائي ويجهو رهيو آهي. هو بي غرض، لاطمع ۽ مخلص دوست جيان بنا ڪنهن اجوري ۽ حاصلات جي ’ڪينجهر‘ ڪڍڻ ۾ منهنجو مددگار رهيو آهي. الطاف منهنجو دوست آهي، ساٿي آهي ۽ منهنجي ان ڪم، جنهن کي مان نيڪيءَ جو ڪم سمجهان ٿو، ۾ منهنجو مددگار آهي. ان جي اها حيثيت مون لاءِ ذاتي ۽ منهنجي شخصي اطمينان جو سبب آهي.

ان جي ڪتاب ڇاپڻ جو ارادو مون ٻن ڳالهين کي نظر ۾ رکي ڪيو هو. هڪ تہ مان پنهنجي ان خيال کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ هڪ وک وڌيڪ کڻندس تہ پنهنجي اداري طرفان نئين نسل جي قلمڪارن کي متعارف ڪرائجي ۽ سنڌ کي نئون نسل ڏجي ۽ ان کي پنهنجي قوم جي اڳواڻي ڪرڻ جو موقعو ڏجي.

پيو تہ مان پنهنجي دوستَ جو ڪتاب پڙرو ڪري، پنهنجي دوستيءَ جو حق ادا ڪري سگھندس. پر سچ تہ الطاف جي ڪتاب کي جڏهن مون هٿن ۾ پڙهيو تہ مونکي پوئين راهہ بدلائڻي پيئي تہ مون اُهو ڪتاب آڏي رکڻو دوستيءَ جو حق ادا نہ ڪيو آهي، پر مون هڪڙو قومي حق ادا ڪيو آهي. ۽ ان لاءِ ائين چوندس تہ:

”حق تو يہ هے کہ حق ادا نہ هوا.“

”ساپيائن ڪان رُٺل سپنا“ ڪتاب ۾ سندس ١٨ ڪهاڻيون آهن. جن مان هڪ کي هَن ناولٽ جو نالو ڏنو آهي. اهو سڄو ڪتاب، هڪ هڪ ڪهاڻي بامقصد ڪهاڻي آهي، هن جي ڪابہ اهڙي ڪهاڻي ڪانهي، جنهن ۾ هن ان کي پنهنجي نقطہ نظر سان، پنهنجي مشاهدي سان، پنهنجي خيال سان ڪو رنگ نہ ڏنو آهي. هر ڪهاڻيءَ ۾ اسان جي سماج جون اهڙيون حقيقتون آهن، جن حقيقتن جي ڀيانڪ صورت هوندي بہ اسان انهن کي پاڻ کان الڳ نہ تا ڪري سگھون ۽ الطاف انهن سمورن مسئلن، سمورن حادثن کي ڇُهيو آهي ۽ پنهنجي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي، هَن پنهنجي ڪهاڻين جا موضوع اڪثر اهي چونڊيا آهن، جن تي لکڻ تہ پري پر اسان جا ڪيترا قلمڪار پاسي مان گذرندي بہ پنهنجي بدن مان سيسراٽ نُڪرندي محسوس ڪندا آهن.

هن ڪنهن بہ مسئلي تي اک نہ پوري آهي، ۽ ڪنهن بہ ڏاڍ تي ماٺ نہ ڪئي آهي ۽ پنهنجي احتجاج کي قلمبند ڪرايو آهي. بيروزگاري، زمينن جي ضبطي، فوجي ڇانوڻيون، دهشتگردي، پنهنجن ماڻهن جي بي حَسي، ٻهاول ڳوٺ تي چڙهائي، سماجي بُرايون، شاگردن سان رياست جو ڏاڍ، ڪين جيلن ۾ پورڻ، شاهبندر ڪيس، محبت، انقلاب، ڌرتيءَ واسين جي پيرن هيٺان زمين جو کسڪڻ ۽ ٻيا اهڙا مسئلا، اهڙا حادثا، هَن جي ڪهاڻين جو موضوع آهن. ان جي ڪابہ اهڙي ڪهاڻي ڪانهي، جنهن ۾ ڪا ڪهاڻي موجود ڪانهي، ۽ جنهن جو اسان جي اردگرد، اسان جي ماحول ۾ پاڇو نہ هجي، وجود نہ هجي. اسان وٽ الطاف جديد مختصر ڪهاڻي لکندڙن واري لسٽ

جو اهو نالو آهي جيڪو اُتساهه ڏياريندڙ آهي. پڪ ڏياريندڙ اهي نه سنڌي ڪهاڻي جيئري آهي، وڌي پئي ۽ جديد ڪهاڻيءَ جون تقاضائون پئي پوريون ڪري.

مون جڏهن ان جي ڪتاب کي راءِ ڏيڻ وارو مقصد اڳيان رکي پڙهيو. نه مون ڪيترين جاين تي ان جي ڪن لفظن، ڪن جملن، ڪن تشبيهن ۽ ڪن لائينن کي مارڪ ڪيو پر جڏهن هر ڪهاڻيءَ جي مقصد کي ڏٺو ۽ جڏهن ان پهلوءَ تي سوچيو ته هو جيڪا ڳالهه ڪرڻ گهري ٿو ان ڳالهه جي اهميت ڪهڙي ۽ ڪيتري آهي ۽ هو ان ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪامياب به ويو آهي، يا نه. نه سچ سچي ڪتاب پڙهڻ کانپوءِ ان جي ڪتاب ۾ مارڪ ڪيل ڪيتريون ڳالهيون تقريبن گهٽيون نديون لڳيون. چاڪاڻ ته ان جو مقصد گهٽو مٿانهون آهي. هو جيڪا ڳالهه ڪرڻ گهري ٿو اها گهڻي مٿيري آهي، ان جي انهن لفظي، لکڻ جي انداز، ۽ ڪن ٻين غلطين تي ڳالهائي نه سگهجي ٿو ۽ ڳالهائڻ به گهرجي چو نه ان سان ان دوست جي اصلاح به مقصود آهي. هڪ طرف الطاف جون ڪهاڻيون بامقصد آهن. هن جيڪا ڳالهه ڪئي آهي اها پنهنجي جاءِ تي لک لهي پر هن جا سمورا ڪردار هارايل آهن. محبت جا هارايل، سماج جا هارايل، انقلابَ جا هارايل ۽ سندس هر ڪردار جو مقدر شڪست آهي. هُن پنهنجي سمورين ڪهاڻين جي سمورن ڪردارن کي ڏک ۽ غم ۾ پيڙهيل ڏيکاريو آهي. هُن جو ڪوبه ڪردار خوش ناهي، هن جو ڪردار جيڪڏهن همٿ جو هالار آهي تڏهن به هارايل آهي، ۽ جي آهي انقلابي تڏهن به هو دلشڪستو آهي. شايد ان ڪري نه هو ذاتي طور، ذاتي زندگيءَ ۾ به ڪافي دلشڪستو ۽ هارايل لڳندو آهي ۽ سندس ان هارَ، ان شڪست جا اولڙا، سندس ٿي ڪهاڻين ۾ ڪيترين جاين تي موجود آهن. پر هتي انهن اولڙن ۽ سندس دلشڪستگيءَ تي ڪونه ٿو لکجي. پر ڪيس تنبيهه ڪري سگهجي ٿي نه هاڻي نون ڪردارن، نون اُتساهه ڏياريندڙ ڪردارن جي گهرج آهي. انهن ڪهاڻين جي گهرج آهي، جن جي پڙهڻ سان ماڻهوءَ ۾ جيئڻ جي سگهه پيدا ٿئي. ماڻهوءَ کي رُڳو ناڪامين ۽ دلشڪستگيون ناهن ٻڌائڻيون. انهن کي هاڻي هٿ ڪان وٺي بانبڙا پائي رڙهڻ کان

چوٽڪارو ڏياري، ڊوڙ پائڻ سيڪارڻي آهي.

اُن جي ڪهاڻي ”ماما پوپٽ“ جو مُکيہ ڪردار ملوڪ، جيڪو دهشتگرديءَ جو سَتيل آهي، ۽ دهشتگرد ان جي ننڍڙي نياڻيءَ کي پوپٽ پڪڙڻ وقت گولي هڻي ماري ٿا ڇڏين. ان جي گهر تي حملو ڪري سندس زال کي قتل ٿا ڪن. ان جو گهر ٿا ساڙين، ان جي باوجود بہ رد عمل طور هُن، ان ملوڪ کي ائين ڏيکاريو آهي تہ هو چريو ٿيو آهي. ۽ جڏهن وري دماغ صحيح ٿئيس ٿو تہ هو ٻارن جا ٽولا وٺي، انهن کي باغيچي ۾ گهمائي ڦيرائي ٿو. ڪين ڊوڙائي پوپٽ ٿو پڪڙائي ۽ ٻار کيس ماما پوپٽ، ماما پوپٽ ٿا چون ۽ هو ان ڳالهہ ۾ پنهنجي روحاني تسڪين ٿو سمجهي. ملوڪ جي سڄي ڪائنات ختم ٿي وئي ان جي باوجود بہ هو ڪنهن طرح سان بہ قومي سوچ سان لاڳاپيل ناهي ۽ ٻارن جي ميڙ ۾ پوپٽ پڪڙي پيو پاڻ وندرائي. اتي بہ سوال ٿا پيدا ٿين، يا تہ الطاف حقيقت پسند آهي، ۽ هُن انهن حالتن جي سچي ۽ صحيح عڪاسي ڪئي آهي. جيڪي موجود آهن يا هو خود ان ڪهاڻيءَ کي اهو موڙ نہ ڏئي سگهيو آهي، جيڪو ڏيڻ گهربو هو. ورنہ ان جتَ جي پٽ ملوڪَ کي خود گولي هڻائڻ گهرجي ها. اهڙي ٻاڙيي ڪردار واري ملوڪ کي الطاف جي ڪهاڻيءَ ۾ زندهہ رکڻ جو حق نہ هجي ها، ان کي ذليل ۽ رسوا ڪري مارڻ گهرجي ها ۽ ان جي اها هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا مون کي نہ آئڙي آهي!

هڪ ٻئي هنڌ سندس ڪهاڻي ”پن ڇڻ کان پوءِ“، جيڪا پنهنجي مقصد جي لحاظ کان ڪيتري ئي اهم صحيح پر ان وقت مون کي اها فلمي سين محسوس ٿي، جڏهن عليءَ تي نفسياتي حربو هلايو ٿو وڃي ۽ کيس چيو ٿو وڃي تہ جي تون پنهنجي محبت ماڻڻ چاهين ٿو تہ پوءِ توکي ائين ڪرڻو پوندو، جيئن اسان چئون ٿا يا ٻيءَ صورت ۾ ڪنول کان هميشہ لاءِ ڪنجي وينديون. اهو عليءَ مٿان ٿيندڙ ڏاڍن جو هڪڙو لالچ ڏيندڙ يا خود ڏاڍ ڪندڙ ڏرين طرفان نرم رويو آهي، تہ ان کي خود رستو ٿو ڏيکارجي تہ تنهنجي لاءِ بہ رستا موجود آهن. هڪڙو سچ ۽ ٻي سونهن. ۽ هو پوءِ سونهن جو انتخاب ٿو ڪري ۽ سونهن وري ان کي، ان جي عمل تي نندي ٿي ۽ ان کان منهن

موڙي ٿي وني.

ائين مون فقط فلمن ۾ ڏٺو آهي. ورنہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ اسان جي اکين اڳيان ناهي ٿي. جو تہ مان بہ اسان جي سڄي جدوجهد جو اکين ڏٺو گواهہ آهيان. ان جو حصو آهيان. اسان تہ فقط جيلن ۾ وڃي پادر ڪاڏا آهن. پويان اسان وارن مائٽن، اسان جي محبتن ڪي پرڻائي ڇڏيو. ڪاش! الطاف قومي هلچل دوران اهڙن ڪيترن ئي ڪردارن کان واقف هجي ها. جن جون شخصي محبتون، جن جي دلين جون ڌڙڪنون فقط ان ڪري انهن ڪي نہ ملي سگهيون جو اهي جيلن ۾ ويندڙ هئا. ٽيير هئا. ان ڪري انهن جي نظرن ۾ لوفر هئا. بدمعاش هئا. انهن ڪي نہ پنهنجون محبتون ملي سگهيون. نہ منزلون. ڪاش! الطاف قومي جدوجهد جي انهن شهيدن ڪي پنهنجي ڪهاڻيءَ جو موضوع بنائي سگهي ها. جيڪي قبرن ۾ بہ نہ پورجي سگهيا. جيڪي مري بہ نہ سگهيا. جيڪي زندهہ بہ ناهن. جيڪي شهيد تہ ٿيا پر انهن جي شهادت کي ڪو نالو نہ ملي سگهيو. هو ڇا لاءِ وڙهيا ۽ ڇو وڙهيا. ان جو نہ انهن کي پتو پيو ۽ نہ ٻين کي پتو آهي !!

”خوابن جا شيش محل“ ڪهاڻي بہ مقصد ٻري ڪهاڻي آهي پر ان جي ڪن ڳالهين کي فني غلطي شمار ڪري سگهجي ٿو. جنهن ڪري اها خوبصورت ڪهاڻي بي زيب بنجي پئي آهي.

”جـڏهن انٽر بايولاجيءَ ۾ پوري ملڪ اندر پهريون نمبر آيو تہ کيس گورنمينٽ گولڊ ميڊل ڏيڻ سان گڏ فارين اسڪالرشپ جي پيشڪش بہ ڪئي.“

پوري ملڪ يعني سڄي پاڪستان ۾ پهريون نمبر اچڻ واري ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي. ڇاڪاڻ تہ رزلٽ الڳ الڳ ايندي آهي. پوري ملڪ جو ڪوبہ گڏيل ايڊيوڪيشن بورڊ ڪونهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ مان نہ ٿو سمجهان تہ هن ملڪ ۾ انٽر بايولاجيءَ ۾ پوزيشن حاصل ڪرڻ واري کي فارين اسڪالرشپ ڏئي اعليٰ تعليم لاءِ ڪو ٻاهر موڪليو ويندو آهي. اها پوزيشن اعليٰ تعليم لاءِ ئي ممڪن آهي ۽ انٽر کان پوءِ واري تعليم جو اعليٰ تعليم ۾ شمار ناهي ٿيندو.

بي طرف هو آمريڪا ويو آهي، ٻن سالن کان پوءِ هو فقط پندرهن ڏينهن جي موڪل تي بنا ٻڌائڻ جي ڳوٺ پيو اچي. ڪراچيءَ کان سکر بس ۾ پيو وڃي. ڪراچيءَ لٿو آهي. ڌرتيءَ سان محبت ٿو ڪري. ڌرتيءَ جي مٽي چمڻ ٿو گهري ۽ اها سڪ اچي ڳوٺ ۾ واهه جي مٽيءَ کي چمي ڏئي پوري ٿو ڪري. اها فقط ڳوٺ جي محبت آهي. ڌرتيءَ جي محبت تہ ڪراچيءَ ۾ ئي ڌرتيءَ تي لهي چمڻ سان پوري ٿي پئي سگهي. ڇاڪاڻ تہ اها بہ اسان جي ڌرتي آهي!

جيتوڻيڪ اها سچي ڪهاڻي، ڏاڍي بامقصد ڪهاڻي آهي ۽ اهڙي طرح ٻيون ڪهاڻيون بہ ڀلوڙ آهن.

مون کي ان جي "دلين جا ڪاڪ محل ٽٽڻ" تي بہ اعتراض آهي. ڇو تہ ماڻهو جيڪي پنهنجي دل ۾ خيال ٿو آڻي. جيڪي پنهنجي لاءِ محل ٿو جوڙي، اهي فقط ۽ فقط محل تي سگهن ٿا. گهرڙا تي سگهن ٿا. پر اهي ڪاڪ محل تي نہ ٿا سگهن. ڇو تہ ڪاڪ محل جو تصور اسان وٽ نڳي، دوکو ۽ دولاب آهي ۽ ڪوبہ ماڻهو، پنهنجيءَ دل ۾ پنهنجي لاءِ ڪاڪ محل نہ ٿو جوڙي سگهي. مون کي ان جي مينديءَ رتل هٿن جي بار بار ۽ بي جا استعمال تي بہ اعتراض آهي. ڇاڪاڻ تہ خود الطاف کي خبر ڪانهي تہ مينديءَ رتا هٿ ڪيئن هوندا آهن ۽ انهن جي حقيقي مُند ڪهڙي هوندي آهي؟ ڇو تہ اجا هو پاڻ ذاتي طور ان مرحلي مان ئي نہ گذريو آهي، ان ڪري هُن پنهنجي ڪهاڻين ۾ "مينديءَ رتا هٿ" جتي بہ استعمال ڪيو آهي، مون کي اهي زوريءَ ٽنبيل اکر محسوس ٿيا آهن. مثال طور:

"هن ڏينهن ڪو ڳڀرو باغي نوجوان پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ وڙهندي، رت ۾ ريٽو ٿيو هوندو ۽ سندس تصور مرآزاديءَ جي خواب سان گڏ پنهنجي محبوبا جي مينديءَ رتڙن هٿن کي آخري چميءَ جي خواهش پڻ جاڳي هوندي."

ڀورين ڳالهہ تہ اها نياڳي ڪهڙي محبوبہ ٿي جو سندس چاهيندڙ رت ۾ ريٽو لڳو پيو آهي ۽ هوءَ مينديءَ رتا هٿ ڪري ويٺي هجي ۽ ان انقلابيءَ کي بہ اها پڪ آهي تہ ان جا هٿ مينديءَ رتا هوندا ۽ هو انهن کي آخري چُمي پيو ڏي! ان مان ظاهر پيو ٿئي تہ ان انهن مهندي رتن هٿن کي اڳ ۾ بہ چُميو

آهي. هاڻي هو آخري چُمي ڏيندو. ٻي هنڌ ٻي ڪهاڻيءَ ۾ ٻه هڪ ڪردار جي سوچڻ کي بيان ڪندي چوي ٿو: ”ٻنهنجي ماءُ کي پيرين پوندو ۽ پوءِ پنهنجي پريت راڻي. ”ياڳوند“ جا مينديءَ رتا هٿ چمندو. جن ۾ ڪتن پيرن جي خوشبوءِ ۽ رس ڀريل انگورن جو ذائقو هوندو!“

۽ هتي اهو ڪردار آهي، جيڪو امريڪا مان پندرنهن ڏينهن جي موڪل تي بنا ٻڌائڻ جي گهر پيو وڃي ۽ ان جي محبوبه به هٿ کي مينديءَ مکيو ويٺي آهي ته لاڏو پيو اچي! جڻ اها ”ياڳوند“ بارنهن ئي مهينا هٿ مينديءَ سان رڱيو ويٺي آهي ته هو جڏهن به اچي ته اچي مينديءَ رتن هٿن تي چمي ڏئي. ڇو ته ڪيس مينديءَ ڪانسواءِ هٿ وڻندا ئي ناهن.

ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته عيدن برادن تي مينديون مکيون ضرور آهن. پر اسان وٽ ”مينديءَ رتا هٿ“ چوڻ سان ئي. ڪنوار جو تصور ذهن ۾ ايندو نه محبوبا جو. ۽ الطاف کي اها خبر ناهي ته ”ڪنوار جا هٿ“ مينديءَ سان رتل چڱا لڳندا آهن. باقي محبوبه جي هٿن تي ڇيڻ نڳل هوندو آهي. تڏهن به پياري لڳندي آهي. ٻي هڪ ڪهاڻي ”ماما پوپٽ“ ۾ به چوي ٿو: ”جڏهن هن انجنيئرنگ جي ڊگري حاصل ڪئي ته انعام طور نه صرف گولڊ ميڊل مليو پر ان سان گڏ ساوڻ. مومل جو هٿ به هميشه هميشه جي لاءِ ملوڪ جي هٿ ۾ ڏئي ڇڏيو. سچ ته ڪيس پنهنجو پاڻ تي رشڪ اچڻ لڳو. هڪ هٿ ۾ انجنيئرنگ جي ڊگري ۽ ٻئي هٿ ۾ مومل جا مينديءَ رتا هٿ. جڏهن اها ڪهاڻي پڙهجي ٿي ته مومل ويچاري ته ان کي ان وقت ملي آهي. جڏهن مومل جو پيءُ بيمار آهي، ۽ موڪلائڻ جون تياريون پيو ڪري ۽ هو اُن حالت ۾ مومل جي ٻانهن ساوڻ کي مينديءَ رتن هٿن سان ڪيئن ٿو ڏئي سگهي؟

ٻي طرف ڪي اهڙا لفظ به آهن، جن تي اعتراض واري پيو سگهجي ٿو ته اهي لفظ اجايا استعمال ڪيل آهن. جڏهن ته انهن سمورن لفظن جي بدلي، اسان وٽ، ڏاڍا سٺا لفظ موجود آهن.

”لهلائيندڙ“، ”پرچانوا“، ”سفيد پنڇي“، ڳاڙهي چني اوڙهي“، قرض خواهن“، ”سُهانو صبح“، منڌهي“ (هي لفظ اصل ۾ منڊو آهي، پر هن منڌهو

لکيو آهي) "مطلوبہ" ۽ اهڙا ڪي پيا **لفظ**. ان جي ٻوليءَ جي سحر ۽ جادو ڪي بي زيب تا بنائين. هُن جي ٻوليءَ ۾ جيڪو جادو آهي، جيڪو سحر آهي، جيڪا اڏام آهي، جيڪا تشبيهن جي ڪشش آهي، جيڪا جملن جي ٻيهڪ آهي، ۽ جيڪو ان جي ڪهاڻين ۾ ٻوليءَ جو وقار ۽ تيزي آهي. جيڪو سنڌوءَ جو ساوڻ جهڙو جوڀن آهي، ان جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! هن جا لفظ تيز پالا بہ آهن، تہ ماءُ جي لوليءَ جهڙا منڙا بہ. هن ڪيڏو نہ مشاهدو ڪيو آهي، هن ڪي لفظن جي استعمال جي ڪيڏي نہ پروڙ آهي. ڪاش! هو اجا بہ وڏي ويجهي ۽ اسان جي ڪهاڻي ڪيتر جو وڏو نانءُ بنجي وڃي. جنهن لاءِ هُن ۾ ڪيتريون صلاحيتون آهن، هُن جون پاڙون هن ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن ۽ هن جي ڪهاڻين جا موضوع ڌرتيءَ کان ڌار ناهن ۽ نہ هو پاڻ ڌار آهي.

مون ڪي الطاف ۾ اها پڪ آهي تہ هو سچو تخليقڪار آهي ۽ سچو تخليقڪار تنقيدن کان نہ گهبرائيندو آهي، هو انهن مان سِکندو ۽ پرائيندو آهي ۽ اڳتي وڌندو ويندو آهي. مون کي اها بہ خاطري آهي تہ هُن هِن محفل ۾ تيل سمورين ڳالهين کي ڌيان سان ٻُڌو هوندو ۽ انهن مان سمجهڻ ۽ سکڻ جهڙيون ڳالهيون پنهنجيون ڪيون هونديون. مهرباني.

● (لکيل: (٦- ١٠ - ١٩٩٤ع - ٢٠ صائمہ پلازا
هالا ناڪو حيدرآباد
رات جو مُنو هڪ)

● (٧- آڪٽوبر ١٩٩٤ع تي، پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾. سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان الطاف ملڪاڻيءَ جي ڪهاڻي ڪتاب "ساڀيائن کان رٺل سپنا" جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيل.)

● ڇپيل ماهوار ڪينجهر
ڊسمبر ١٩٩٤ع

# شاعري- احتجاجي آواز

(ڊاڪٽر مقبول ماروَ جي شاعري ڪتاب ’اکين ۾ ٿي ويهه‘ جو اپياس)

دوستو!

مان اوهان جو انتهائي گهڻو ٿورائتو آهيان جو منهنجي سڏ تي قرب جا قدم ڀري، هتي ادبي ماڻار ڪي ٿورڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا آهيو. اديب، محبت ۽ پيار جا پيامبر هوندا آهن. اهي سرگرم هوندا ته محبتون هونديون. قربتون هونديون ۽ پيار جي خوشبوءِ هوندي پر جتي اديب غير متحرڪ ۽ چڙوچڙ هوندا آهن. اتي پيو سڀ ڪجهه ٿي سگهندو آهي. محبت ڀريون ڳالهيون نه ٿي سگهنديون آهن.

اڄ اسين نوجوان ڊاڪٽر مقبول ماروءَ جي شاعري ڪتاب ’اکين ۾ ٿي ويهه‘ جي رونمائي ڪري رهيا آهيون. آءُ جڏهن هڪڙي همراهه اڳيان ڀٽائي سائينءَ جو اِهو بيت:

اکين ۾ ٿي ويهه ته آءٌ واري ڇڏيان،
توکي نه ڏِسي ڏيهه، آءٌ نه ڏِسان ڪي ٻيو.

چوندو آهيان ته هو مونکي چوندو آهي ته ڀٽائيءَ ڪيڏو نه ظلم ڪيو آهي. جيڪو اُن ڪي وٽي ٿو ان کي سَڏي اکين ۾ ٿو ويهاري ۽ اکيون بند ڪري ٿو ڇڏي. پر جيڪو اُن کي وٽي ٿو ۽ جنهن کي اکين ۾ بند ڪري ٿو ڇڏي اُن سان اِها ڪيڏي نه ويڌن آهي ته سائين پاڻ ته ڪجهه نه ڏسي پر ٻيو به سڀ ڪجهه ڏسڻ کان معذور ٿو بنجي پوي! ڇا اِها اُن سان زيادتي ڪانهي؟

مونکي خبر ڪانهي ته مقبول ماروَ پنهنجي ڪتاب جو ”اکين ۾ ٿي ويهه“ نالو رکڻ وقت ڀٽائيءَ جي اُن بيت جو پورو مفهوم اڳيان رکيو هو يا



مقبول مارو

نہ-؟ ۽ سندس ڪتاب جي ٽائيٽل تي جيڪا ڇوڪري اڪيون پوريو ويٺي آهي، انهن بند اکين ۾ واقعي مقبول مارو ويٺل آهي يا ڪو ٻيو صاحبزادو سُپرين! يا اُها سگهوري ائين ئلهہ ۾ اکيون پوريو، ٽيڏيءَ اک سان سڀ ڪجهہ پئي ڏسي! ٽيڏيءَ اک سان ڏسڻ واري ڳالهہ پنائيءَ بہ ڪئي آهي:

”ٽيڏي پَسي ٽي، هوتَ مڙيئي هيڪڙو!“

ڪتاب ۾ شاعري مقبول مارؤَ جي آهي. اکين ۾ اُهو ٿو ڪنهن کي ويهاري. پر ٽائيٽل تي اکيون پوري محبوبہ ويٺي آهي. اِتي اکيون پوريل تہ مقبول ماروءَ جون هُجن ها ۽ اسين ڏسون ها تہ ويچاري جون اکيون پوريون پيون آهن، يا تہ ڪو انهن ۾ ويٺو اٿس يا اُن جا سپنا پيو ڏسي. ڇوتہ سپنا بہ پوريل اکين سان ئي پَسي سگهبا آهن:

”اُپنيان تہ انڌيون، پوريان پرين پسن.“

پر اِتي ڊاڪٽر ٻاڻ کي اکين پوريل نہ ڏيکاري پنهنجي پروفيشنل ساک بچائي آهي. ميمڻ ماڙهو آهي. جتي ٻن ٽڪن جو فائدو ڏٺائين. جي اِتي ٻاڻ هُجي ها انڌو تہ اُن کان اکين جو علاج ڪير ڪرائي ها ۽ ڪير ڪيس اکين جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر ڪري رکي ها!

باقي ماين کي انڌو ڪري رکڻ تہ پنهنجي ذاتي هٿ جو ڪيل هوندو آهي! مقبول جو هڪڙو آزاد نظم ”ڪنبو“ آهي.

ضروري ناهي
قبر جنهن ۾
مان پيل هجان
اُن مٿان
منهنجوئي
ڪَنبو هجي!

سو ڀائو مقبول کي اها بہ خبر هجي تہ اِهو ضروري ناهي تہ انهن پوريل اکين ۾ ٻاڻ ويٺل هجي. ٿي سگهي ٿو تہ انهن ۾ مان ڪتاب جو پبلشر ويٺو

هُجان يا ٿي سگهي ٿو ته اسين شاعر ۽ پبلشر ٻئي خوشفهميءَ ۾ هُجون. آرٽسٽ نصرالله، اَچو منهن ڪري، انهن اکين ۾ پاڻ کي ويهاري ڇڏيو هُجي!

مقبولَ مارو ڊاڪٽر آهي. ڊاڪٽر، انجنيئر، وڪيلَ، اسان جي معاشري ۾ باقاعدگيءَ سان ڳڻيا ويندا آهن. فلاڻو سائين ڊاڪٽر آهي. فلاڻو سائين وڪيل آهي. فلاڻو سائين انجنيئر آهي. فلاڻو سائين ڪامورو آهي، فلاڻو سائين وڏيرو آهي. هتي ان نموني سان اسان وٽ ٻڌايو ٿو وڃي. اسان ته هاڻي اخبارن ۾ ٿا پڙهون ته ڇوڪريءَ جي عمر ويهه سال آهي. گلابي پنکڙين جهڙا ڳلَ اٿس. اکيون ڪاريون ڪجليون اٿس، وار واسينگن کي مات ڏيو وينا آهن، هيتري ملڪيت اٿس، هيترا بنگلا، هيتريون ڪارون ۽ هيترو بئنڪ بئلنس اٿس. ڊاڪٽر، انجنيئر کي اهميت ڏني ويندي ۽ جي آهي ڪنهن ڇوڪري بابت ته اهڙيون خوبيون بيان ڪري پوءِ لکندا ته ڇوڪري ڊاڪٽر هجي، انجنيئر هجي اُن کي اهميت ڏني ويندي. ٻيو ڪجهه هجي نه هجي. خيالن ۾ به زمين آسمان جو فرق ڀلي هجي پر هجي ڊاڪٽر، هجي انجنيئر! مون اڄ تائين ڪنهن به ڇوڪريءَ جو اهڙو اشتهار نه پڙهيو آهي ته ڇوڪرو اديب هجي، ادبي ذوق جو هجي يا ڇوڪري جو به اهڙو اشتهار نه پڙهيو اٿم ته ڇوڪري ڪا اهڙن خيالن جي هجي. اُهي محبت ڀلي قلمڪارن سان ڪن پر ازدواجي زندگي گذاربي ڊاڪٽر سان، انجنيئر سان. اديب، شاعر جو نالو ٻڌي ماٺهو ٻوٽ ٺي ٻگاڙي ڇڏيندا آهن ۽ ان ماحول ۾خبر ڪانهي ته ڊاڪٽرن جي ڪينئن ٿي ڦِٽي جو شاعر ۽ اديب بنجي ٿا وڃنَ! يعني آسمان مان ڪِري هوڪجيءَ ۾ ڪينئن ٿا اٽڪن؟ يا ائين ته ڪونهي ته جيڪي ڦٻيو ٿا وڃن اُهي ڦاٽي ٿا مرن ۽ جيڪي نه ٿا ڦٻن، اهي پاڻ ڪٽائي ٿا اَچبو ههڙيون محفلون پَسن ۽ ويهي ٿا هڪٻئي کي ٻُڌن ۽ هرڪو هڪٻئي جا درد ٿو ڏِسي ۽ پَسي. يا سڀئي هڪڙي جهوني جا سَتيل آهن ۽ اُن جا جيڪو:

”ڪونه پُڇي ٿو ذاتِ، جي آيا سي اگهيا.“

اُهو ٻارڻ نه ڊاڪٽر ٿو ڏسي، نه انجنيئر، نه وڪيل، نه ماستر! جيڪو دَرِي ۾ آيو.

هاڻي هڪڙي ڳالهہ ڏيان سان ٻڌو. هڪڙو قاتل آهي. ڏهہ قتل ته ڪري، هو اُن ڏوهہ جو اقرار اديب سان ڪونہ ڪندو، شاعر سان ڪونہ ڪندو، صحافيءَ سان ڪونہ ڪندو. پاڻ پيو ڏجندو تہ الله ڪري اِها ڳالهہ صحيح طرح سان انهن نياڳن تائين نہ پهچي، ورنہ سڀ ڪجهہ لکي ڇڏيندا. رڪارڊ تي آڻي ڇڏيندا. پر هو وڪيل سان سربستو احوال ڪندا. سائين فلاڻو منهنجيءَ زال جو، منهنجيءَ ڌيءُ جو، منهنجيءَ ڀيڻ جو يار هو. فلاڻي ڪي مون پنهنجي اکين سان ڪيترا دفعا ڏٺو ۽ هر ڳالهہ ذري پُرزي هو اُن کي لکائيندو!

هڪڙي دفعي جيل ۾ رات جو دير سان عبدالوحيد ڪٽپر مونکي ننڊ مان اٿاري، پي- ايل- ڊيءَ مان هڪڙو ڪيس پڙهي ٻڌايو تہ هڪڙي زال، دعوىٰ داخل ڪئي آهي تہ هوءَ مڙس کان طلاق تي وٺي ۽ هن مڙس جون جيڪي خاميون بيان ڪيون هُيون، اُهو وڏو داستان هو. يعني ذرو پرزو هو اُن ۾ موجود!

هڪڙو ماڻهو بيمار آهي. ڊاڪٽر وَٽ وڃي ٿو. ڪيس سڀ ڪجهہ ٿو ٻڌائي. هو بيمار ڇو ٿيو آهي. ڪهڙن ڪمن ڪري هُن کي بيماري لڳي آهي، ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا اٿس. سڀ ڪجهہ ڊاڪٽر کي ٻڌائي ايندو. ڀلي مائي هجي يا مائو. هرڪو ڊاڪٽر اڳيان سڀ ڪجهہ اوڳاڇي وِجهندو. اديب سان ڪير اهڙو حال ڪندو ڪير ٻڌائيندو شاعر کي پنهنجو اهڙو حال! ڪو بہ نہ.

ڊاڪٽر صالح ميمڻ، "مونجهارن ۾ قاتل هڪ شخص". ڪتاب ۾ جيڪي اصلوڪيون ڪهاڻيون ڏنيون آهن. ڇا اُهي اسان جي معاشري جون ڪهاڻيون آهن؟ الله ٿو ڄاڻي تہ جڏهن مون اُهو ڪتاب پڙهيو هو تہ مونکي پوءِ اِحساس ٿيو هو تہ مارِ! اسين هِن معاشري ۾ ٿا رهون. جتي رشتن ناتن جو ڪو بہ تقدس ڪونهي. جتي رشتي جي ڪابہ اهميت ڪونهي! اسين اديب تصورَ ۾ جيڪو معاشرو ۽ ماحول ناهيو وينا آهيون. اُهو تہ سِري ڪان ئي موجود ڪونهي. اُهو تہ رڳو تصوراتي شين جو خاڪو آهي، نقشو آهي ۽ اسان جي دائري اختيار ۾ فقط اهو نقشو ناهڻ آهي. اُهو خاڪو ناهڻ آهي. ٻيو وَس

۾ ڪجهه بہ ڪونہ اٿئون!

اسان جيڪي ڪجهہ لکون ٿا. اهو سڄو سارو اسان جي مشاهدي ۾ ڪونهي. هڪڙي اخبار جي خبر بہ اسان کان مضمون لکرائي وٺندي آهي. ڪهاڻي لکرائي وٺندي آهي. شعر لکجي ويندو آهي. اسان خبر پڙهي تہ فلاڻي هنڌ ڪا ڪاري ڪري ماري وئي. فلاڻي هنڌ ماڻهوءَ غيرت ۾ اچي قتل ڪري وڌو. اسان کي خبر آهي تہ ڪا عورت ڪاري ڪيئن ٿيندي آهي. اسان کي خبر آهي تہ غيرت ۾ قتل ڪيئن ٿيندا آهن ۽ اسين اُن ڳالهہ تي جرڪي پوندا آهيون. جنهنجهوڙجي ويندا آهيون ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکي وٺندا آهيون. اصل واقعي وارن وٽ جيڪڏهن اُها شيءِ پهچندي تہ بہ چوندا يار هڙي ساڳي ڳالهہ تہ مونسان بہ ٿي. رڳو هتي هي فرق آهي. هي همراهہ پٽ ٿيپيو آهي. مان لوڙهو ٿيپيو هوس. ڪنهن ڳوٺ وارا ٿا پڙهن. يار هيءَ ڳالهہ تہ فتوءَ ۽ مريم جي آهي. پر هتي فرق آهي. همراهہ ڳالهہ بدلائي ويو آهي. مريم ياڻ فتوءَ سان ڀڄي وئي هئي. فتوءَ جو تہ ڏوهہ ڪونہ هو. پر هتي هي همراهہ لکي ٿو تہ فتو مريم کي ڀڄائي ويو. همراهہ، مريم جو بچاءُ ڪري ويو!

اهو فرق آهي وڪيل ۽ ڊاڪٽر اڳيان بيان ڪرڻ ۽ اديب ۽ قلمڪار کان اصل واقعو لڪائڻ جو ۽ اُهوئي سبب آهي جو اڄا اسان ڪجهہ بہ بدلائي نہ سگهيا آهيون. سؤ سال اڳ بہ اسان جي ڪهاڻي آهي تہ وڏيرو سوئر ۽ ڪتا ويڙهائي ٿو. ڪڪڙن جا مَيل ڪرائي ٿو. رنڊيون ۽ ناچو نچائي ٿو. ڪارو ڪاري ڪري ماري ٿو. حق ٿو بخشرائي. هارين تي ظلم ڪري ٿو. ناحق ۽ بغداد ٿو ڪري. ننگَ ٿو ٽاٽي، عزتون ۽ عصمتون ٿو تاراج ڪري ۽ اڄ بہ اسين اُتي جو اُتي آهيون. چاڪيءَ جي ڏڳي جيان، اُتي جو اُتي ٻيا ڦرون!

مقبول مارؤ جي شاعريءَ ۾ بہ ماڻهوءَ مٿان ٿيندڙ ظلمن جي ڳالهہ ڪيل آهي. ماڻهوءَ جي ڀيڙائن جي ڳالهہ آهي:

پوڙهي ٻيءُ جي،
دوا حاصل ڪرڻ لاءِ.
هوءَ روز رات جو

نوڪري ڪري ٿي.
مختلف ڊاڪٽرن جي
هاسپٽل ۾!
يا
● مسيحا جي آڏو
مسڪين رنڙ زال،
جهوني جهلي
پنهنجي بيمار پٽ جي
زندگيءَ جي خيرات گهُري ٿي!
مسيحا
تپاسڻي بالڪ جي سيني تي رکي
رنڙ زال جي ڇاتيءَ ۾
کهوري چيو:
تعاون جي بدلي
تعاون ٿيندو!

ءِ اهي ٻئي ڳالهيون، ٻئي واقعا، ٻئي حادثا. ڊاڪٽر جي پنهنجي اردگرد جي ماحول جا آهن. ڊاڪٽرن جي هاسپٽل ۾ پيٽ جي دوا لاءِ روز رات جو نوڪري ڪندڙ ڇوڪري به اُن ماحول جي ڪهاڻي آهي ته رنڙ زال جي ڇاتي تڪيندڙ ۽ تعاون جي آڇ ڪندڙ به ڊاڪٽر آهي ۽ هن انهن واقعن، انهن حقيقتن تي لکيو آهي ۽ هو شاعر به ان استبداد ۽ ظلم جي ڪري ٿيو آهي. هُن جي سڄي شاعريءَ ۾ ربڪو رڙيون ۽ دانهون آهن. ڪُوڪون ۽ واڪا آهن ۽ سڄي شاعري ان تسلسل ۾ ڪيل آهي.

دنيا آهي ڪوڙ مِنا. نگري نگري دوکو ڙي،
ماڻهو رهزن قاتل ٿيا هن. آ جان مان تن کي جوکو ڙي.
هت پنهنجا ڌاريا گڏ لُٽين، ٻَڌو ٻَڌو هي لوکو ڙي.

●●●

هاءِ حياتي هاءِ ڙي دنيا،

ماڻهو بڇيا چند.

●●●

ظالم کهڙا ڪيئي ڪلور، اج توکان ڏرتي ٿيندي دور،
بابي لاءِ تہ پيو ٻانڪ روئي، ڇا ابهم لڙڪن جو تہ قُصور.

●●●

ڪوڙا ماڻهو ڪوڙيون دنيون، نفرت نفرت آهي پيار،
سارو پاپي سنسار.

●●●

ڪير ڪُچي مان ڪَيئن ڪَچان، هت ڏاڍن جو ڏهڪاءُ.
مان ڪيئن ڪچان.

●●●

اج ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ ويڙهاند، ماڻهو ماري ڪن ٽا راند،
اج ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ ويڙهاند،

●●●

نوڪي ماڻهو نڱي ڪري، تن من آهي روڳ لڳايو.

●●●

ڪين ڪي سمجهون سچ فريب، عجب جڳ جا هِن اسرار.

●●●

هو پيارَ ۽ عشق جو شاعر ڪونهي. جي ائين هجي ها تہ اجا سٺو شاعر

هجي ها. اصل ڳالهه ڪري ها ته مون جهڙا متوالا جهمريون پائڻ شروع ٿي وڃن ٿا. هو ڳالهه پنهنجي معشوق جي پيو ڪري ها اسين هُش ۾ خوش هُجون ها ته ڳالهه اسان جي پيو ڪري. پر ائين ڪونهي. جي هو عشق به ڪري ٿو، محبت به ڪري ٿو ته ڦبيل ڦبيل ٿو لڳي. ٻڪٽي نياڳي جون رڙيون ئي پنهنجيون، اُن جي دانهن ۾ دَردن جو گداز ۾ سوز ئي پنهنجو هوندو آهي. باقي ٿيون رڙيون، دانهون ۾ ڪوڪون- اُهي ڪير ڪيئن ٿو ڪري، ڪير احتجاج ڪيئن ٿو ڪري؟ اُن ڪي اُهو حق هجي ته هو ماتم ته پنهنجي مرضيءَ تي ڪري! ڪالا باغ ڊيم لاءِ ماڻهن احتجاج ڪيو ته مَٿ ۾ دِلا ڪٽي نِڪتا. ڪير مٿي ۾ ڌوڙ وجهي ٿو ماتم ڪري، ڪير مٿو ٿو پٽي، ڪير ڇاتي ٿو ڪُٽي. ڇَڏي ڏيو ماڻهن کي ته دل جو اوبر ۾ باهه ڪڍن. ماڻهن کي احتجاج ڪرڻ ڏيو. پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائڻ ڏيو!

ڇا اِهو گهٽ آهي ته هڪڙو ڊاڪٽر به پاڻ پٽيندڙن ۾ ماتم ڪندڙن سان گڏ آهي ۾ يڪي ٻولي ياحسين لڳي پئي آهي.

مونکي ان جو نثر سُنو لڳندو آهي. آءُ ڪيس چوندو آهيان ته ظالم تون نثر ڇو نه ٿو لکين؟ پر ڊاڪٽر آهي نه. چوي ٿو ته وقت ڪونه ٿو ملي. شعر ته هڪڙي چڪاس ۾ ڪنهن جي ڇاتيءَ تي تپاسٽي رکي به لکي وٺبو.

هو ڊاڪٽر به پلو آهي. مون جڏهن به هُن کي چيو آهي ته ڊاڪٽر مٿي ۾ سور آهي. چوندو ته رات ننڊ ڪانه آئي هوندئي، اج ننڊ ڪجان. ڊاڪٽر اج پيٽ ۾ سور آهي. چوندو اج ڪا بادي شيءِ کاڌي هوندئي. ڊاڪٽر اج چنگهه ۾ سور آهي. چوندو يا گهٽو بينو هوندين يا چنگهه تي بار رکيو هوندئي. ڪڏهن به دوا ڪونه لکي ڏيندو. خدا کي خبر ٻين مريضن سان ڇا ڪندو هوندو؟ چوندو آهي ته ناز! ڪيترا مريض اوڏر رکايو وڃن پوءِ اچيو واهه واهه ڪن. ڊاڪٽر هٿ ۾ ڪا شفا اٿئي ڇا. ربَ ڀاڃهه ڪئي ٿئي. ڊاڪٽر توکي دعائون پيا ڪريون. قرض پڌو. مان وري کيس چوندو آهيان ته ڊاڪٽر ڪتاب پيا ڇپرايون، رسالا پيا ڪڍون. ماڻهو اچيو چون ناز واهه جو ڪم پيو ڪرين. واهه واهه! پيو ڪو اهڙو ڪم نه ڪري سگهندو. ڪتاب ۾ رسالا ڪٽي ويندو. اُن قدردانَ کان پئسا گهُرندي به ڦِڪائي پئي ٿيندي!

هاڻي ڪجهه عرصي کان مان بيمار پيو رهان. ويني ئي ويني دل ٻَڏي ويندي آهي. نيم بيهوش ٿي ويندو آهيان. هڪڙي دفعي ته اهڙي حالت ٿي جو

منهنجا دوست عبيد راشدي ۽ سليم چنا منهنجي حالت ڏسي مونکي ڳاڏيءَ ۾ کڻي هڪڙي ڊاڪٽر وٽ وٺي ويا. ڊاڪٽر مونکي تپاسي چيو ته مون هن حالت ۾ نه معلوم ڪيترا موت ڏٺا آهن. تون جيئرو ڪيئن آهين. هليو ويندين! ۽ پوءِ اُتي جو اُتي مان ايترو ته کليو هوس، ايترا ته ٽهڪ ڏنا هئم جو اکيون ڳوڙهن سان پرجي آئيون هيون. ڊاڪٽر پاڻ پريشان ٿي ويو هو. پر مان دل جو بار هلڪو ڪري چُڪو هوس. پرخوف ايترو ته هو جو لاڳيتو پندرنهن ڏينهن مون دوائون پاڻ سان کڻي، هر هنڌ پئي ڪاڏيون پوءِ پلي سفر ۾ هَجان.

۽ هڪڙي ڏينهن ڊاڪٽر مقبول، زوريءَ وٺي وڃي منهنجي اي. سي جي ڪرائي آيو. آهي ته اکين جو ڊاڪٽر پر مون واري اي. سي جيَ ڏسي چيائين: ”اڙي ناز ڪجهه ڪونه اٿئي. اجايو ڳڻتي ڪئي اٿئي، خدا جا بندا! ۽ هاڻي مان به نَڙُ ٿيو پيوگهمان. ڪوبه فڪر ڪونه اٿم. سمجهان پيو ته بس خير ٿي ويو. دل مون واري سنڀلجي وئي.

دوستو! سنڀلجندي سنڀلجندي جي مون واري دل نڪاءُ ڏئي وڃي ته هن ظالم ڊاڪٽر کي نه وسارجو، جيڪو هينئر مون سان ڪڏ وينو آهي ۽ آئيندي جيڪڏهن هو ڪنهن بيمار کي چوي ته ميان ڪجهه ڪونه اٿئي. رڳو پيو ڳڻتي ڪرين ته اُن يار کي ڪَن ۾ چئجو ته يارَ، اهو مقبول مارو ڊاڪٽر ٿوري آهي. اهو آهي شاعر. اهي شاعر رڳوَ ڏتا ڏيندا آهن. آسرا ڏيندا آهن. خيالي پلاءُ پچائيندا آهن. محبوب جو منهن ڪارو لڳو پيو هوندن، چوندا ته چنڊ پيو منهنجي محبوب ڪان روشنائي وٺي. سو ڀيلي الله جي نالي ڊاڪٽر ۽ شاعر ۾ فرق رکوڀ

● ٢٣- نومبر- ١٩٩٥ع

٢٠- صائم پلازا - هالا ناڪو حيدرآباد

صبح جا ١١

[ ٢٣- نومبر ١٩٩٥ع تي پريس ڪلب حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر مقبول ماروءِ جي شاعري ڪتاب 'اکين ۾ ٿي ويهه' جي مهورتي تقريب ۾ پڙهيل]

● چِپيل ماهوار ڪينجهر

مارچ ١٩٩٦ع

# تقريرن جا مختلف انداز



نازسنائي، ڪئنٽرڪ هال ڪراچيءَ ۾ سائين جي - ايم سيد جي سالگره جي موقعي تي تقرير ڪندي.

۱۷- جنوري ۱۹۷۴ع



نازسنائي، سائين جي-اير سيد جي سالگره تي سنڌ يونيورسٽيءَ
ڄامشوري ۾ تقرير ڪندي.

١٧ - جنوري ١٩٧٥ع



نازسنائي، موريءَ شهيد عبدالرزاق سومري جي ورسيءَ تي تقرير ڪندي.

۱۳- فيبروري ۱۹۷۵ع



نازسنائي، سائين جي-ايم سيد جي سالگره تي سنڌ يونيورسٽي
ڄامشوري ۾ تقرير ڪندي.

١٧- جنوري ١٩٧٦ع



ناز سنائي، ڪوٽڙيءَ ۾ نائين ڪلاس جو امتحان ڏيڻ دوران، ڪوٽڙيءَ
جي شاگردن طرفان ڏنل استقباليه ۾ تقرير ڪندي.

١٩٧٦ع



نازسنائي، عبدالحڪيم ارشد جي ڪتاب " ڏيئا ڏات جا " جي مهورت تي تقرير ڪندي.

١٥- جنوري ١٩٧٧ع



نازسنائي، ڳوٺ مير خان لغاري لڳ سڪرنڊ ۾ ادبي ڪانفرنس دوران تقرير ڪندي.

١٣ - جنوري ١٩٧٨ع



نازسنائي، سکرِيرادل سومري سان ملهايل شام جي موقعي تي تقرير
کندي.

فيبروري ١٩٧٨ع

